# کوکڼ یا کلیاڼ

استاد بخاري



روشني

# ڪوڪڻ يا ڪلياڻ

(بيت ۽ وايون)

## استاد بخاري

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1997ع

www.sindhsalamat.com

A Roshni Book No. 123

ڪتاب جو نالو: ڪوڪڻ يا ڪلياڻ
شاعر: استاد بخاري
ڇاپو: ٻيو© روشني 1997ع
ڪمپوزنگ ۽ پرنٽنگ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ.
ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو
قيمت: 225.00 رپيا
١٥٠/

**KOOKAN YA KALYAN**
**By: USTAD BUKHARI**

Edition: Second © Roshni, 1997
Composed & Printed By: Fine Communication Hyderabad, Sindh.
Published By: Roshni Publication, Kandiaro

www.sindhsalamat.com

## انتساب

امن

انصاف

انسان جي نالي!

www.sindhsalamat.com

او شل، آنڌ، آنڌير تي اهڙو موت اچي!
ڪتنب ڪِيس، ڪَلور مان باقي ڪونہ بچي،
ڏيهان ڏاڍ، ڏچي، وارا ويلَ جَلِي وڃن!

●

www.sindhsalamat.com

# سنائُ


○ نئين ڇاپي لاءِ ٻه اکر — ڊاڪٽر الطاف بخاري — 5
○ پنهنجي پاران — استاد بخاري — 6
○ جهرمر تارا جهول ۾ — سراج الحق ميمڻ — 10


## اُرنيِ آهہَ الکَ


اُرنيِ آهہَ الکَ — 19
عَجَبَ جهَڙيون آنهريون — 26
اک ۾ گهاٽو جيءَ جاڳاٽو — 39
اُتيِ آڌيِ رات جو — 70
عِشق، عَقل جي اور — 80
جيڏهن ڪيڏهن جوت — 90
ڏوڏا ڏيان ڏڪاءِ — 94
رُتِ ۾ رَنگَ رَتيِ — 100


## مَجاز


منهنجي لاءِ مَجاز — 103
اندر ڏکي آڳ — 122
هيءُ جو حُسن حُضور — 141
گلشن گذر گاهہ — 149
آرس پيچي اُوءِ — 151
نوري، ناري نينڻ — 161
گهوريو وڇوڙو — 173
وڇوڙو وصال — 180
ساروٽي سولي ڪٽي — 188
او قاصد ڪانگا — 205


www.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| اُوچو سوچي اچ | 214 |
| اگتڻ آيم اچ | 224 |
| ڪا جا ڳالهه ڳنٽي | 232 |
| ڪامن پلي ڳر | 240 |
| دلبر جو دربان | 242 |
| هٿ ۾ ڏيئي هٿ | 244 |


## موڪي متارا


| | |
|---|---|
| سري ري نہ سري | 255 |
| موڪي تنهنجي منڊ ۾ | 264 |
| سري تي سايو | 272 |
| ڪاڪ ڪَلالي ڪُوءِ | 279 |
| محفل ٿي ميدان | 285 |
| وڏو وهم ۽ وات | 291 |
| پيئڻ، پيارڻ پُن | 300 |
| ڪاهوڙي ڪيڪار | 306 |
| وسڪي، جن، وڊڪا | 317 |


## دردن دوائون


| | |
|---|---|
| بيمارين جا پيد | 323 |
| اندرئي انسان اندرئي حيوان | 337 |
| ڏاڍو ٿيو ڏکندو | 342 |
| ڊوليا ڊاڪٽر | 346 |
| ڊوها ڊاڪٽر | 355 |
| ويچ وڏا وهوا | 359 |
| ڏڏن ڏنين وچ ۾ | 362 |
| ناهي ڪو ناسور | 365 |
| آسارو اڪسير | 371 |
| ثاني سرجڻهار | 379 |


www.sindhsalamat.com

# نئين ڇاپي لاءِ ٻه اکر

بابا سائين استاد بخاريءَ جي ڪتاب ”ڪُوڪَ ۾ ڪيلاءَ“ جو ٻيھريون ڇاپو، سنڌالاجيءَ طرفان پڌرو ٿيو، جيڪو ڪافي عرصي کان مارڪيٽ ۾ اڻ لڀ ھيو. ان ضرورت تحت روشني پبليڪيشن طرفان ھي ٽيون ڇاپو ڇپائي پڌرو ڪيو پيو وڃي. ھي ادارو بابا سائينءَ جا ڪتاب جنھن پيار ۽ جذبي سان ڇپائي پيو ان لاءِ اسين سندس ٿورائتا آھيون.

بابا جي اڻ ڇپيل ڪتابن جي پڌري ٿيڻ کان پوءِ سمورو مواد نئين ترتيب سان ڇپائڻ جي تمنا آھي. ان سلسلي ۾ محترم علي نواز گھانگھرو ۽ علي دوست عاجز جو ساٿ ھميشه رھيو آھي ۽ رھندو.

علي دوست ۽ بابا جو رشتو ادبي ۽ روحاني ھو، پر ھن سان اسان جو رشتو پائرن وارو آھي. ھو اسان جو سڀني ڀاءُ آھي، تنھن ڪري ھي سڄو ڪم سندس فرض ۾ شامل آھي.

اسان جي ڪوشش آھي تہ بخاري سائينءَ جا باقي ڪتاب بہ پڙھندڙن تائين جلد پھچايون، جيڪا ھن قوم جي امانت آھي.

ڊاڪٽر الطاف بخاري

استاد بخاريءَ جو گھر- غريب آباد- دادو.
10-9-1997

www.sindhsalamat.com

وارا به آهن ته جديد دور جا به. مئي ۽ ميخاني جو بيان الڳ الڳ زاويي کان ڪيو ويو آهي. متارا مرد آهن، مشتاق آهن، تتل تاسا پياسا آهن، دانا به آهن ته مستانا به، فنڪار، قلمڪار، پريتوند پورهيت به آهن. جن جي آجيان ميخاني کي ڪرٽي آهي ۽ ڪرٽي پوندي.

• درد، دوائون: درد آهن ته دوائون به آهن، مرض پراڻا نگرا ناسور به، ته نوان پڪڙيل به. انساني ذهني، نفسياتي بيمارين ڏانهن به ڪي اشارا ملندا. ڊاڪٽر ڊوليا به ته ڊوها به. بهرحال اپاءَ ۽ علاج جاري رهندا. جيستائين بيماري رهندي، حيلا به هلندا رهندا. ڪوبه آواز لاعلاج ناهي! جيڪڏهن اٽندي ئي اپاءُ، سچاڻ ۽ علاج ڪيو وڃي ته اميد، عزم ۽ صحيح عمل اڪسير سمجهڻ گهرجن. ڪتاب ۾ بيماريون اهڃاڻ طور به استعمال ڪيل آهن. تان جو ڪن آزارن کي هن وقت سنڌ ۾ ڌاڙن، ڦرن لٽ، اغوا، قتل غارت جي تمثيل طور پڻ ڪتب آندو ويو آهي.

• معاشري ۽ ان جي مسئلن تي لڪل ٽوڪ يا چٽر کان سواءِ کُليل ٺٺول کان به ڪم ورتو ويو آهي. جنهن لاءِ مجاز ۾– ”ڪامن پلي ڪر“، ”دلبر جو دربان.“ موڪي متارا ۾ ”محفل تي ميدان.“ ۽ درد دوائون ۾ ”ڊوها ڊاڪٽر“، ”ويد وڏا وهوا“.

• هر باب يا داستان جي بيتن جو منطقي نتيجي تي پهچڻ لاءِ گهڻو ڪري، اڳتي کان اڳتي اوسر ٿئي ٿو. هر موضوع جا آخري اڪثر ڪري نتيجي خيز يا فيصلي ڪن نظر ايندا. هوندي به هن ڪتاب جو پيٽو ڪٿي ڪيترن به رنگن ۽ شيڊن وارو ڏيک ڏئي، پر تاجي هر صورت ۾ ارتقائي رجحان ۽ روشن خيالي جي ترجمان نظر ايندي.

• وايون: وائي هڪ ڪلاسيڪي صنف به آهي ۽ وائي جي معنيٰ آواز يا ڪلام به آهي. وائيءَ تي موضوعاتي نواڻ کان ويندي گهاڙيٽي جي جوڙجڪ ۽ ٺاهه ٺوهه تائين نوان تجربا ڪيا ويا آهن. اهو به لحاظ رکيو ويو آهي ته جهڙي مقصد جا بيت اڳ ۾ ڏنل هجن، وايون به ان جي پنيرائي ڪندڙ هجن، انهيءَ مراد سان ته جيڪا وائي ڳائجي ته ان جا بيت به پَر ۾ ميسر هجن، يا بيت آلاپجن ته انهن لاءِ وايون موجود ملن.

• ڪراچي ٿي. ويءَ تان ڪنهن سگهڙ کان به ٿي اهڙا بيت ٻُڌم جن کان متاثر ٿي ”ڌرڙي جي به ذريءَ... وارا بيت لکيم.“

www.sindhsalamat.com

"اياز هنِ مجموعي ۾ مختلف گهاڙيٽن جا تجربا ڪيا آهن، ۽ ڪامياب تجربا ڪيا اٿس. جاڪاڻ تہ اياز شعر جي هنرمنديءَ ۾ بہ وڏو ڪاريگر آهي، پر تڏهن بہ منهنجي خيال ۾، اهي ڌاريان گهاڙيٽا، جيڪي اسان جي پنهنجي ڪلچر جو حصو بنجڻ جي صلاحيت نہ ٿا رکن، انهن تي تجربا ڪرڻ مان ڪارج يا سڦلتا نٿي ملي. اياز جهڙو وڏو شاعر انهن کي نڀائي تہ وڃي ٿو، پر پڙهڻ کان پوءِ ڪا ڳالهہ ڪٽل، غير مڪمل يا اڌين چٽجي تہ اڻ ٺهڪندڙ لڳي ٿي.

(چنڊ چنبيليءَ ول- ص 11)

هڪ ٻئي حوالي سان بہ شاعريءَ کي جاچيو آهي، پرکيو آهي، ۽ سو حوالو آهي جذباتي يا احساساتي ماحول جو. هر ٻوليءَ کي پنهنجو هڪڙو مخصوص ماحول هوندو آهي. ان ۾ زمان ۽ مڪان جي احاطي ۾، احساس ۽ جذبن جو دائرو خاص اهميت رکي ٿو. ان ماحول جي پيش منظر ۽ پس منظر ۾، ٻوليءَ جي گهرائي، جذبن جي سچائي ۽ سُر ۽ وزن جي خوبصورتي جي ٽہ- پاسي هم آهنگي (Tri-dimensional harmony) ڪنهن شاعر کي عظمت جي اها سَنَدِ ڏيندي آهي. جيڪا هن کي تاريخ ۾ مستقل جاءِ وٺي ڏيندي آهي. پر هتي آءٌ وري بہ اجتماعي حيثيت جي اهميتَ کي ورجائڻ گهرندس. ان ئي معنيٰ ۾ مون اياز لاءِ لکيو هو تہ:

> "اياز جو استعارو البت ڪٿي ڪٿي اهڙو ڳوڙهو ۽ غير عام ٿي ٿو وڃي، جو ان خاص ديو-مالا جي رکڻ کان سواءِ، هرڪو پڙهندڙ ممڪن آهي تہ ان جي اهميت ۽ تہہ تائين پهچي نہ سگهي. پر اياز جو اهڙو شعر آهي بہ انهن پڙهندڙن لاءِ، جن کي ان جو ادراڪ آهي."
>
> (چنڊ چنبيليءَ ول- ص 11)

اهي آهن اُهي معيار جن تي آءٌ، شاعر نہ هوندي بہ، شاعريءَ کي پرکڻ، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. ممڪن آهي تہ ڪي شاعر همراهہ انهيءَ پرک يا سمجهاڻيءَ سان متفق نہ ٿين، پر دنيا جي سموري ادب ۾ انهن ئي معيارن کي اهميت آهي.

سنڌ ۽ سنڌي ٻولي ان نقطئہ نظر کان بختاور آهن تہ اسان وٽ ڪوڙ سارا عظيم شاعر پيدا ٿيا آهن. اها بختاوري ان حقيقت جي باوجود آهي تہ سنڌ جو وجود هر دور ۾ جوکن جي پل صراط تان لنگهندو رهيو آهي، ۽ سنڌي ٻولي، پنهنجي انتها شاهوڪاري ۽ جديد زماني جي ساٿ ڏيڻ جي امڪانن (Potentialities)

www.sindhsalamat.com

جڳائي، پر آءٌ سمجهان ٿو ته استاد بخاري وائيءَ ۾ جيڪي خوبصورتي، لئي ۽ توازن جا تجربا ڪيا آهن، سي بي مثال آهن. ان سان گڏوگڏ هن ڪٿي به پنهنجي شعوري پيغام ۾ جهول ٿيڻ نه ڏنو آهي. اها وڏي ڳالهه آهي. اياز جون ڪي ڪي وايون ڇرڪائيندڙ محسوس ٿينديون اٿم، پر استاد جي هر وائيءَ ۾ نئون حسن محسوس ڪيو اٿم.

انَّ ڳالهه جي اهميت ان ڪري به وڌيڪ آهي جو اسان جي ڪلاسيڪي ادب جي سردارن– شاهه عنايت، لطيف ۽ سچل جي دورن ۾ سُرن، داستانن ۽ مضمونن کي تصوف ۽ وحدت الوجود جو وسيع دائرو حاصل ٿيل هو. استاد بخاري ويهين صديءَ جي شعور کي ساڻ کنيو آهي، جنهن جو دائرو اڄان اسان وٽ تمام محدود آهي. ان ڪري تجربي ڪندي وقت استاد جو قلم ضرور ڪنبيو هوندو.

استاد جي ڀرين ٿي وائي ڇرڪائڻ جهڙي آهي. ان ۾ نئون شعور ته آهي ئي، پر ان جي ڳهاڙيتي ۾ جيڪا نواڻ آهي، سا پنهنجو مَٽ پاڻ آهي–

ازَلَ، اَبدَ جا، حَدَ بيحَدَ جا،
پَلڪ پَلڪَ پاڇا،
اڪ آئينو، اڇرج سينوءِ

سَوَ سمجهائيون، پر هَٽَ هائيون،
ڇا ۾ چوين ڇاڇا،
اڪ آئينو، اڇرج سينوءِ

ان وائيءَ ۾ بنيادي ڳالهه اها آهي ته هڪ پاسي نئين شعور جا پاڇا ۽ پاڇولا آهي ته ٻئي طرف سطح عوامي آهي ۽ ڳوٺاڻن جي سمجهه سان مطابقت ٿي رکي. ”ڇا ۾ چوين ڇاڇا.“ اهڙي ڳالهه آهي، جيڪا عوامي شعور جي سطح تي مخاطب ٿيڻ جو انداز آهي ۽ ان کان سواءِ ان ۾ اندرين موسيقيت به عوامي انداز جي آهي. ان وائيءَ کي لئه ۾ جهونگاري ڏسو ته ڳالهه سولي ٿي پوندي. منهنجي خيال ۾ ڪلاسيڪي ادب کان سواءِ سنڌين جي سڄاڻ سگهڙن جي روايت کي به استاد نهايت ادب سان اختيار ڪندي، اها نواڻ پيدا ڪري سگهيو آهي. لفظن ۽ ترڪيبن جو حسن به عوامي آهي، ”هٽ هائيون سمجهائيون“ اهڙي ترڪيب آهي جو واهه واهه نڪريو وڃي.

www.sindhsalamat.com

## آرنپ آهه الک

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

## آرنڀُ آهه اَلک *

○

الله ئـي آول، الله ئي آخِـر،
اچرج، روز آزل، عبرت، اِينگهه اَبد تي.

○

وقت، وَٽون، ٺانءَ ٺاڪَ، سارهَه سرجڻهار جي،
اِحساس ۽ اِدراڪَ، هائِس ۾ حيران ٿيا.

○

آرنڀ آهه اَلک، جنهن جي لِک نه لک،
لکيـن رکيل ڪَک، اِنهي اُونهي اَرٿ تي.

○

اول آهه اَٿاهه، آخِر ڪهڙا ٿاهَه؟
حيرت تي حيرت وِتي، سُرت، سَمڪ، ساڃاهَه،
علم، عقل جي ڪاهَه، اجا اوراهين رهي.

○

آرنڀَ جي اهڃاڻ جي، سوڪي ناهه سُڃاڻ،
سگهجي سمجهي 'سو' نه ٿو، سهسين سمجهڻ ساڻ،
اجا ڄاڻ اجاڻ، اِنهي اُونهِيءَ اوک ۾.

---

* آرنڀ: مُنڍ، شروعات، اول. اَلک: غير محسوس، غائب، بي نشان، اڻ لکو.
وقت: زمان. وَٽون: ساز سامان، مادو. ٺانءَ ٺاڪَ: مڪان. هائِس: حيرت، تعجب.
اَرٿ: مطلب، مقصد، معني. اوک: ڄاڇ، کوجنا، تحقيق.

www.sindhsalamat.com

○

پاڻهي ٿي پاڻهي، سرجڻ گهرجي ڪِي بہ ڇو؟
پاڻهي پاڻهي ٿي پيو، ’هيج هُئڻ‘ ماڻي،
ٿِي، جيڪي ٿيندو رهي، جاڻ اهو جاڻي،
آهي ڪو آڻي! اڳي، پوءِ جي آنهري؟

○

جَر، ٿَر، اَنبَر ٿانءُ، جُڙي جرڪيو خير سان:
ڪڏهن آيو، ڪيئن هيءُ هيڏو ڏاهو ڏانءُ؟
هُئڻ تُنهنجو هانءُ! ’حيرت حيرت‘ پيو ڪري.

○

ڳائي: ڏِسڙ، ڏاڪ؛ ڪِيرتَ: قطب، ڪهڪشان!
ٻَنسي ڪنهن جي ٻاڪ؟ شفق ڪنهن جي شاعري؟

○

عَرشان، فرشان، ڪَشِشان، اڇي ڪا ارتاڪ،
سوچون ڪنهن جي ساک؟ شَيون ڪنهن جي شاهديٰ؟

○

هستيءَ ڪي ڪنهن جي هٿي؟ ٿاڻي ڪنهن جي ٽيڪَ؟
ڪڏهن ۽ ڪاٿان مليا، سورج توکي سيڪ؟

○

آرنبِ رَندُ اَننت، ۽ آخر اِينگهہ آگهورُ،
باقي وِچُ ٻچيو سو بيشڪ پَنيو پُور،
نِسري اُسري نورُ، اونداهي انڌڪار مان.

---

اَنبر: اُڀ، آسمان. ڪيرت: ساراهَ، تعريف. ارتاڪ: شاهدي، ڳواهي، ساک.
هٿيِ: مدد، سهارو. رَندُ: رستو، پيرن جو نشان، نقش قدم. پَنيو پُورُ: خوبصورت، سهڻو.

www.sindhsalamat.com

○

ڪينهي جيڏي ڪوپري؛ حيرت ۾ حيرانُ،
ڪيڏو اهل ڪمال ۾، عقل سان انسان!
شوق شعوري شان، چوڏاري چمڪي پيو.

○

ڄا ڄا ڀُوت ڀَريت، ۽ ڄا ڄا دي دِگران!
منهنجي معلومات ۾، ماڻهو مانَ مَهان.

○

تِيئن وڏي تَپرسُ، جيئن اُجاريون جاچ ڪي،
ڪيڏهن تنهنجو ڪهڪشان! گهمندو وڃي ڳسُ؟
ڏسن پويان ڏسُ، پُرجهڻ ڪان پوندو هلي.

○

تِيئن گهڻو تَپرسُ، جيئن اُڌاريون جُوهَ ڪي،
آزل، ابد اورتي، پرتي ڄاهي پَسُ؟
اوسرَ توکي جَسُ! ووڙئون ووڙ وڏي پئي.

○

ڪائناتي ڪُلُ، سمجهي جُزُ جڏهن!
ماڻهو مُهِم مَهان تي، هَتڪيو ناهِي هڏهن،
تون بي تَنبُ تڏهن، صاحبَ، سوڀَ پري سُجهي!

○

ڪائناتي ڪُل، سُرت پلي سُونجهي؛
سمجهئي مان سمجهي گهڻو، سَرس سدا سَمجهي،
پَنو جو پُرجهي، ديباچو ديوانَ جو.

---

پَريت: جِنُ، خبيث روح. دي: ديوَ. دِگران: زورآور، طاقت وارا. تپرَسُ: اچرج، حيرت.
مُهِم: مشڪل ڪَمُ، وڏو ڪارنامي جهڙو ڪَم. تَنبُ: تپا ڏي (خوشيء ۾).

www.sindhsalamat.com

○

ڪائناتي ڪُل، ڪيئن ڪو جُزُ ماڻي!
ڪاتي ڏڪ صديءَ جي، ڪاتي تڪ تاڻي؟
پاتاران تاڻي، آڪاسان اُڪري تہ ڪو!

○

ڪائناتي ڪُل، ڪِرڻو ڪِرڻو ڪهڪشان،
سو تو باغ گهميو سَدِّيون، جو تو سُنگهيو گُل!
ماڻڻُ وَقت وٿاڻ ڪي، ڄاڻڻُ ڪٿي ڄَلُ،
هيڏان هوڏان هُل، ماڻهوءَ معلومات جو.

○

اڳيان ٻوڙيءَ ڪهڪشان، انڌا ها ايوانَ،
بي سوچا ڀونچالَ ۽ بي سُرتيا طوفان،
انهن مان انسانَ، مُندون ماڻيندا هلن.

○

حَرڪَت مان بَرڪَت بَني، بيچيني ڀَرپورُ،
جهَرندي، جُڙندي تي هلي، دنيا جو دستورُ،
ٻُورن مان ٻوٽا ڦٽا، ٻوٽن وچان ٻورُ،
پاڻيءَ منجهان پُور، مادي منجهان مامرا.

---

تَڪَ: حَد نشان، ليڪو. وٿاڻ: مڪان.

www.sindhsalamat.com

○

مِٽي، پاڻي مَنڊ ۾، اڻ ڪان پوءِ انسان،
ٿُبڪي جي تيهين پَتيءَ جيڏا جيوَ جَوانَ،
اِرتقا، اعلان، ماڻهوءَ مانَ ڪندي هلي.

○

سارَهَ ڪان سُرهو گهڻو، نُوري تُنهنجو نانءُ!
اَدب وِچان آنءُ، ”نالي مِنو“ ڪوٺيانءُ.

○

بَشر ڪوڙ، بَشيرُ ڪو ڪو ڪامِل ڪارڻي،
اُنَ جو ڪونہ نَظيرُ، جنهن ڪي اونَ جهانَ جي.

○

جُڙيو سو ڄڪرو، جيڪو جَرڪَ جَهانَ جي،
اُمِيُ، لَک آڪرو، صاحب عِلم، عَمل جو.

○

پُونءِ اُنهن جي يانَ، يَلو ڪَن جي پُونءِ جو،
هِيرُون، سُرهاڻيون ثنا، بَحر، بَر بَيانَ؛
قَمرُ ڪري ڪِيرتُون، شمسُ ورهائي شانَ،
مِنم مِني جا مانَ، ڪيچان ڪيچَ ڪلام ۾.

---

نالي مِنو: حضرت محمد ﷺ کي ادب وچان چوندا آهن.

بشيرُ: خوشخبري ڏيندڙ، ڀلي خبر ٻڌائيندڙ. نظيرُ: مَٽ، مثال.

يانَ: ڪِيرتون ڪندڙ قمر، ثنا خوان. ڪلامِ: قرآن شريف.

www.sindhsalamat.com

○

يَلن ڪان بہ يَلا گھٽا، اُنهن ڪان بہ يَلو،
جيڏا، اهڙي جُوانَ جو ڳوليو ڳڻ ڳلو!
سَرتا ست هَلو! پَسو ديرو دوسَ جو!

○

آحمد اُهگِ هزارَ، گوتَم ڏيان، گيان ۾،
عِيسيٰ ڪي عِرفان ٿيو، مُوسيٰ آجا آرَ،
ڪِرشن رامَ ڪئي ڏنا، آرجن ڪي آچارَ،
ڪَنفيوشس جون ڪوشِشون، زرتِشتي ويچارَ،
مزدڪ جا نُڪتا نوان ابوذر اظهار،
مارڪسي مَنشوز تي، لينن جي لَلڪار،
مائُو جي مردانگي، سوچ ڏني سنسارَ،
سَمي پاتا سوييَ جا هوچي مِن ڪي هارَ،
پنهنجي پنهنجي وَقت جا وِيرَ وڏا وينجهارَ،
پيدا ٿيندا پاڻ مان مَرد اجا مهندارَ،
حِيلا لک هزارَ، ماٺهو ماٺهن لَئہ ڪندا.

○

ٻاهر آنبَرَ آرُ مان، اندر ڏرتي آنءُ،
جهڙو روپُ جهانَ جو آهڙو منهنجو ٿانءُ،
نُوري، خاڪِي نانءُ، فانِي، باقي دائرو.

---

اُهگِ: سنگِنڌ، سرهاڻيون. انبَر: آپ.

www.sindhsalamat.com

○

’جيڪو آهيان سو‘ ، مُون بہ چيو مجبور ٿي،
پاڻ نہ ڄاڻان پاڻ کي، ڪوهُ سڃاڻي ڪو؟
پَر، مان پانڌي پيار جو، ڪنهن بَر ۾ ٻُنڪان ڇو؟
سِڪَ ڪِيم سُرندو، ڳايم ڳيچ ڪلياڻڪا.

○

منهنجو مُرشد مَنُ، مَطلبَ مُرتد ناهيان،
ڏانءُ ڏِهاڙي ڏنُ، ڏيندو رَهندو ڏاتِ کي.

○

مُنهنجو مُرشد مَنُ، مَجي مَت مُريدَ،
سُهڻي سوچَ سَعيدَ، سُونهون سچ ڏئي ڇڏيو.

○

جيڪي ٻڄي ٻُتَ، پُوڄائِن پنهنجو پنڊو،
اهڙا پيلا پُتَ، پڃين پورَ ڪرين نہ ڇو؟

○

پَڃي پورَ ڪرين نہ ڇو، پُٽا پيلا، ٻُتَ؟
هٿجي هاڃي - هانءَ ۾، گهاتُنِ واري گهت،
ڪوڙيون تن کي ڪتَ، ڪوتيءَ ڪوڪيءَ آڪ ۾.

○

ڪوهُ: ڇا. مُرتد: مُلحد، ڪافر. سعيد: ڀاڳوند، ٻختاور، خوش نصيب.

www.sindhsalamat.com

# عَجب جهڙيون آنهريون

○

آندر ۾ آهينِ، عَجب جهڙيون آنهريون،
پل پل پسائينِ، اوِلن ڏواران اولِڙا.

○

اِدراڪن ۾ عَڪس ڪو، پُرجهڻ ۾ پڙلاءُ،
اوسرَ ڌارا سوجهرا، اُپريو اڳنان آءُ!
اسان آهِه اُهاءُ، اُڇليو ڏنڌ، ڏڪاء تي.

○

آءُ سو آئينو، تَڪيو جو تڙپيو پوي،
سبوڙهو ڪِٿ سِينو؟ تاٿو، تاٿو ٿُپڪڙو؟

○

ماٺهوءَ جي مَستي مَتِي، بَحر مٿان بوڙيو،
پاڻِي، سينورَ، واءَ جي جوڙ اِهو جوڙيو؛
تانءِ پَريو توڙيو، هڪڙي لوهَ لهرَ جي.

○

ماٺهوءَ جي مَستي بني، ماٺهن جي مَستي،
قطرا قُلزم تيو پَون، پاڻِيءَ ڪا پَستي؟
سُونهين سعيي سوچَ سان هيءَ ساري هَستي،
پينگ لڳي بَستي، هي جي هوشُ هڇي وڇي.

---

اوِلن ڏُوراران اولِڙا: عڪس مان عڪس. تاٿو، تاٿو: زمان، مڪان.
تانءِ پريو: هٺ پريو، تڪبر وارو، مغرور. قُلزم: سمنڊ.

www.sindhsalamat.com

○

ماڻهو مورُ مَلوڪُ، مِڙئي مَخلوقات ۾،
هِن ڪان سَرس سُلوڪُ، سالِڪَ، سَلجي ئي نٿو!

○

لَهرن مٿان لِيڪَ، بيهارين ٿو بانورا!
آڏو آندي اُڀَ جي، آڪ رُئي اوريڪَ،
چَڪوراٽي چيڪ، ڪير چُپائي چندَ کي!

○

سو هيءُ سانت، سُڪون، توڙي جوشُ، جُنونُ،
منهنجو فِڪر، فُنونُ، شاهد عشق عميق جو.

○

ڪوجها رُمَ رقيب، يا قاصِد، عِشق، عجيب،
هو ءِ هِي حبيب، ساڪي تنهنجي سونهن جا.

○

ڪوئِل ڪَنڇي، ڪانءُ، گونجي ٿين گواهَه،
هِيءُ جو منهنجو هانءُ، دَهڪي، سو بہ دليل ڪو!

○

ويني، بيني، ماٺ، ڪونَنِ پنيان ڪوٺَ،
ڳجهيون ڳالهيون ڳوٺَ، ٻَڌي ويٺيون ٻُوجهہ ۾.

---

سُلوڪَ: رستو، نيڪ عمل، ورتاءُ، رَويو. اوريڪ: سخت برسات.
چڪوراٽي چيڪ: چڪور پکيءَ واري دانهن. ڪوجها رُمُ: بدشڪل ڪارا.

www.sindhsalamat.com

○

ٻَڪي ٻاڪ، ٻَهار ٿِئي، جِهرڪين جي جهُون جهُون،
وِسڪي واسَ، وَرن تي، ڀَونرا ڪن ڀُون ڀُون،
گونجي ڀُونءِ، گگن ۾، هَستيءَ جي هُون هُون،
تَنهن پر دل ۾ تُون، جَنهن پر جوتِ جهان ۾.

○

ڳاجُون، ڳل ڦل، ڳاهَہ، هُڳاءَ هُل هِٺَڻ جا،
تَڙِپَڻ، تَند، تنوارَ جا، گرجڻ، گِيت گواهَہ،
هي جي سَهڪا ساهَہ، نَعرا جِيوَن نينهن جا.

○

سَمجهُون سَمون سَڄُ؟ رَهندو ڄُڄُ جَهانَ جو؟
پانيُون مُنڊِي ماندوو؟ سوچِيُون سورج رَڄُ؟
ڪونيون ڪُرو ڪَڄُ؟ ڪَهُون ڪَڏندو ڪيٽرو؟

○

پَانَئَڻُ پَنواتيُون، ڪاٿِڻ لڳو خيال ۾،
قُلزم ڪائنات ۾، مُعلم جَڻ ماتيون،
پَهرن جون پاتيُون، ماپن آدَجَڳاد ڇا؟

○

پَانَئَڻَ بولاتيون، ڪاڏيُون، خلاءَ ڪيڙ ۾،
ڪيڏهن ڪير ٻُٽيو وڃي، لاٽُون ٻُوساتيون؟
ڏُوريءَ، ڏُونهانٽيُون، ڇاتِيون پنهنجي ڇاڻ جون.

---

ڄُڄُ: ڪاڄ، شاديءَ جي مجلس.
ماندوو: ماڻڊو، سائبان، آسمان.
پانئڻ: آپو، هستي، خود پسندي.
ڪيڙ: ڳولا، تلاش.
خلاءَ ڪيڙ: خلائي ڳولا، آسمان جي تلاش.

www.sindhsalamat.com

○

ٻانئڻ پِنواتيون، ڪايو پو ٻه ڪِڙيو پوي،
چُريو چَرخو پيو چلي، ڪَتيون ڪي آتيون،
جوتُون، اوتُون، جيوتُون، گھٽيون ئي گھاتيون،
چچريون، چيپاتيون، جوڙون جُنگ لڳيون هلن.

○

گولا، تنهنجي گھومَ، گرمي، سَردي شاهدي،
جڳ جهَجهيري جهُومَ، عاشوري يا عيد تي!

○

الائي چا اڳ؟ پَتو ڪهڙو پوءِ جو؟
جاني، مانِ جڳ! جيڪو تُنهنجي جُوهَ ۾.

○

مُندان مُند مُسافري، آدجڳادي دڳ،
وِڳن پويان وڳُ، سالن، صدين جو وهي.

○

جڏهن آدَجڳاد جا، جَڪِڙن زور زَنجيرَ،
تَڪِن تارا موت جا، تَن تي سِڏا تِيرَ،
نوڪِن فِڪر فَنا جا، ڪيپراتِيءَ ۾ ڪِيرَ،
تَڏهن گهرجي جيڏيون، سَڙهئي ساهَہ، سريرَ،
ڌرتيءَ جيڏي ڌيرَ، آنبر جيڏو آسرو.

---

آتيون: ڍيريون. گولا: ڌرتيءَ جا گولا. ڌير: دلداري، دلبري، دلاسو، سهارو.

www.sindhsalamat.com

○

عَقل، اوري آچُ، اُتي آدجڳادِ مانُ!
جِيوَت - جوت هِتي، اتي پنبَ پنواتي، بَچُ!
نَظارن جي نِرڙ تي، نَظر بنجي نَچ!
محبت ماٺج مَچُ، ڪائج پيئج، ڪيجَ ڪج!!

○

پَيانَڪ بلئڪ هولُ، ڳاڙها ڳُڙڪايو چڙي،
جوتُور جنيپندو وجي، پانپ نہ پرجي بول،
بر لانيون پون - گول، ڪائي پيو تنهن خوف ۾.

○

پَيانَڪ 'بلئڪ هولَ'، ٻُچا، ٻَچُون تو ڪرين!
ڏنا ڏيهَنِ "جول" ۾، دوها تنهنجا دول،
ٽاٽا، ٽاٽا، ٽول، ڏچا، ڏهڪايو چڙين!

○

پَيانَڪ 'بلئڪ هولَ'، مَتو تو مَستيون ڪرين!
چڙهيل تنهنجي چال تي، ڪوٽا ڪيڏا خولَ!
پليل تنهنجي پولَ، جَلدي لهندِي جوت ڪان.

○

پَيانَڪ 'بلئڪ هولَ'، متان تون مستيون ڪرين!
ماٺهو مَت مَهان تِي، عشق، عقل آڻ مول،
جيوت جوت اُجارجي، ڳوڻئين ڳَلئين ڳولَ،
تُنهنجا ڏجها، ڏولَ، سَمڪ، سَگهہ سڙهي سگهي.

---

ڪيج: خوشيون، مزا. بلئڪ هول: ڪنهن ڪَهني تَتل ستاري جي گَرد اهو علائقو جنهن مان روشني بہ نڪري (گذري) نہ ٿي سگهي، (جيڪو روشني ڳڙڪايو وجي.)
"جول" : ج = جپان، و = ويتنام، ل = لبنان. خول: ڪوڪلائي، خلا، تَهہ.

www.sindhsalamat.com

○

ڪَهڪشان ڪِشڪول، جهرمِر تارا جهولَ ۾،
اوتر، اوجهڙ، زلزلو، ڪڏهن ڪو پڙڏول!
لُڏن لاٿُون لاڏليون، چاهَت جي چوڏول،
چوڏاري چوپول، ڪَشش، قُرب، ڪمال جو.

○

ڪِڪڙيءَ مان خوشبُوءِ، سُنگهي سُرت سگهي،
پَسج پِپ پيلاڻ ۾، ڪهنبِي، روبي روءِ!
هُٽِڻ تنهنجي هُوءِ، هميشه هوندي هُئِي!

○

ڪشڪول: ڪشتو، جهولي

www.sindhsalamat.com

## وايون

ازَل، اَبَد جا، حَد بيحد جا، پَلڪَ پَلڪَ پاچا،
آڪ آئينو،
اچرج سينو.

فَرش تماشا، عَرش الائي چا! چا مان ٿيا چا چا!
آڪ آئينو،
اچرج سينو.

پوءِ تي پوءِ اچون تا 'پاپا'! اڳ ڪنهن اوڳاچا؟
آڪ آئينو،
اچرج سينو.

ڪاٿان 'تِيءُ' ۽ 'تِيٿيون' ڪيتر؟ ڪير ڪري ڪاچا!
آڪ آئينو،
اچرج سينو.

سَوَ سمجهاٿيون، پر هَٺ هاٿيون، چا بہ چوين چاچا!
آڪ آئينو،
اچرج سينو.

جيڪا جانِ جهانن جي آ، سا شَڪتي آ چا؟

●

پاپا: پوپ، عيسائين جو وڏو پادري. هَٺ هاٿيون: هوڏ يا ضد واريون. شڪتي: طاقت.

www.sindhsalamat.com

●

جيئڙو جهُومي،
مَنڙو ڏُومي، هِينئڙو تيو حيرانُ، هَٿ هَٿ-
هينئڙو تيو حيران!

سوچَڻ - ساگر کي ڇاڇولي، تانگهڻ جو طوفانُ، هَٿ هَٿ-
هينئڙو تيو حيران!

حُسنَ - هوا ۾، عشقَ - أهاءَ ۾، جانِي ڪو جيئندانُ! هَٿ هَٿ-
هينئڙو تيو حيران!

ويڙهيو ويروتار وَسنئن ۾، ويچارو ويرانُ، هَٿ هَٿ-
هينئڙو تيو حيران!

ڄَرڪِي ڏيئو جوت ڏئي پيو، اِيئن جئين انسانُ، هَٿ هَٿ-
هينئڙو تيو حيران!

عِشق ڪري آسانُ بلائون، عشق ڪتي آسان؟ هَٿ هَٿ-
هينئڙو تيو حيران!

آدجڳاد "استاد" اسان جي، آسُن جو ايوانُ، هَٿ هَٿ-
هينئڙو تيو حيران!

●

ڏُومي: ڏومائون ڪائي. آسُن: آشائن، اميدن.

www.sindhsalamat.com

•

ميڙوئي مَنصورُ، يارو!
هَٽ هَٽ هَوڪو حَق حَق!
حَق حَق!

تارو تارو، پارو پارو، نعرو ماري نُورُ، يارو!
هٽ هٽ هوڪو ... ...

جو مون جهوليِ: هورُ يا هولِي، حاضر آهه حُضورُ، يارو!
هٽ هٽ هوڪو ... ...

جهَنگل ڪان تو مَنگل تائين، اُڏري پنهنجو پُورُ، يارو!
هٽ هٽ هوڪو ... ...

ڳايو پيارُ، ڳٽايو پورهيو، چايو چَنگ، چَنجورُ، يارو!
هٽ هٽ هوڪو ... ...

سَهج ڏنوسون سِيمَ، سَمي کي، پاڻ سَنوسون سُورُ، يارو!
هٽ هٽ هوڪو ... ...

جُوءِ جڏهن هيءَ گهُمجو، مِلجو، سَرمَد ساڻ ضرورُ، يارو!
هٽ هٽ هوڪو ... ...

ووڙَ، ولاڙون جنهن جي وَس َ۾، ڏس نہ تنهن ڪان ڏورِ، يارو!
هٽ هٽ هوڪو ... ...

آچي تو "اُستاد بخاري"، شُعلو شوق، شعُور، يارو!
هٽ هٽ هوڪو ... ...
حَق حَق!

•

---

هور يا هولي: غم يا خوشي. جهَنگل ڪان منگل: زمين ڪان آسمان.
سَرمد: مشهور صوفي، جو قتل ڪيو ويو.

www.sindhsalamat.com

•

مون ۾ 'تُون تُون'، تو ۾ 'مان مان'،
آ تہ ڇڏي ڏيون 'تُون تون' 'مان مان'!

مان ئي بيابان،
جنهن جي هَنج ۾ خُوشبو خُوشبو، تون ئي خيابان!
آ تہ ڇڏي ڏيون ...

ڪامڙُ نہ جانان!
سونهن ۾ سِڪَ جي راند رَتيءَ ۾، مان تو ڪامان!
آ تہ ڇڏي ڏيون ...

دِلبرداران،
منڙو ماندو، دلڙي واندي، پاندو 'پان پان'-
آ تہ ڇڏي ڏيون ...

تو بن نغمان،
گِيت گلابي، سازَ مِنا سِي، ڪانوَنِ ڪان ڪان -
آ تہ ڇڏي ڏيون ...

محبت مان، مان،
تون ئِي ساڪِي سُهڻا ساقي! مُورُ نہ ڍاپان -
"استاد" آهيان،
آئون آڌورو ۽ اڌ پورو، سارو توسان -
آ تہ ڇڏي ڏيون 'تون تون' 'مان مان'!

•

---

خيابان: بيابان ۾ آباد، سرسبز زمين، "بيابان" جو ضد. ڪامڙُ: جَلَ، پَچَ، سَڙَ.
پان پان: سڪتو، خالي (پان پان ڪندڙ)

www.sindhsalamat.com

•

نيـهِـي ناتا ها، مُنهنجا توسان ماٺيپا!
نيـهِـي ناتا ها.

لوءِ لوءِ لولِيءَ ۾ ڏنا، مون کي ماتا ها-
نيـهِـي ناتا ها.

مون هي ياتي پُونءِ تان، چُوندي چاتا ها-
نيـهِـي ناتا ها.

ميزا سادا ماروِيءَ، پَنهنجا پاتا ها-
نيـهِـي ناتا ها.

ڏرتِي تُنهنجي ڏوڙ ۾، ڏُولهه ڏاتا ها-
نيـهِـي ناتا ها.

آڍِڙن ساڻ "استاد" تو ڳنڍِڻ ڳاتا ها-
نيـهِـي ناتا ها.

•

---

نيهي ناتا: نيهه لاڳاپا، اٽوٽ رشتا. لوءِ لوءِ: ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر.
ڏاتا: وهنتا. (ڏائِڻ = وهنجڻ)

www.sindhsalamat.com

●

اِيءُ آتڻون اَرمانُ، پاڻ نہ اِيندا، پاڻ نہ وِيندا!

هَتہِ هَتہ هولُ اُنهي اَڻ جهَل جو، پيمرُ ڏِتُمرِ پَئيمانُ–
پاڻ نہ اِيندا، پاڻ نہ ويندا.

ماٺهو پنهنجي ماڳَ، مَنهنَ ۾، مَهلن جو مهمانُ–
پاڻ نہ اِيندا، پاڻ نہ ويندا.

ساپيان ساري عُمر سَهيڙي، سَپنن جو سامانُ–
پاڻ نہ اِيندا، پاڻ نہ ويندا.

جِيوَن ڪي جَنجال لِڳوسُون، جاڳيوسُون جولانُ–
پاڻ نہ اِيندا، پاڻ نہ ويندا.

واسَ وَرن جي وچ ۾ ويهي، ڪِوئل مارِ نہ ڪانُ!
پاڻ نہ اِيندا، پاڻ نہ ويندا.

ساجهُر هو سنسار "بخاري"، سانجهي ٿيو سُنسانُ–
پاڻ نہ اِيندا، پاڻ نہ ويندا.

●

---

هولُ: ڏَپُ، خوف، ڀَوُ.      پَئيمان: پَڻ پريل، ڏنل، ڏڄ ورتل.

www.sindhsalamat.com

●

پيارُ، سَچو پرچارُ،
پاڻ پَڌاري، پاڻ پَساري.

مَچ مچائي، وِچ نچائي –
نينهن نَئون نچڪارُ،
پاڻ پَڌاري، پاڻ پَساري.

پندو ڳوهي، پوءِ بہ موهي –
سُونهَن پريو سنسارُ،
پاڻ پَڌاري، پاڻ پَساري.

ڪوجهَتَ جهوري، ڪوجهَتَ جوڙي –
وقت وڏو وِنجهارُ،
پاڻ پَڌاري، پاڻ پَساري.

رَندُ رندائي، پَندَ وڌائي،
ساٿي سو سالارُ،
پاڻ پَڌاري، پاڻ پَساري.

قيدَ ڪٿي پيو، جُهد پٺي پيو،
جِيوَنُ جو جونجهارُ،
پاڻ پَڌاري، پاڻ پَساري.

عشقُ اَدو "اُستادَ" اسان جو،
آڄُ سُوڌو آڌارَ.
پاڻ پَڌاري، پاڻ پَساري.

●

---

پَڌاري: اڀَري، وڌي. پَساري: پکيڙي، وڌائي، ڦهلائي.
رَند: رستو، راهَہ. سالار: اڳواڻ، سِرواڻ.

www.sindhsalamat.com

## ”اڪ ٻر گهاٽو، جيءُ جاڳاٽو“ *

○

اڪڙين منجهہ اَجل چڙ ڪجلين منجهہ ڪجل،
پنهنجو عشق اَجهل، پايو، مست متو وتي.

○

هڪ هٿ موت حياتي، ٻيو هٿ، تانگهہ هنئي تاڙي،
آس اُڏِي آڙي، چرَ تي ڇايا ڇولڙي.

○

اُن جو اِنتظار؟ ووڙيندو جيڪو وتي!
اَجلُ اَجهل يارُ. جيون ساڻ جَڙيو گهمي.

○

مرڻ مهانگو، ڪنهن لئہ ڪڏهن تي چڪو،
آلا، اَجل ايترو، آچڻ اٽانگو!
سدا سهانگو، ڪڏهن ڪالُ وجهيو ڇڏي.

○

اَجل ڪيئن اَجهل، جيڪو ڪنهن ڪر روڪيو،
آيو اُٿاٽيو وجي، آوس آهہ آٽل،
آپل ڪانءِ بہ آپلُ، ڏسيو ڏيل وريو وجي.

○

شينهن، بگهڙ، شهزور، للهنگ لوهيندو وتين!
ڪمزورن ڪان ڪيترو ڪڏهن تون ڪمزور،
اَجل جبل – پور، بعضي پيندُ پُرِئي نہ تو!

---

* مشهور چوٽي – مطلب تہ اڪ ٻر گهاٽو گهمي تہ ٻہ زندگي هجي. اُٿاٽيو: دل ڪنيو وجي، وچڙيو وجي، ڪڪرن وانگر وکريو وجي. جبل – پور: جبل پوريندڙ، پهاڙ پيهندڙ.

○

مِٺو ڪاتي موت؟ قاتل ڪوڙي زندگي!
جاني ٿئي جَمدوت، ڪڍي ڪاني ڪُک مان.

○

سيني سُورن - ٽوڙ، سو تون سورُ نہ سَھُ،
موت مُروت ۾، جيتي جيوت جا ڪري.

○

موت نڌھن مُروت، جيوت جڌھن چِيئن،
ھٹہ ھٹہ لڙڪڻ ھيئن! سوريءَ ڪان سامي سُئي.

○

ٿُرمہ جٽي تريت، جيوت جند - پُڙن ۾،
گھوگھو غنيمت، سوريءَ ساھہ ڪڇن جي.

○

موت مڙئي مروت، جيوت جڏ جڏي ٿئي!
ڦتڪي ڪان فرحت، سھڪي ڪان سامت ملي.

○

سِرجي جو ۾ سرگ، اوُج اُجامر اُو گھري،
جيڪو نت ۾ نرگ، سو جي موت منگي، تہ پو؟

○

مرڻ ڏئي معنيٰ، جيئڻ بي معنيٰ جڏھن،
ھن ھُن جا طعنا، تڪا نوڪ نڪير ڪان.

---

جَمدوت: موت جو فرشتو، اجل. سورن ٽوڙ: آزارن جو اوتار.
چيئن: چڪيا، بام، ڏاڪھ. اُجامر: امرت ڌارا، آب حيات.
نوڪَ نڪيرَ: قبر ۾ پڇا ڪندڙ ملائڪن جي پالن جي نوڪَ.

www.sindhsalamat.com

○

سولو ناهہ سبب، ماڻهو تاڻي موت ڏي،
پاپ وڪوڙي پنڊ جي گهيري روح غضب،
ڪهڙو آهہ عجب، جاڳي ويڙهہ وجود جي.

○

غيرت جتي غار ٿئي، ڀاهون جڏهن رد،
موت ڪٿي مقصد، جوٽي جنگ وجود جي.

○

ويهين رڳين وَس، جيئڻ ڪارڻ جيڏيون،
ڏکي دردَ - ڏيڻ ڏي، گهنگهر گهيري گس،
ڏاها، ووڙيو ڏسَ، ويندو ورندو ڪو بہ نہ!

○

ويندو ورندو ڪو بہ نہ، ڏيهہ رهو ڏاها!
وقت ڏيئي واها، اوتيو ڏاتِ، اُتارُ ٿئي.

○

"اک ۾ گهاٽو، جيءُ جاڳاٽو"، ملهن مرد متيرَ،
ڪري نرهہ نِڪونجهَہ، گهورِن مانجهي گهير،
پايو قبر پير، سوڍن سعيو سَير جو.

○

ايڏهن ڪيمرَ نهار، ايڏو اڳتي ديد!
محبن ساڻ ملهاءِ، هيءَ جا هتي عيد.

---

واها: (واهو) اگري ٻوٽي. محاورو - 'واهو پيارڻ' معنيٰ سخت تڪليف ڏيڻ.
اُتارُ: اُتارو، ترياق، توڙو.          نڪونج، نڪونجهہ: ڪَن، ينور، اوتهو پاٽي.

www.sindhsalamat.com

○

او اونداهہ تلاءَ، تو ۾ جيءَ نہ جل ڪو!
خلائي خلاءَ، اجل اڳنان ڪي نہ ٻيو.

○

ايڏهن 'ڪاري ڪين'، ايڏهن ڪانہ ڪنڌي،
هيءَ ڇو ڏينهن حسين ۽ هيءَ جا رات رنگين،
دلبر، دنيا، دين، هڙئي هيجَ هِتي اٿئي!

○

ايڏهن 'ڪاري ڪين'، ايڏهن ڪنڌي ڪانہ،
هِتي، هينئر هيتريون ڇوليون، ڇيرون ڇا نہ؟
اَڄُ ۾ تُڙڳون آ نہ! سنسا لاهہ سُياڻ جا.

○

اجل جيئڻ آڏي، اُمنگ آنگ عُشاق جا،
اوڀاري اِحساس کي، رڳون، روح رڏي،
ويتر شوق وڌي، جيئڻ ڪارڻ جيڏيون!

○

اديون، عشق آنڌي، مون کي نورُ نٿون ڏنو،
هئڻ حال وڌي، ڳوڙهي ڳالهہ ڳنڍي وڌي.

○

سُرهي آسر هير، جهولا، لڪون جهول ۾،
ڏينهن تني جا تيرَ، ڪومل ڪرڻي نيڻ ۾.

---

ڪاري ڪين: اونداهہ، نانهن، نابودي، ڪجهہ بہ نہ. آڏي: آڏ ڪري.

www.sindhsalamat.com

○

هيءَ جا ڌرتي ڏير، وجهندي ڌوڙ متي پر،
جهُرئي ڪان پوءِ جهير، وڃون، جيت بچيو چڏي.

○

چهه ئي طرف چُهاءِ، ڪيم هوش هٽن سان،
ڪنهن پر ناهه بچاءُ، جيون جهاڳ، اجهاڳ پر.

○

کهڙو توهه تتي، جتي، آڻ چاتو اوڙاهه،
اونداهه ئي اونداهه، سنوا سونهين سوجهري.

○

کهڙو تتي توهه، جتي توهه تباهه تيا،
پرندي پونءِ - بدن جي، ڪرندي ڪلا - ڪوهه،
ڏيل نه ڪنهن جو ڏوهه، ڪنبي جي پُون ڪَنپ پر.

○

تڪيو تتي توهه، جتي توهه تباهه،
حيلا حالُ ڏسي ڏڪن، واهون پاڻ آواهَه،
گونجڻ ناهه گناهه، اجا عاشق آسرو!

○

تيان توهه طلب، جيان توهه سپيئي تَمر،
نراسا پر آس جا، ڪرمين بنجن ڪمر،
جيون توٽي جمر، حوالي ڪنهن هيج جي.

---

توهه: آسرو، پروسو، مهرباني. ڪلا - ڪوهه: ڪلا جو جبل، فن، ڪَڻ، ڏات جو جبل.
پُون ڪنپ: پونچال، زلزلو. ڪَرمين: عَمل سان، جَتن سان.

www.sindhsalamat.com

○

تني نڪتو توھہ، جتي توھہَ تباھہ،
أتي واھہ پَني جتي واھون پاڻ اواھہ،
پھتي أت پناھہ، جتي پاھہ پناھہ ٿِي.

○

اڏري عزرائيل، ڪڙڪيو چو نہ 'ڪلاڊ' تي،
أو ٿِي اسرافيل، ڦوڪي لوڪ لکين ويو.

○

ٿوڙيئہ چو نہ اَجل، ڦھري ڪنڌ 'ڪلاڊ' جو!
گھوگھين ھا شيطان جون، پُوجھون، پانھون 'پَل'.
ڪاڙي ڦيام مھل، پھچي ھا نہ جيان تي.

○

وجھئي وَڍ وويڪ ھا، آدئي ھا احساس،
"ڪرمت" ڦھر ڪٽي اٿئين، ڪوبہ نہ آيئہ ڦياس!
ناگاساڪي ناس، اچلي آڳ ڪيئہ اندا!

○

ڏنگيئہ سالو سالَ، ناگاساڪي نانگ تي،
ھَنيان، ھَچا "پال" پاٺھي ماريئہ پاڻ ڪي!

○

پاھہ ٿيڻ: ڳري ناس ٿيڻ، ختم ٿيڻ. ڪلاڊ (ايزيلي): جنھن جاپان جي هيروشيما تي ائٽم بم اڇليا. پُوجھون: سوچون، سمجھون. پَل: طاقتون.
ڪرمت: ڪرمت بيهن (Kermit Beahan) ناگاساڪيءَ تي ايٽم - بم اڇليندڙ.
پال: پال برمگين. ناگاساڪيءَ تي بم اڇليندڙن مان. جنھن 1985ع ۾ آخرڪار آپ گھات ڪيو.

www.sindhsalamat.com

○

ڪَلورن تي ڪالُ، ڪڙڪي شال قيام تي!
پوي انڌي پاپ جي ٻُنيي ٻائيتال،
سارِو آهل عيال، سڙي انڌ، انڌير جو!

○

او شل، آنڌ، آنڌير تي اهڙو موت اچي!
ڪتنب ڪِيس، ڪلور مان، باقي ڪونہ بچي،
ڏيهان ڏادِ، ڏچي، وارا ويل جلي وڃن!

○

گهر گهر چري گور ٿيو، جُوءِ سڄي جمدوت،
آئيندو "استاد" چئي،موت مٿان ڪو موت؟

○

هُتي هجي هوت، هِتي هيئڙن هجان تہ چوَ!
جيڏيون جاڙ جيئڻ ڪان، ماڳهن منگان موت،
هتہ، جو ووڙيمہ هوت، هِتي ناه، هُتي ڪتي؟

---

ڪلور: ڦهر، ڪوپ. ڪال: موت، موت جو وقت. اهل عيال: ٻار ٻچا، گهر ٻار.
ويل: مصيبتون، آفتون.
گور: چِڙواڪ (ڍڳو يا جانور). جمدوت: موتِ جو فرشتو، ملڪ الموت.

www.sindhsalamat.com

○

هِنڙي، هِتي، هُت، هوت هجي پوءِ ڇا ڪِپي؟
پينر پَوَ بَهُت، اڪيلي اوڪاريان!

○

صديون سال پري سجهن، سانجهيءَ ناهي سُڌ،
جوڻي جيون جُڌ، ڪو دم ڪند ڪٿي وجهي!

○

صديون، سال گهٽو پري؛ پل جو ناهه پتو،
هي جو ميل متو، رهسي رنگ رتو ڪجي!

○

هئه هئه هيءَ مهل! ڪرٽو جيڪي سو ڪيو!
ويلو ويلي ڪي ودي، ساعت ست ٻهل،
اڳيان آجل هِڪ ڪَرا اهل نااهل،
ڪونهي قياس، ڪهل، جيڪو جيءُ جُڙيو، جهُريو.

○

ساڳي سَرچي سِيمَ، ساڳيا سات نه سامهان،
لنگهي لَڪ لطيف ويا، ڪيئي شاهه ڪريم،
تون پڻ ڪر تسليمَ، وو جا وات وجود جي!

---

رهسي: راضي ٿي، خوش ٿي، سرهو ٿي. ٻهل: ٻيرا، تڪرا، گهاو.
سرچي: سکي ستابي، آباد، سرسبز. تسليم: قبول.

www.sindhsalamat.com

○

مرڻ، جيئڻ مامرو، سياڻا، سمجهي سَچُ،
اچڻ لاءِ اچي مچئين، وڃڻ ڪارڻ وڃُ،
طوعاً ڪرهاً مچُ! وو جا واٽ وجود جي.

○

پڄندا سيپي پئُه، رونشو ڪوبہ نہ رهندو،
محشر ڪان بہ گهٽو متي، ماٽج محبت مٺُہ،
ڇوڙيئہ، ماٽيئہ، چئہ: جيڪي ٽيو سو خوب ٽيو!

○

صبحَ سج چُميو، بخمل بدن باغ جو،
منجهند ڏاري ماڳ جي ڳهر ڳهر ڏانهن ڳهميو،
سانجهي ٽي تہ سمهيو، صبح ٽئي تہ سَرِي وري.

○

ڪهڙو لوڪُ لقا؟ سوا خواب خيال جي،
مرڻ واري ماڳ ڏي، جيئڻ جاڳ نہ ڪا،
باقي ڪوٺ بقا، فاني، ملڪ فنا ڪي.

---

طوعاً ڪرهاً: خوشي ناخوشي، زوريءَ تسي.

www.sindhsalamat.com

○

موت، حقيقت مج، جيئڙا، جيوتَ جيتري!
فرحت ماڻ فنا جي، پَڙڪَ بَقا جي پَچُ،
ماڻ، متي تي وچ، سرچي سانت، سُڪون سان.

○

مَجين موتُ مَتان! نيهي سَتَ، نست تي!
چڏڻا ناهن چا بہ تتي، هِمت، هوش هٽان!
وينـدِي وير وتان، پـيهر هٽ نہ تي اچي.

○

'ناس' نهوڙي وو، نيندي آهي 'نانهن' ڏي،
آس أتاري او، اينـدي آهي 'آنهن' ڏي.

○

ملڪ الموت وٺي، ويندو نانهن نراس ڏي،
آدمَ ذات أٺي، ايندو واسَ ولهار ڏي.

○

مرڻ مجون چو؟ جيئڻ سان جندڙو جڙيو،
ڪڏهن، ڪاٿي، ڪيئن، پر موتيو ناهِي ڪو!
تنهن هوندي پڻ تو، جوڙيو جيوڻ آپڻو.

○

موت، أجهائي تو، أجلي أونگهہ آوهاڱ پر،
تنهن هوندي پڻ تو، سَنپيو آپڻو سوجهرو.

---

ناس: (نہ آس) نراسائي. نانهن: نهڪر، نابودي، نہ هئڻ جي حالت. آس: اميد، آسرو.
آنهن: هاڪار، هستي، هئڻ جي حالت. ملڪ الموت: موت جو فرشتو.
نانهن نراس: نااميد، نابودي. واسَ: سرهاڻيون، سڳنڌ. ولهار: آباد شاداب، سرسبز ميدان.

www.sindhsalamat.com

○

موت، پڃاڙيءَ مون، اُڇلائي آڻ هوند ۾،
تنهن هوندي پڻ تون، هوندو آهين هوندَ ۾.

○

موت، لٽي، لاهي، ڳاهي توڙي ڳاهه ۾،
ڪي ڪارون ڪاهي، ڦٽو ڦولاريو وتين!

○

موت، ڪپي ڪوري، ڳاري ڪاريءَ ڪر ۾،
ٽاريچن توري، مارو ماٺيندو پُٽين.

○

فنا، فڪر ڪَڙو، ڳيت ڏني، ڳهجي نہ تو،
بقا بَهُت مٺو، پيئڻ ري پيتو وڃي.

○

فاني حال فنا يڪو، باقي خيال بقا،
جيونَ، جيئڻ لئہ ڪيا، ڪيڏا پور پڪا!
لقاپُور لقا، سي سپ سپنا ساهہ جا.

○

جانيءَ کان جيون مٺو يا جيون کان جاني؟
مانيءَ کان محبت مِٺي يا محبت کان ماني؟
عشق، عقل آ نِي، سِرسِلو سلجهاءِ هي!

○

جيڪي سو جيونَ، جاني پڻ جيونَ،
اکئين چُمان آفتون، مُهم سمجهان مَنُ،
تَنبي تڙپي تَنُ، جنت دوزخ جهول ۾.

---

ڪر: ڪوسي ڪيري، ڊسڻ، ڊاڳ. آني: آڻ ني، آڻ نہ (اتر سنڌ).
مُهَم: مشڪل ڪم، وڏا ڪارناما.

www.sindhsalamat.com

○

او جاني جيوَن، او دلبر دنيا!
هُتان سال هزار ڏئي، خريديان هِت ڪنَ،
پياري حور قصور ڪان چوري چني چَنَ،
پليون پتون، پَنَ، گهوريا باغ بهشت جا.

○

جيڏيون جيوت جڳ ۾، پوَن، پٽي، پاڻي،
سِڪ، چِڪ ساماڻي، سونهارو سنسار ٿيو.

○

جيڏيون جيوت جڳ ۾، ڏوڙ، ڏڏڙ داڻي،
داڻو داڻو ويجهجي، ڏرتي ساماڻي،
پريت ڏنن پاڻي، برپٽ باغ بهار ٿيا.

○

قطرو قطرو اوتجي ساگر سنجري ٿو،
جوهر جرڪي ٿو، سو سڀ آبَ، تراب ۾.

○

قلزم ۾ ڪُرڙي، جڳ ۾ منهنجي جندڙي،
ساگرَ خود گرڙي، اُڇلي آدجگاد جا.

○

رهندي ذات ذڪر ۾، فڪر فرمايو،
بيتن پرمايو: هوندي پُٽڪ پنيور ۾.

---

پَنَ: ڊڻل جايُون، ڪنڊرات، آثار قديم. پون: هوا. پٽي: مٽي، دز.
آب: پاڻي. تراب: مٽي.

www.sindhsalamat.com

○

جيئڻ پنهنجو جڳ ۾ ليکو ساري لِک،
آءُ اڏورو هِڪُ، عالم اربين اڻ ڳڻيا.

○

عمر آڻ ڪٽ وقت ۾، ويرم جيڏو وِٽُ،
ناڻُ تني جو نت، ساٽ جني جو بست سان.

○

جيئڻ منهنجو جڳ ۾، ميڙي ماپ ملوڪَ!
هڪڙي ڪَڪڙي ڪوڪ، منهن ڪاري مانڌاڻ ۾.

○

جيئڻ منهنجو جُوءِ ۾، مڙئي ڪريو ماپ،
لَکن مٿان ليڪ يا ڇولين مٿان ڇاپ،
الا، ڪي آلاپ، پاتالان، پولار ۾!

○

جيئڻ منهنجو جڳ ۾، سوچي سُونجهه ملوڪَ!
ڪڏهن 'ڪُن فَيڪُون' جي ڪنائي مون ڪوڪَ؟
هلي آئي هيتري، هيسيتائين هُوڪَ،
فنا واري ڦوڪَ، سهان پوءِ بہ رهان اجا.

○

جيئڻ منهنجو جڳ ۾ ٻئي ليکي ٻِڏُ،
ازل ڪان اڄ شام تئين اڌ جو ماٿيمُ آڌُ،
اجا اڳتي وڌُ، جيوت جوت جِتي تڪي!

ڪَڪڙي: ڳاڙهيري.

www.sindhsalamat.com

○

’آتر‘ ڪان بہ اڳي، ڳاتم گيت وڳر جا،
ياڳو يان، لطيف جيءَ، تازي تان تڳي،
او شل، لولي، لات کي جهولو ڪين لڳي!
ويروتار وڳي، منهنجو ماڳ جهان ۾.

○

جيون منهنجو جڳ ۾، جڏهن ڪان هيءُ جڳ،
جڳ جوانو ڪالهہ ٿيو، آءٌ اجائي اڳ،
ڌرتي، آنبر ڏڳ، جاري سُواري اِرتقا.

○

او آپ گهاتي! اِيءُ، تو ڪم ڪيو ڪوڙ؟
ملي هُيَئہ مس مس هڪڙي حياتي،
جهُنجهڪِي جذباتي، جهوريئہ پنهنجي جندڙي!

○

مانيٽا اوٺا! لهرن منجهہ لڙهي وئين!
محبت جا پتلا، مايوسين ماري وڌين؟

○

ڪُوپو جو ڪونڌر، سامهون موت ڏسي ڪڌي،
چو پوءِ اوچو ٿي مري، بهادر پُونگر؟
منڊي، رونڊي مورڙي، مڙس مُڇيو مانگر،
تون پڻ تنهن وانگر، ماري مَڇ مرين ها!

---

آتر: اتر ويد، چڻن ويدن مان هڪ ويد.      ياڳو يان: سگهڙ، شاعر (سورمن جي دؤر جو).
مانيٽو اوٺو: سنڌالاجيءَ ۾ ملازم، شاعر، سنڌو درياءَ ۾ آپ گهات ڪيائين.

www.sindhsalamat.com

○

آڻ مجي آنور! پاڻهي پاڻ مري پئين!
جوتين جنگيون جهَل سان، گهوتين ها گهنگهر!
تاتيو توکي تَر، ٻُڌڻ لئہ ٻيلي نہ هو.

○

عشق ڪِنو آنورُ ادا، آءُ نہ ڪوثيان!
فرزانو فرهاد تي، ڏاري ها ڏونگر!
سوريءَ ساهي سَرُ، ملي ها منصور سان.

○

عِشق ڪنو آنور، ڪوئِي ساري قوم ها!
سِيرين سُٽي سوهڻي، اتين ها اوتر!
ڪُڏين ها ڪڙڪاٽ ۾، چوليون سمجهي چَرَ،
مَلهين ها ميهر، مرين ها محبوب لئہ.

○

بهادر – زادَ، ادا، بانڪا، مرد بلوچ!
ڪونا.راڻي ڪرم مان، پَرڏراڻي پوچُ،
سو ڪيئن سورهيہ سوچ ٻڌڻ هينئن قبوليو؟

○

ماٺهوءَ منُ ماڻڪُ، پرکي جوت جهجهي ٿئي،
دکي ڪائي ڏڪُ، ٿُنِي ٽڪرا ٽيو پوي.

---

آنور: انور علي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ استاد، سنڌو نديءَ ۾ آپ گهات ڪيائين. انور ڪي ڪن اخبارن/بلوچ بہ لکيو، پر انور پٺاڻ هو.

www.sindhsalamat.com

○

مائڪ مُرڪَ مُنير، گهايئہ گهاتڪ گهُنڊ سان!
دلبر، دوڪن ڪان لڪڻ، ناهي سوچ سڌير،
الا، ڪنهن بہ اُڪير، تنهنجو روح نہ روڪيو!

○

ڪوٺ نہ فقط ’ڪامو‘، مانجهي مائڪ ميت،
جوڙي مومل جند سان پڪِي سودي پريت،
رسڻ راڻن ريت، ڪالهہ ڪنان هِن ڪاڪ ۾.

○

”جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، ڪيڏا وَس وڌا“،
اندر آرتَ، علاج ۽ اندر درد آڏا،
جيڏا جيءَ جڏا، ايڏا ويچ وڏاندرا.

○

جيئڻ ڪارڻ جهونجهڙؤ، هزارين حيلا!
جيتر جِند وجود ۾، وَسهن، وسيلا،
چوڌاري چيلا، سغيي ساريءَ ۾ اڪيون.

○

جيئڻ لئہ جاري، حيلا هزارين،
ٻهون ٻُڪيون، ڦڪيون، ٻَرين، ٻزارين،
آسَرَ آپارين، ها، پر، ڪارين، ڪوششين.

---

منير، مائڪ: منير احمد مائڪ. ڪامو: البرٽ ڪامو.
جهونجهڙؤ: باريڪ ٻين، ذرو پرزو جاچڻ وارو، سمجهہ وارو، ٻڌ وارو. چيلا: چارا، پيچرا، رستا (چوپڙ جا خانا). ساري: سرسي، سوپ (ڳوٽ).

www.sindhsalamat.com

○

جيڏا جيوت واسطي، نوان جُهد، جتن،
حيلا، حڪمت هوش کان، همت ساڻ هٿن،
ڪنا ڪُل ڪجن، سڀيا جيوَن سوپ لئہ.

○

پاڙي، ديهہ، وطن، عالم سڱوڏو آسرو،
امن اوچ زمين کان تائين عرش، آپن،
جيڪي سهج سُجهن، سڀي جيوَن سُونهن لئہ.

○

www.sindhsalamat.com

## وايون

واسينگ آهي وات،

ڪوئي ٻوڙي ڪيترو!

ڦوڪُون واءَ وِهاتَ جون، ڇيڻُون ڇائِيءَ ڇاتَ –

ڪوئي ٻوڙي ڪيترو!

ڳوڙهيون ڳالهيون هانءَ مان، ڦڙڪي ڪائِن ڦاتَ–

ڪوئي ٻوڙي ڪيترو!

’رمبا رَمبا‘ رقص ۾، ريهون ۽ زانيات –

ڪوئي ٻوڙي ڪيترو!

جيڏا تاهه جهان ۾، ايڏا ڇاهه اُڇات–

ڪوئي ٻوڙي ڪيترو!

آلا، آنداري اڳيان، ليلائي ڇو لات!

ڪوئي ٻوڙي ڪيترو!

لات ملايو لات سان، ڳات ملايو ڳات!

ڪوئي ٻوڙي ڪيترو!

آنت هنئي ”استاد“ کي، لوٽي منجهه لپاٽ–

ڪوئي ٻوڙي ڪيترو!

●

---

واسينگ: نانگ. واءَ وهاتَ: زهر مليل واءُ، زهريلو واءُ. ڇيڻون: ڦهنگون، ٻوندون.
ڇائِي: رک، ڏوڙ، دز. ڇات: ڦوهار، ڪڻ ڪڻ. رمبا رمبا: ناچ جو نمونو، (آفريڪا جو ناچ).
تاهه: ڇرڪ، خوف. اُڇات: اداس، بيقرار.

www.sindhsalamat.com

•

پاڏ وڏي آڏو، ڪيڏن جيڏا، جيڏيون.

ٿلهو ٿيءُ هنيان هٽج،
پورَ پنيءَ پاڏو - ڪيڏن جيڏا، جيڏيون.

صديون گذريون سچ کي،
گيڙيندي ڳاڏو - ڪيڏن جيڏا، جيڏيون.

آرڏو جوين جَنڊ ۾،
لونءَ لونءَ ۾ لاڏو - ڪيڏن جيڏا، جيڏيون.

ڪيڏو ڪير سڏو، ڪٿي
تنهن هوندي تاڏو - ڪيڏن جيڏا، جيڏيون.

ڊونديندا، ڊڪندا ڪندا،
ڪوڙيندا ڪاڏو - ڪيڏن جيڏا، جيڏيون.

ڪيڏي ويا "استاد ڙي!
ڏاڏي ۽ ڏاڏو؟ ڪيڏن جيڏا، جيڏيون.

•

---

پاڏ: ڪڏ. ٿلهو ٿيءُ: سخت جان ٿيءُ (ڪجهه گهٽ حساس ٿيءُ).
پنيءَ پاڏو هٽڻ يا اڇلائڻ: نظر انداز ڪرڻ، ٻڌو اڻ ٻڌو ڪرڻ، بي پرواهه رهڻ. لاڏو: سهرو، ڳيچ: گهوٽ، بنرو. تاڏو: نيڏو، اهنجو، اٿانگو. ڪاڏو ڪوڙڻ: منهن پر ڪِرڻ، ڪِرڻ، ويهڻ، ڪٻ ڪوڙي ويهڻ.

www.sindhsalamat.com

●

اونو اُونده جو،
اُلڪو اولهه جو، پوپاڙيءَ ڪان پو.

چمڪي جيڪو چوٽ تي، سهڪي لهندو سو،
پوپاڙيءَ ڪان پو.

سهٽو سورج سوجهرو، ڇيهون ڇيهون ڇو؟
پوپاڙيءَ ڪان پو.

سومهٽيءَ جو سُج ۾، ڪنهن جو سيڻ نہ ڪو!
پوپاڙيءَ ڪان پو.

ڪاري ڪارونيار ۾، ينيُون رَنيُون پئو!
پوپاڙيءَ ڪان پو.

ڳوهون لُنڊيون ڳوريٽ، سوئر، ناهرَ، سئو،
پوپاڙيءَ ڪان پو.

هئہ هئہ بورائي هنيون، رڻ ۾ راتاهو!
پوپاڙيءَ ڪان پو.

ٻاري ڏي ”استاد“ تون، ڏيئي مان ڏيئو!

●

---

اونو: الڪو، انديشو، انتظار. پو: پوء. ناهر: بگهڙ. بورائو: سَونهون، رستو ڏيکاريندڙ. راتاهو: رات جو حملو، شبخون.

www.sindhsalamat.com

●

چو تو ڦولهين ڇار وو يار، ڪوسي ڪيريءَ ۾ ڪي چڻنگون!

شعلا شعلا شوق نہ ڏسجي،
پکڙي ڊونهين ڏار وو يار، ڪوسي ڪيريءَ ۾ ڪي چڻنگون!

سياري لانگها سِنڌ نديءَ ۾،
اونهاري جو آرَ وو يار، ڪوسي ڪيريءَ ۾ ڪي چڻنگون!

تون تو طلبين امرت ڌارا،
موکيءَ مت ۾ مار وو يار، ڪوسي ڪيريءَ ۾ ڪي چڻنگون!

جي تون عيسيٰ، آس مُئيءَ جو،
موتي مَٿث اتار وو يار، ڪوسي ڪيريءَ ۾ ڪي چڻنگون!

ڇا تہ "بخاري" ناتو لاتو،
ڦولهارَ ۽ ڦلهيارَ وو يار، ڪوسي ڪيريءَ ۾ ڪي چڻنگون!

●

ڇار: رک. امرت ڌارا: آب حيات، اڇامر. مار: ناڳ. ڦلهيار: رک، ڪيري.

www.sindhsalamat.com

●

وو وو، من ماندو، وو وو! سو تون سوچين تو هينئن ڇو؟

هيڏيءَ پَنيِيءَ پُونءِ تي،
ڪيئن نہ ڪنهن جو ڪو؟ سو تون سوچين تو هينئن ڇو؟

مايوسيون جنهن موهہ ۾
ڪهُہ اهڙو ڪوڪو! سو تون سوچين تو هينئن ڇو؟

سينو هوءِ حُسين جو،
دلَ دريا دودو، سو تون سوچين تو هينئن ڇو؟

واندا وڻجيندا وتن،
سودا جو سودو، سو تون سوچين تو هينئن ڇو؟

چوڏاري "استاد" هي،
مارن جو ميڙو! سو تون سوچين تو هينئن ڇو؟

●

---

پَنيِيِ: سهڻي، خوبصورت. سودا: سوداءُ، وسوسو.

www.sindhsalamat.com

•

اوتُون آچيندو،
جوتُون ورچيندو، اِيندو، ويندو ڪو!
وِيندو، ايندو ڪو!

ماڻهوءَ جي مرجات نہ مرٽي، ماڻهو موڪيندو،
اِيندو ويندو ڪو...

پيرَ گرڻ ۾، دِيدَ ڏيڻ ۾، واهون ووڙيندو،
اِيندو ويندو ڪو...

بستي بستي، موسم موسم، خوشبو کيڙيندو،
اِيندو ويندو ڪو...

دم دم جي تنبورَ تَنٽي تي، صديون ڇيڙيندو،
اِيندو ويندو ڪو...

محبت، تنهنجي مُرڪ مِنيءَ مان، موتي ميڙيندو،
اِيندو ويندو ڪو...

جهانجهَن، جهِرڻ، بوسن جهڙي، موسيقي ڏيندو،
اِيندو ويندو ڪو...

سونهن ڪري سِينگار "بخاري"، سهڻو سوچيندو،
اِيندو ويندو ڪو
ويندو، ايندو ڪو!

•

---

مرجات: عزت، لحاظ، عزت جو ورتاءُ. کيڙيندو: تلاش ڪندو، ڳوليندو.
گِرڻ: گپ، گندي گپ، ڏيڻ.

www.sindhsalamat.com

●

جهڙي تهڙي آڙي! هٺ هٺ هيءَ گهڙي!

مٺڙي انب، انگور ڪان، توڙي زهر ڪڙي،
هٺ هٺ هيءَ گهڙي!

واڪا، واچا، وانٺتيون، ڏو ڏو ڏم ڏڙي،
هٺ هٺ هيءَ گهڙي!

ٽاٽا، راٽا ترسندا؟ سو تون سوچ، سڙي!
هٺ هٺ هيءَ گهڙي!

پياريو پيارُ اُسات ڪي، ماريو پاڙ بڙي!
هٺ هٺ هيءَ گهڙي!

لونءَ لونءَ لار تنوار جي، چٹڪي چاهَ چڙي،
هٺ هٺ هيءَ گهڙي!

جنهن ڪان جوت جهجهي ٿئي، تنهن کي تاڙ لڙي،
هٺ هٺ هيءَ گهڙي!

جيونُ جي نہ جهان ۾، ڏرتي سمجهہ دڙي،
هٺ هٺ هيءَ گهڙي!

پويون سڄ پهاڙ ڏي، لالڻ عمر لڙي،
هٺ هٺ هيءَ گهڙي!

”استاد“ آس، اميد ڪي، تپي ڏي نہ تڙي،
هٺ هٺ هيءَ گهڙي!

●

وانٺتيون: جهنڊيون. اُسات: سخت اڄ، چاهہ، چاهت، شوق.

www.sindhsalamat.com

●

ڏک سک ڏيئي دل وندرايئہ، جيون توکي جس!

چاهہ تہ ڪو چٽڪو ئي هو پر، ڪو دمُ ڪوريم ڪس،
جيون توکي جس!

ڳوڙهي ڳالهہ، ڳچي هٿ نائي، هوشَ هِنئون هو هس،
جيون توکي جس!

نِرهہ وٽان نرواڻ پرايم، گِرڻ منجهانڙا گس،
جيون توکي جس!

چوري چنڙي جڳ ۾ چاهي؟ آهي آس اُهَس،
جيون توکي جس!

ڪيڏي سک جي تاس وڌايئہ، تِڪ تِڪ ڪوني تَسُ،
جيون توکي جس!

تارا ٽِبڪا ڪرڻا ڪِلڪون، سائرُ نيري مس،
جيون توکي جس!

اِڇا عرشان، فرشان اڳتي، وو جو منهنجو وس!
جيون توکي جس!

عشق، عقل، انسان "بُخاري"، روز رچائن رس،
جيون توکي جس!

●

نرهہ: نااميد، مايوس.
نرواڻ: نجات، ڇوٽڪارو.
اُهس: سک، پيار.
اِڇا: آرزو، خواهش، تمنا.

www.sindhsalamat.com

•

سَهڄڻ جا سامان، جاني، جيون سان!
قرب هجڻ يا ڪانَ، جاني، جيون سان!

ڇمر ڇمر، ڇيزا، رمر جهمر، ڇيرا،
ڇَڻ ڇَڻ ڇيڙڪ جا نه! جاني، جيون سان.

واهوندا، هُگساڻون، هيرون،
تيز تکا طوفان، جاني، جيون سان.

ٺاريءَ ٺاريءَ ٻنئرا ٻُٽڪن،
ٻِٽ ٻِٽ ڳائڻ ٻان، جاني، جيون سان.

سونهن، سِڪڻ ۽ ترمر، تماشا،
شوق، شعاع، شُڪران، جاني، جيون سان.

اڻ ڪٿيون "اُستاد" اُميدون،
اڻ ڳُڻٿا ارمان، جاني، جيون سان.

•

---

ڇيرا: اوزار ڪي تکي ڪرڻ جا گهڪا.
ڇيرا: شعلا.
ڇيڙڪ: شرارتون، معاملا.
واهوندا: موسم بهار جي هوا.
ٻانَ: ڳاٿا، ڪيرتون ڪندڙ فقير.
ترمر: قيد ٿانا، جيل.

www.sindhsalamat.com

•

هڪڙو هڪڙو جهَٽُ، ماڻڪَ موتين مَٽُ،
جوتُون جُوانَ جهَتي وتوا

لالون لِڪَل لوڪَ ۾، لاهيو تَن تان لٽُ.
جوتُون جُوانَ جهَتي وتوا

جيڪو ويرَمَ ويسرو، چاٽو، پوءِ به ته چَٽ.
جوتُون جُوانَ جهَتي وتوا

جهلي ويهو جُوهَه سان، گهَڙيءَ گهَڙيءَ جو گهَٽُ.
جوتُون جُوانَ جهَتي وتوا

مَهلون موٽَن ڪِين ڪي، ويرم ناهي وَٽَ.
جوتُون جُوانَ جهَتي وتوا

پَه ڪِي زوڪَ نه پَئِينڌ جي، ڪَهَ ڪي کهڙي ڪٽ.
جوتُون جُوانَ جهَتي وتوا

ڳالهيون موڪِن مامرا، ڳالهيون ڳچيءَ ڳٽُ.
جوتُون جُوانَ جهَتي وتوا

اهڙو اُرَ "استاد" جو، جهڙو پائر پَٽُ،
جوتُون جُوانَ جهَتي وتوا

•

---

پَهُه: پڪو ارادو، عزم، پُورَ. پئينڌ: پيڪڙ، پيرن ير ونگ. ڪَهَ: محبت، ڪهٽي، ڳالهه.

www.sindhsalamat.com

•

هرڪو دَمُ نہ دَمُ،
هرڪو ڪَمُ نہ ڪَمُ،
ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

تُنهنجو رهندو تذڪرو،
تون تان ٿيندين تَمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

ڳوڻين رهنديون ڳالهڙيون،
هوندو هَڏ نہ چَمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

وي تون ويهہ نہ ويسرو!
پاسي پاسي ٻَمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

جيئندو جيڪو جندڙو،
جَمَ ڪي ڏيندو جَمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

آڌيءَ آوانڊا لڙهيا،
ڳاڏيءَ ڳائي ڳَمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

سانجهيءَ ڏاري سِڄ جون،
لامُون ڏينديون لمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

ڏوڏاڙينديون ڏيان ڪي،
گينڌاڙي ڪم غَمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

اونداهو "استاد" هو،
شعلو شعلو شَمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

•

تَمُ: ختم، پورو.
جَمَ ڪي جَمُ: موت کي موت، اجل.
آوانڊو: آڌ، سونهين ٻارني جو ٻاٽي، ٻاٽيءَ جو چوڙ.
ڳَمُ: سُست، مَٺ، ٻالمَ.
لَمُ ڏيڻ: دوڪو ڏيڻ، نتائي يا ڪوڙ هٿي ڀڄي وڃڻ.

www.sindhsalamat.com

•

عِشق، عَمل جا،
عيش، عَدل جا، توڙي ڏينهن پـه چارَ،
هينئڙي هيج هزارَ.

چِتَ چِنتائُون، آڪِ آشائُون، ڪِيليون، ڪَنول قطارَ،
هينئڙي هيج هزارَ.

چِا تـہ مماتيءَ جهاتِي پاتِي، ڪاتي مَنجهہ ڪپارَ،
هينئڙي هيج هزارَ.

ساگر تَرَ ڪان چَندِ چڪَرَ تي، سُهڻا سَير، سَوارَ،
هينئڙي هيج هزارَ.

ڳاڙيمَ ڳوڙها، ڳيتيمَ ڳوڙها، پَلتيمَ، پيتَم پيارَ،
هينئڙي هيج هزارَ.

جهِرجهِرِ جهرڻا، ڪِت ڪِت ڪِرڻا، ڪِلڻا ڪيچ خُمارَ،
هينئڙي هيج هزارَ.

مُرڪُن ماڻا، موتِيءَ داڻا، ناڻا: نازَ نِهارَ،
هينئڙي هيج هزارَ.

عِشق نئين "اُستاد" بنايا، جوڳيئڙا جهُونجهارَ،
هينئڙي هيج هزارَ.

•

عَدل (يا آدَل؟): محاورو – فلاڻي کي عَدل (آدل) آهن، يا فلاڻو عدل ڪندو وتي، يعني موجون مزا ماڻيندو وتي.

www.sindhsalamat.com

●

جيڪي اُجَهي اَچُ، او جيڏا!
سُيان سائيان ٿئي نه ٿئي.

ڪاڃي تيندين ڪِرڪِنا، وِڃا واڃا وَڃُ، او جيڏا!
سُيان سائيان ٿئي نه ٿئي.

هِينئر هيجَ هزار هِي، آخر ڇائِي ڇڃُ، او جيڏا!
سُيان سائيان ٿئي نه ٿئي.

مَشغولي محبوبَ مان، روحُ نه تيندو رَڃُ، او جيڏا!
سُيان سائيان ٿئي نه ٿئي.

وِينجهارن سان ويجهڙو، پُوتاڙِين ڪان پَڃُ، او جيڏا!
سُيان سائيان ٿئي نه ٿئي.

ادا ڙي ”اُستادَ“ جو، ڪَلاڪاري ڪَڃُ، او جيڏا!
سُيان سائيان ٿئي نه ٿئي.

●

---

اُجهي: اڪلي، ٿئي، وٺي. ڪِرڪِنا: زبون، اڪڙيل، ٽٽل، ڦٽل. پُوتاڙي: جِنَ ورتل، وهمي، چريو.

www.sindhsalamat.com

●

ويروتار وَهان، اهڙو آرُ اچي ڪو!

هڪڙي ساڻ هُجيم هُو، سَهسين سُور سَهان،
اهڙو آرُ اچي ڪو!

اَنبَر ڏانهن اُڏي سگهان، لامُنِ تي به لهان،
اهڙو آرُ اچي ڪو!

ڪهڙو عاشِقَ ڪونجان، تاڻي ڪان به تهان!
اهڙو آرُ اچي ڪو!

پُٺڪو سُڄو پُونءِ جو: تاهيو تيئن ٺهان!
اهڙو آرُ اچي ڪو!

جاني، جوتِ، جهانَ جا، ڪهڙا ڪبتَ ڪهان!
اهڙو آرُ اچي ڪو!

"استاد" اَنت، اَننت ساڻ، ڪهڙي ريتِ رهان؟

●

---

وِتار: ساندهہ، سدائين. آر: وهڪرو، پيار، هيج. ڪبَتَ ڪهان: بيت چوان، بيانَ ڪريان.

www.sindhsalamat.com

# اٿي آڌيءَ رات جو

○

ناڪاران هاڪار، سٽي مون سنسار جي؛
آتم آتو ايترو، ڪيو ڪنهن ڪوڪار؟
سوريان سوچَ سِتار، اُٿي آڌي رات جو.

○

اُٿي آڌي رات جو، ديد ڪيا ديدار،
آڻ ڳڻ اُهاءَ اُپ ۾، سارهہ سرجٽهار،
جوڙي جوڙ جهان جي، جوهرَ جيءَ جيار،
تانگهون تارون تار، جاچِڪ پنهنجي جيءَ ۾.

○

اُٿي آڌي رات جو، اندر ڪيم اورا:
ڪاريون ڪٽچون، ڪوئلون، رنگ برنگي مور،
هيٺا هيڏا هنج چو، زُرا زيبرا زور،
ڪانئر هرڻ ڪيترا؟ ناهر نُگرا سورا!
ڏاڍي ڏسجي ڏور، مجبوري ماحول جِي!

○

اُٿي آڌي رات جو، اڌري ڏور نهارَ،
آڪاسان اُڪرِي وري پيئي ۾ پاتار،
تارن تان تِرڪي تکي، گذري ڪان گلزار،
بريت مان پٽڪي اچي بيٺي وچ بزار،
ڪا شيءِ منجهہ قرار، نيٺين نظري ئي نہ ٿي.

---

جاچِڪ: جاچيندڙ، چڪاس ڪندڙ، کوجي.

www.sindhsalamat.com

○

سِنجري، سنبري سڪ، آس رکيو اُسري اڳي،
ڪيڏي ڪائنات جي ڇاتيءَ پاتي ڇڪ!
پر جا پرينءَ پڪ، پتو ناهه پروڙ کي.

○

اڄي آڌيءَ رات جو، سوچڻ ڪيو سڏ،
ڪُٺڪي ڪوليو خيال کي، هوڪر ڇوريو هڏ!
”ايڏي ننڊ نياڳ جي! ڏاڍو ڏسجين ڏڏ!“
”سٽڻ ڳيسرَ گڏ، ڏسين سپنا سوڀ جا؟“

○

اڄي آڌيءَ رات جو، سوچُن ڪئي سُرپُر،
هينئين ۾ اڳ ۾ هئي هيڪاندي هُرڪُر،
ڇوڏاري ڇُرپُر، پاڙي ۾ پکڙي وئي.

○

اڄي آڌيءَ رات جو، ڏني سُرت صلاح:
سمهڻ مُردن جان ميان، مَردن ناهه مُباح!
سَئونڪو سَنجهه، صُباح، اندر ۾ آفات جو.

○

اڄي آڌيءَ رات جو ڪيا سَمجهه سلامَ:
جيئڻ ڪارڻ جڳ ۾، جَتن ڪَجن جامَ،
مرڻ، جيئڻ مامَ، سُونجهين، سُونهون ٿي پوين!

---

پروڙ: پرجهه، سمجهه، ادراڪ.

www.sindhsalamat.com

○

آتڪاءَ تي اتڪاءَ، ڊبيل ڪان هيروشما،
ارتقا اُڪلاءَ، ڦهرن منجهه ڪندي هلي.

○

دنيا ناهي داءُ، جنهن کي رکجي.جنگ تي،
ايٽمَ خالقَ آءُ، انساني آساس ڏي!

○

اُتي آڏيءَ رات جو ديد پيري ڏُرڙي،
نِکت ڪِرڙيا نيپ تي يا اُپَ نِگي اُرڙي،
چنڊ هٽي ڪُرڙي، سوچي تير صبوح جا.

○

آساري اڌ رات جو اوسر جا احساس،
ونداهي آڪاس ۾ سوياري آياس،
ايسين آس، نِراس، جيسين جان جهان ۾.

○

گهُسيا گهگهه انڌير ۾، گهوڙا ڙي گوگاءَ!
ناگا ڪان لبنان ڪان، پاراتا پڙلاءَ،
ڦاڙيندڙ ڦهلاءَ ۽ ڏاريندڙ ڏهڪاءَ،
وانگي مينهن وسي پيا آزار ۽ ايذاءَ،
ڪُري مان ڪهڪاءَ، ڪالهوڪار لڏي ويا.

---

ايٽمر خالق: ايٽمي طاقت تخليق ڪندڙ.
ڏُرڙي پرڻ: چرڪي وجڻ، لڏي لڇڪي لرزي وڃڻ.
اُرڙي: مشهور بيماري.

آساري: ويسري، اوڳي ابوجهه.
آياس: روشني.
ناگا ڪان لبنان: ناگاساڪيءَ ڪان لبنان.
ڪُرو (ڪُرَه): جهان، سنسار.

www.sindhsalamat.com

○

ڀُومين تي ڀُومين وٺان ڀانياڙي ٻمباٽَ،
ڪُري ۾ ڪِيهاٽ، ٽيليويزن ٺهڪڙا.

○

ڏَڏڪن دنيا ڏيان ۾ ڏوڏارا ڏُوڏاٽ،
زُوزَٽ ظالم زلزلا، ڦٽڪا، ڦڙڪا، ڦاٽ.

○

سهڪِي ڪي سُرٻاٽ، چوريءَ چانڊوڪيءَ ڪيا،
سيني ۾ سُرهاڻ جي، خارن هنيان ڪاٽ،
مٺان روئي ماٽ، جاچيا جهِير ڳلن جا.

○

سهڪي ڪي سرٻاٽ، ٽڙٻي تاريخن ڪيا،
ذليلن زوريءَ گهڙيا، گليلن لئہ گهاٽ،
ڳورا ڳٽَ، سِتم جا ڳوڻن ڦٽيا ڳاٽ،
ڏَور سنواري واٽ، اڳتي اوسر آسري.

○

ٻڙڪِي ٻَڪيو ٻاٽ، گهُوري گهُنڊ، گهُمبڊ سان،
گهيري ۾ گهوگهي چڏيم، گهٽيئي گهرگهاٽ،
للڪاريندي لاٽ، ڪشيس ڪِرٽا ڪُڪ ۾.

○

ٻَڪي آکيو ٻاڪ، ٻَريان ٻره ٻَلئہ ڪٽي:
اونداهي اڌ رات جي، لهندي جلدي لاڪ،
سورج ڪنٽي ساڪ، تارا ٺهبارون ڪيا.

---

سرٻاٽ: سرگوشيون، سُرپُرون. گليلن: گليلي جهڙن داناون، (گليلو - مشهور سائنسدان).
ٺهبارون: ڇيهون ڇيهون، ليڙون.

www.sindhsalamat.com

○

اسان سان اِتهاسَ، اوريا حالَ آسُرَ جو،
اگڻ آنڌ اوهاگ پر، نظر ناهہ نراس،
پَريان پَسُ رَسي، ويا، وِڇا، ورن، واسَ،
اُهاءَ بنجي آس، چوپاسي چمڪڻ لڳا.

○

اتهاس: تاريخ.

www.sindhsalamat.com

# وايون

آيا ڪي اوتار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

ياد اندر جو در کڙڪايو،
پهتي تنهنجي تار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

ننڊ ڪئي ناڪار الاڙي!
آڏو ڪي اقرار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

تانگهه، تئي تي ڪُرڙي ترجي،
منگ اَنگ اَڱار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

ڇا نه پَسن پيا نيڻ نظارا!
آئينا اسرار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

چرڪي چرڪي چنڊ ٻڏي ويو،
تارن ۾ چُرڪار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

جهنگل منگل سَير اسان جو،
هوش هوا هسوار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

انبر تارا، ڌَر ۾ ڌارا،
پَر ۾ تنهنجا پيار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

ايءَ جا نئين اُبڪار اُتي تي،
هاواڻا هر پار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

عشق اِجهو تو جوت جَياري!
پِرهه ڪئي پُوڪار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

آدم کان "اُستاد" اسان جي،
ديد ڪيا ديدار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

www.sindhsalamat.com

●

آذيءَ آذي ڏاري،
(او) تارو تارو ٻاري، ايندو آهين تون! آذيءَ آذيءَ ڏاري.

بعضي چنڊ اُڀاري، بعضي چنڊ سماري،
بعضي رات گذاري، ايندو آهين تون! آذيءَ آذيءَ ڏاري.

هو جي هُرڪُر هاڻا، سوچي سمجهي سياڻا،
ٿاڻا ٿاري، ٿاري، ايندو آهين تون! آذيءَ آذيءَ ڏاري.

تَنهن ڪان چوٽيءَ تاڻين، منهنجا سهڻا سائين،
پنهنجو پاڻ سَنواري، ايندو آهين تون! آذيءَ آذيءَ ڏاري.

جهرڻا، ڪِرڻا پائي، سَت ئِي رنگ سجائي،
سُونهن لِڳن تي هاري، ايندو آهين تون! آذيءَ آذيءَ ڏاري.

هِير، ڪٽوريءَ وانگي، پنڙ چڪوري وانگي،
رُوپَ نيارا ڌاري، ايندو آهين تون! آذيءَ آذيءَ ڏاري.

سُندرتا سان ياري، جرڪي روز ”بخاري“،
جنهن جو جيءُ اُجاري، ايندو آهين تون! آذيءَ آذيءَ ڏاري.

●

www.sindhsalamat.com

•

نيٽين نارَ وهايان، واندو ويٺو ناهيان،
واندو ويٺو ناهيان.

نارَ وهائڻ مان ڇا ورندو؟ پيو ٿو پور پچايان!
واندو ويٺو ناهيان.

پُور پچائڻ مان ڇا ورندو؟ سو ٿو سوچ سجايان!
واندو ويٺو ناهيان.

سوچ سجائڻ مان ڇا ورندو؟ حيلا هيج هلايان!
واندو ويٺو ناهيان.

محبت، محنت ساڻ "بخاري" مان ٿو مچ مچايان!
واندو ويٺو ناهيان.

•

نارَ وهائڻ: زاروزار روئڻ تمام گهڻو روئڻ.

www.sindhsalamat.com

•

هو هو، ڪوهُ ڪجي؟ ڪجي، ڪجھ تہ ڪجي!

هيئان هُونگ حياتَ جي، مٿان موتَ گجي،
ڪجي، ڪجھ تہ ڪجي!

وهمن واريءَ واجھ سان، ڪيئن تي پُوجھ پَجھي؟
ڪجي، ڪجھ تہ ڪجي!

ساڃَهہ، سَتُ ڪٽِي اُتون، هاڃو هاڻ هُجي!
ڪجي، ڪجھ تہ ڪجي!

اوپر، اولھہ اُت جو، دَر دَر نادُ وڄي،
ڪجي، ڪجھ تہ ڪجي!

”پيو تو نُور نئون اڃي، پيو تو ڏُنڌ پڃي،“
ڪجي، ڪجھ تہ ڪجي!

ساري سانت ٿُتي پوي، ٻوليو ٻولَ ٻہ جي!
ڪجي، ڪجھ تہ ڪجي!

”استاد“ آءُ رَڃي وڃان، پر جي پيار رڃي،
ڪجي، ڪجھ تہ ڪجي!

•

هُونگ: گونج، آواز. واجھ: واڍ، رسو. پُوجھ: سمجھ، سرت.

www.sindhsalamat.com

●

جايون وِجهه جوڙي! وينجهارن جي ويچارن ۾،
بيلِي، بيلاڙي ڪي چو ڪو، پانڊوڪو پوڙي؟
”ساراهون هسوار ڪٿي ويو، گهاوَ جهليا گهوڙي.“
چانءِ چمَر ۾ چو تو ساٿي! چوڌهه چڏيا چوڙي؟
نابُوديءَ ۾ بهبوديءَ جا، خيما چڏ ڪوڙي!
ڪيڏو ڇوهو ڪوهه وڏي ڏي، ڊوهو تو ڊوڙي!
آهي ڪو جو آهنِ عيوض، واهُون ڪي ووڙي!؟
آهي ڪو جو اونداهينِ ڪي، راتين تان روڙي!
آهي ڪو جو آساسن ڏي، ايتم ڪي موڙي!
اُٿ، وجهون ”استاد بخاري“، ٿولاڪا ٿوڙي!

●

---

بيلارو: بيلاٽي، بن واهن وچ ۾ ٻني.
پانڊڪو: ڳنڍيو، پانڊو، پاٽيءَ ڪي ڏنل ڳنڍيو.
چانءِ چمَر ۾: ڪڪر جي ڇانءَ ۾.
آساسن: سڪن، آرامن، سهنجن.

www.sindhsalamat.com

# عشق، عقل جي اور

○

عشق عقل جي اور، سُرپر ساري گول ۾،
اچو، سوچي واچيون، ٽاٽي، ٽاٽي طور:
سُڪونن ۾ سهڪٽي، سُرباٽن ۾ شور،
دورن مٿان دور، منزل پويان منزلون.

○

عقل سان ڇو عشق جو جوتايئون جهيڙو؟
ٻڌي طاقت، ٻوجهہ جو ٻوڙايئون ٻيڙو،
هنر، حرف ڪري بہ ڇا، پَرُ نہ جي پيڙو،
”سانئين ۾ سيڙهو“ وجهي فيض وٺي نہ ڪو.

○

ڇَون عشق اندو، لَڪڻُ عقل سندوس،
اهڙيءَ ٻُجيءَ پيٽ ڪان ٻَچڻي هيءَ بندو،
”ساٽين منجهہ سندو“، وِڏي نيٽ وَڏي بہ ڇا؟

○

عشق اهم شعلو، عقل اُتم شعلو،
اُنهن جي اُهاء سين، سونهين پُون - گولو،
ڳنٽن جو ڳولو، ٻئي ٻَل ٻکي رکي.

---

گول: ڌرتي، جهان. ٽاٽو، ٽاٽو: زمان، مڪان.
سانئين ۾ سيڙهو: عشق ۽ عقل ۾ وٿي، ويري، اختلاف.

www.sindhsalamat.com

○

عشق ڪري اولو، عقل جوت اجهي وڃي،
شعلي ۽ شعور ري، ياءُ لڳي پولو،
تـڙپ جو تولو، اوتي، سوچ تِکي ڪجي!

○

جاني دل جو جوش ۽ ساٿي سر جو هوش،
منهنجي پيار، پرورڻ جو بڻي پڙدو پوش.

○

ڌرتي ڏيان سَمان ۽ آنبر گرم اُهاءُ،
ٻَني ريجَ نہ ٻج ري، سِج ري ناهہ سَماءُ،
سيني جو سَرچاءُ، جهومي جانِ جهانَ جي.

○

جوشُ جِئي جيتڙ، سورج تُنهنجي سِيسَ ۾،
هِتي هوش نہ هٿندو ڌرتيءَ تي تيتڙ،
وڌو وڌ ويتڙ، هوندو هيجُ جهان جو.

○

عقلُ، سوا عشق جي، دل ڏاران دودو،
سُهٽو، سُرتيو، سيبتو ڪاڏل دل ڪوڪو،
سوچي، سَهسُ ڪري، ڪَنبي، سو ٻہ نہ تيو سُويو،
غوطي تي غوطو، بوتو پَئہ بحر ۾!

---

ياءُ: سياءُ، طبع.
انبر: آڀ.

اُهاءُ: سوجهرو.
سيس: سِر.

www.sindhsalamat.com

○

عقل، ڇڄي عشق ڪان، هوشو ڇڏي هانءُ،
ڪرڻا تيرَ ڪمان تيا، ڪيئن ڪو اُڌري ڪانءُ،
ڪڙڪي ڳاج ڪکر ۾ تڙڪي ڪانئرَ تانءُ،
اهڙو نازڪ نانءُ، توکڻ ساڻ تڙڪيو پوي.

○

عقل، عشق الڳ، ساڙان سڙ ڇڄي ته ڇا!
ڏيڍن ڪان ڪونهي جدا، دوست دلين جو ڏڳُ!
گهاگهائيندو پيو گهمي، ويچارن جو وڳ،
جرڪي سارو جڳ، انهن ذاتِ - ڏيئن سان!

○

عقل ڏاران عشق ڪي پَسيم ڪلهه پاڳلُ،
ٻُڌ سُڌ بنان ٻَل، ”انڌي گهوڙي ڪَل ۾.“

○

عقل بنان عشق ڪي، مون سمجهيو مجنونُ،
ليليٰ محمل، محل ۾، متيءَ ۾ مفتون،
دعويٰ، دانهن ڪبي ته ڇا خودي ڪري خون،
محبت جو مضمون، سوا سوچ نه سِرجڃي.

○

ڪڏهن فڪرُ فقط، ڪڏهن زور زبان تي،
بعضي برف جمي، رجي، بعضي تيز تپت،
ضرب ۽ ونڊ اُپت، سمجهيم سوچ سراسري.

---

گهاگهائيندو: للڪاريندو، نچندو، ڪڏندو.

www.sindhsalamat.com

○

ڪڏهن جوش يڪو لڳو، ڪڏهن هوش رڳو،
اُتت، تڏ اُتي ٿي، جتي جنڌ – جهُڳو،
پر جو پهر پُڳو، برسيَس بوءِ بهار تِي.

○

اُڪو عقل مُهاچڙو، اُڪو عشق آنانُ،
ديدون، دليون ميلجن، ماٺهو پوءِ مهان.

○

سِڪڻَ، سمجهڻ، سونجهه سان جهومي هيءُ جهان،
جرڪي جو بہ جوان، جَرڄي شوق، شعور سان.

○

اُڪو عشق اُلاءُ، اُڪو عقل آب،
ماٺهو: آڳ ۽ آب جو متيءَ سان ميلاپ،
پوندو پورهيو ساب، هوندِي ساڻ هوا بہ جي.

○

اڳيان عشق ادبُ، اڳيان عقل ادبُ،
بيئي ڏِيئا جي ٻرن، اوتِن جوت عجب،
سارو، سونهن سببُ، ٻنهي جي ٻهڪار سين.

○

چٽبي ديد ۽ دل، هوندو هيج دماغ جو،
ماٺهوءَ جي محفل، روشن عشق، عقل سان.

مُهاچڙو: (مطلب تہ) ڍچٺو، ڪمزور دل. آنان: مست، چريو. اُلاءُ: شعلو، پيڙ، باه.
آب: پاڻي. ٻهڪار: چمڪار، روشني.

www.sindhsalamat.com

○

’آڙهہ اِبراهيمؒ‘ ، مُوتو، عشق مچو ڪٿي،
’تاري، چنڊ ۽ سج تي ڪيڏو فِڪر فهيمؒ؟‘
عشق ۽ عقل عظيم، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي.

○

اُڪري آڳ خليلَ، اِيءَ جي اهميت عشق جي؛
تارڀي، سورج ڪان اڳي دوڙي ڊيدَ دليل،
ڪاٿي جوش جليلَ، ڪاٿي جوت جميل تِي.

○

’عشق‘ اصل عربي، ڪونهي پو ٻہ ’ڪتاب‘ ۾،
تاهہ عشقُ، عقل جي ماڙ مدد مجبي،
پُونءِ نہ پر پَربي، سڪٽي جوش جُنون سان.

○

آهي عشق عظيمؒ، ڇا، ناهي عقل عظيمؒ؟
ڪيئن هو پاڻ ڪريم، سوچڻ جهڙو سوال آ.

○

او جو عشق آلا، جهڙس ڪونہ جهان ۾،
ڪشش ڏاران ڪهڪشان، بيهي ڪيئن پلا؟
سيٽي تاهہ تلها، بنا محبت مام جي.

○

عقل آهہ آمين، پر عشق نہ هڏ ڇڏجي،
اِيءُ ڪو عيب بشر ۾ علم، عمل گڏجي؟
پيڙيءَ ڪي سڏجي، ٻڏجي تُرهو پانهنجو.

---

’عشق‘ : عشق عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. ’ڪتاب‘ : قرآن شريف.
پاڻ ڪريم: حضرت محمد ﷺ. امين: آمانت وارو، حقي فيصلو ڪندڙ، عادل.

www.sindhsalamat.com

○

عِشق بہ زنده باد، عقل بہ زنده باد!
دائم سرمد، رابعه، شيرين ۽ فرهاد،
ميهر ۽ مجنون جي بات نہ ٿي برباد،
نوبل، ڊيزل، جيمنس، جنهن بہ ڪئي ايجاد،
رَسل، رازي،پاسچَر، پاول رهندا ياد،
دنيا ڏيندي داد، رهندي دل، دماغ کي.

○

عشق، عقل اتحاد، آئيندي استاد ٿئي!
عشق، عقل آباد، جيتر جوت جهان ۾.

○

سِڪڻ هوءِ سلامُ، منهنجي سرت سچيت جو،
ڪلا ڪُل ڪلامُ، نالي تينهَن ڪري چئِيو.

○

نوبل (نوبيل)، ڊيزل، جينسن، پاسچر (لوئِي) – سائنسدانن جا نالا.
رسل: برٽرانڊ رسل (فيلسوف). رازي: فخرالدين رازي (مسلم فيلسوف).
پاول: لارڊ بيڊن پاول (اسڪائوٽ باني‌ڪار).

www.sindhsalamat.com

# وايون

تيئي ٿول آمول، عشق، عقل ۾ مان.

ناهيان 'نانهن' نِسي وڃان، آهيان 'آنهن' اَڏول.
عشق، عقل ۾ مان.

جهڙو ذوق جوانڙو، اهڙي سونهن سَڏول.
عشق، عقل ۾ مان.

مَنَ جي منشا سُرخرو، تَن جي تانگهه رتول.
عشق، عقل ۾ مان.

زَبرا زَبرا زلزلا، ڌرتيءَ لئه ڏانڏول.
عشق، عقل ۾ مان.

عاشقَ، عشق - عذاب ۾، ماڻن عيش، اَلول.
عشق، عقل ۾ مان.

ڪيڏي تانگهه طويل ڙڀي! ڪيڏي عمر اَبول!
عشق، عقل ۾ مان.

عشق، عقل "اُستاد" جا، يار، بُرايا بول.
عشق، عقل ۾ مان.

---

أمول: اَملهه، بي بها. منشا: خواهش، آرزو، چاهه. اَلولَ: مزو، عيش، موج.

www.sindhsalamat.com

●

سِيسُ، ڏَئي سَستو، مون تہ عشق اَمُل ورتو.

جنهن ڏني جهاتيون جيوَت پاتيون،
سو تہ سندم سَرتو، مون تہ عشق اَمُل ورتو.

دل ۾ پيار دمايو ديرو،
رڳ رڳ تي رستو، مون تہ عشق اَمُل ورتو.

ساگرَ - سِڪ کي سهڪو، سوچڻ -
صحرا کي سَڪتو، مون تہ عشق اَمُل ورتو.

عشق اَموتُ هٽي ڇَت پَٽ تي،
تخت ڪري تختو، مون تہ عشق اَمُل ورتو.

ساري عمر هينئون سرچايم،
پوءِ بہ ڪٿي پرتو! مون تہ عشق اَمُل ورتو.

لالائي "اُستاد" لڳائي،
اوتِيندي آرتو، مون تہ عشق اَمُل ورتو.

●

سيس: سِر، ڪنڌ. سڪتو: بي هوشي، غشي، خاموشي.

www.sindhsalamat.com

•

تنهنجو منهنجو، اوجهو ويجهو! ديد ۽ دل جي در تي دنگ،
دائم قائم عشق اُمنگ!

ڪرشن ڪونهي بين وڄي پئي، چارڻ ناهي چالو چنگ،
دائم قائم عشق اُمنگ!

ڳاڙها ماٿهو ڪوڙ ڳري ويا، روز شفق جو جرڪي رنگ،
دائم قائم عشق اُمنگ!

سُهڻي، سُهندي، هِير، زليخا، جاتي ڪاتي نينهن نِسنگ،
دائم قائم عشق اُمنگ!

ڪنين، ڇُهنبُن، اکين ڪي آ، وو ڪو واهيري جو ونگ!
دائم قائم عشق اُمنگ!

ڪنهن جو جيون تانگرَ تاري، ڪنهن جو جهڙو گهاٽو جهنگ،
دائم قائم عشق اُمنگ!

ڪن پَل جو مان ڪيل "بخاري"، آءٌ ڇا ڄاڻان ازلي انگ؟
دائم قائم عشق اُمنگ!

•

---

اوجهو: اوهيو (اشارو). سُهندي: راڻي سهندي جنهن چچ ڪي چاهيو.

www.sindhsalamat.com

●

هر هر هُجِ هشيار!
دَمِ دَمِ دوس لنگهن تا در تان.

آڻ تڪتا انسان، زمانا! آڻ ڪتتا آزار.
دَمِ دَمِ دوس لنگهن تا در تان.

پل پَل کي وجهہ پيارا پوئي، هيج، هٿڻ جا هار.
دَمِ دَمِ دوس لنگهن تا در تان.

ماڻڻ وارا ماڻي وينُدا، پهري هوندي پيار.
دَمِ دَمِ دوس لنگهن تا در تان.

ڳولڻ وارا ڳولي سگهندا، گونگن مان گفتار.
دَمِ دَمِ دوس لنگهن تا در تان.

نظرن وارا نوڇي ونندا، چُوچِين مان چَمڪار.
دَمِ دَمِ دوس لنگهن تا در تان.

سمجهڻ وارا سمجهن تا پيا، ڪُڪرن مان ڪُهسار.
دَمِ دَمِ دوس لنگهن تا در تان.

جيوَن کي "اُستاد" جِلا ڏي! ايرادي ڪي آر!
دَمِ دَمِ دوس لنگهن تا در تان.

●

چُوچِون: چوچڙيون، ٻاهر جون الانبيون، دشمنيون. جِلا: چمڪ، رونق.

www.sindhsalamat.com

# جيڏهن ڪيڏهن جوت

○

أپ وٽي ڊيرو، لاڳيتو ڏِن رين جو،
ڏاڳو آڏيرو، اونداهو ۾ سوجهرو.

○

اڄ، ڪلهہ ۾ ڦيرو، اسين آئيون ٿا تہ ٻيا،
ميرانجهو ميرو، اسان سان اُجري پيو.

○

جيڏهن ڪيڏهن جوت، اوندهہ تي اُڀري پئي،
ڳاڙهانڀِي، ڳڻ ڳوت، ميرانجهي ميٽي پئي.

○

اوندهہ هٿِ اُهاءَ جُون، بيکون ڏيندي ٻاڪ،
ساڪون رڪندي ساک، سوياري سوراج جون.

○

انڌيءَ اوندهہ کي سڏي، نوتو ڏئي نورُ،
”ڏاڻ، تنهنجو ڏيکرو، نابودي، ناسور،
”ڏاڍو توکان ڏور، نئون نور نِڳي چُڪو.“

○

نياپو ڏئي نور، ڏونڌاڙي انڌار کي:
”پالو نُور نِڪور سان، رُونجهي تنهنجو جهور،
”تازو ڏاهو تُور، ڳهر ڳهر تنهنجي ڳهات ۾.“

---

بيکون: خيراتون. ساک: مُند، موسم. نوتو: نياپو، پيغام. رُونجهي: جهانوري، ڳهٽ ڏسندڙ

www.sindhsalamat.com

○

گهر گهر تنهنجي گهات ۾ اونداهي آهي،
اُجيارو "استاد" پيو، ڪارنهن تي ڪاهي،
نُور اُهو ناهي، جوتِ جياري جو نہ ٿو.

○

گهر گهر تنهنجي گهات ۾، انڌارا، آڙاهَہ!
پنيُون تنهنجي پيٻَ ۾، بَغل ۾ بيگاهہ،
آڳانجها اڳاهہ، سورج تنهنجي سُجَ ڪان.

○

ننڍي نرمل نورُ، آنڌاري آڌارجي!
پوڙهي پَر پرپائجي، تڙجي تازو تُورُ!
ڪيسين ڪِيسُ ڪلور، هوڙو، هوڙي دوُر ۾؟

○

اُونڌو ۽ آنڌو، سورج سهندو ڪين ڪي،
ڏنڌ اندر ڏنڌو، چَنبڙو چمڪائي پيو.

○

"ڪيڏي ڪوڙهي رگهَہ"، چٽن چيو چيٽ وتِ،
"آڏو اونده گهگهہ". آڏيءَ آکيو باک کي.

○

چبري، چمڙي کي چيو: "اوير اُبري جي"؟
"اُڏري هلبو اوڏڙو ياڏ وڏيءَ بيءَ ڏي!"
"نہ تہ نُوٽي دوڏن کي، اونداهو اولو ڪبو!"

---

بيگاهہ: بيگاهہِ وقت، رات جو وچون سانت وارو وقت. ننڍي: گلا ڪري، ڏڪاري.
آڌارجي: سهارو ڏجي، آڌار ڏجي.

www.sindhsalamat.com

○

پڙهيو رات پَڙهو: ”سڄ پَڏو سوگهو!“
”جيڪونڪري گهگهه مان گهلي ڏيو گهوگهو!“
لات ڪيو لوگهو، ترڪيو اڇي تيج سان.

○

گهاتِڪ ڪاري گهگهه، آهنِ سان آهوڙيم،
ڇهرو ڇڇريل ڇُگهه، تارا، ناهن نِپ تي.

○

ڏاتُنِ ڏنيٽو ڏينهن ۽ قاتل ڪاري رات،
جِيوت، تنهنجي جهول ۾ هھڙي پڻ هيهات!

○

ڏيون ڏُنون پاتَ ۾، سُرهيون لاتيون لاتَ،
ڪَلئين وِهه جي ڪاتَ، اوتيون بات اُتارَ جِي.

○

ڏيون ڏنون پات ۾، لاتون سرهي لات،
وجهيو وِهه ۾ واتِ، اوتيون بات اُتارَ جِي.

○

جهنگل گُولين جوت، اندر اُهگ، اُهاءَ!
پُڌين پاهر پول ڇا، پندي ۾ پڙلاءُ،
پهران، اندر آءُ، اندران، پاهَر اوت ڪرا!

○

راتيونِ رتو رت، ڏنيپا ڏينهن ڏجهي وڏي،
’هُوندو‘ ڏجي حال ڪي ’آئيندو‘ آئتُ،
سوچُونِ صديءَ سَٽُ، ويرم ۾ ورچيو وڃنِ.

---

گهاتڪ: قاتل، خوني. نِپ: اپ. اتار: اتارو، ترياق، توڙ. اُهگ: سَگهند.
اُهاءَ: سوجهرو. هُوندو: موجود خزانو، ملڪيت، ڌن.

www.sindhsalamat.com

○

ڏاهپ، تنهنجا ڏنگ، تازي ماڪيءَ ڪان مِٺا!
سوچون سُونٺا سامهان، سمجهان مصريءَ سنگ،
ناداني‌ءَ جا ٽَنگ، نگرا نيشن ڪان گهٽا.

○

باهہ پَري ڪاهِي، ناهي سَچَ ڪَچ وچَ ۾،
اکيان اونداهِي، لهنديِ لال لپيو پوي.

○

سازش هَٽ سُٽا، سِٽيو ٽنبي سَچَ ڪي،
ليٽا پائي لوچَ چا، لاٽن لنگهہ لٽا،
هاڃا، هنڌَ ھِٽا، ڏکجي دُوَر اچي ٿيا.

○

اوچي، نيچي سوچ جيئن پکيءَ پَنک اُڏار،
نِيري نڀ نِهار، اکيون آکيري لڳيون.

○

تيتر ڪر تاڏر، جيتر جوت سجاڳ ٿئي،
عقيدي جي تون، اسين عَقل جي آڌر،
ڏوڏن جي ڏاڏر، سمجهي سوچ وڃي جي!

○

---

نيش: ڏنگ، زخم. ڪاهِي: ڪلُ، خندق.
لُٽا لاٽڻ: باهہ ڏيڻ، بساد برپا ڪرڻ (لُٽا: اماڙيون). هنڌ: چوڪ.
تاڏر: تيڏائي، آڪڙ، سِيٽ. ڏاڏر: دلاسا ڏڙا، بهلائڻ، ڏٽا.

www.sindhsalamat.com

## ڏوڏا ڏيان ڏڳاءِ

○

ڀهريان رُڪ رجاءِ، آڳ ڏڳائي آڳڙيا!
مُترڪن جي مار سان، ڪارو لوهه ڪنباءِ!
جوهرُ جارُ پساءِ، لوهر پوءِ چواءِ تون!

○

لوهارن جي لوءِ، ڏاتا، ڪِير نہ ڪاتَ،
هاري لاب ڪري ڪيئن، ناري جندُ نہ جهوءِ!
قوم ڪٽي سا گوءِ، رُڪ رجائي جا سگهي.

○

ڏنوين چو ڏنوٽي اُها، جيڪا ڪالهہ ڏمِي،
وچان صديون ڪيتريون ويون وِير رمي!
ڄارو، ڏوڙ ڄمي، ويئہ ديد دُڪاڻ تي.

○

اکين اڳيان آڳڙيا، ”رُڪ جي مل لڳي“،
سترهين، ارڙهين وئي وَهي، ويهين آهہ وڳي.
ڏُوڏا وَٿُ ڏڳي، لوهيون واڳون وقت جون.

○

اکيون کول لهارَ، سياڻا، سوچ، تئين سئين!
مِلون لڳيون مُلڪ ۾، تون تيءَ ترت تيار،
حيلا، هوش، هٿيارَ، تڏهن ڳٽبين آڳڙيو.

---

آڳڙيا: لوهار (آڳ تي ڪم ڪندڙ) جارُ: شوق، عشق، چاهہ. گوءِ ڪٽڻ: شرط کٽڻ، مقابلي ۾ جيتڻ.
رُڪ.مل: اسٽيل مل. سترهين، ارڙهين، ويهين: (صدي). ڏوڏا: ڏنوڻ وارا، نوان سيڪڙات جوان.

www.sindhsalamat.com

○

ڪتي ڏِيمِ ڏنوڻ، ڪتي تيز تڪا پٽا!
ڏوڏا، تاڙيو ڏوَر جو ڦيٽي ريت ڦِرڻ!
اُڏري آڳ وٺڻ، آهي ڪار ڪمال جي.

○

ڏوڏا ڏيان ڏڳاءِ، متان مَتِ اگر ٿئي!
پنهنجي پُرجهه، پروڙ جا سمجهي مَچ مچاءِ!
پهرين پاڻ مچاءِ، مَرڪ پلي پوءِ ميڙ مِڙ!

○

چٽاپيٽي چونڪ تي لاتي لوهارنِ،
هڪڙا بجلي برق تي، بيا بارنِ اگارن،
تازن اوزارن، ڪِلي ڪيپ ڪٽي وتي.

○

ڏيمر: ڏِيمي، ڍِري. پٽا: مشين جا پٽا. اڳ وٺڻ: پنهنجو وارو وٺڻ، پلاند وٺڻ، اڳ وٺڻ.
چٽاپيٽي، مقابلو. (ڪامپيٽيشن). ڪيپ ڪٽڻ: وڏو ڪارنامو ڏيکارڻ، سوڀ ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com

# وايون

راتين رکوالا، تارا بيتالا.
سانجهيءَ جايا، ٻاتَ نپايا، سنجهي جا سالا.
تارا بيتالا.

کوهه، وچون، ڪٽ، تيڙو، مُنيون، نکٽن جا نالا.
تارا بيتالا.

ويندڙ، ايندڙ وقت ڪڙيو ٿا! طاق هٽي ٽالا.
تارا بيتالا.

ساجهُر هٽندوَ سورج ڪِرٽا، ياندي ۾ يالا.
تارا بيتالا.

مکڙين جون اُگهو اِکڙيون ڪرٽا! نيڻ اٿن آلا،
تارا بيتالا.

آلاپي "اُستاد" اُميدون، لوءِ لوءِ لئه لالا!
تارا بيتالا.

●

بيتالا: بي سرا، بي ڍنگا، آواره. آسمان جي نکٽن: تارن جي ميڙن جا نالا. لالا: الا الا.

www.sindhsalamat.com

•

ٻاريو، مان ٻہ ٻران!
ٻينڙ ٻُونءِ ٻَـران. اِي ڏر، اُوڏر اوجهرو!
سوچيو! سعيو، سوجهرو!

ڇيڇي ڇاڇَر ٻاڙان ڇا جي، ٻُڇي بانسَ ٻَران؟
اي ڏر، اوڏر اوجهرو —

ٻڙڪِي ٻَميي ٻُونءِ ٻڪاري: ”ٺاريون هاڻءِ، ٺران!“
اي ڏر، اوڏر اوجهرو —

ٻُوڙو ٿيان تہ وڪوڙي ٻوڙين! ٿُنبو ٿيان تہ تران.
اي ڏر، اوڏر اوجهرو —

ڏاڙُون، ڏڦا ڏي تہ ڪڏان مان! ڏاڙُون ساڻ، ڏران.
اي ڏر، اوڏر اوجهرو —

ويندِي وِيرَ ورائي سگهبي، وو، پر مان نہ وران!
اي ڏر، اوڏر اوجهرو —

جيوَن ڪافيءَ جو هو قافيو، مان پو ڇو نہ مران!
اي ڏر، اوڏر اوجهرو —

نورَ نٿين ۾ ٻوڙ ”ٻخاري“، تان ٻيو آءٌ تران.
اي ڏر، اوڏر اوجهرو —
سوچيو! سعيو، سوجهرو!

•

---

ڇيڇي: ميڇيءَ جي ڪِڪ جهڙي بانس، بدبو، ڏپ.
ٻوڙو ٿيان تہ ...: (ٻڏندي ٻوڙن ڪي ڪي هاتڪ هٿ وجهن. -لطيف)

www.sindhsalamat.com

•

جيڏي سَوَڪِي، ايڏِي اَوکي. رات اچوڪي.

وک وک تي هِن وَهم وڇايا،
اک اک تي. اونداهي پوکي. رات اچوڪي.

مِينهن بہ ناهي، ماکَ بہ ڪانهي،
پو چو چولي پانهن آڏوڪِي؟ رات اچوڪي.

سِجَ ڪان ورتل سا بہ اُڌاري،
جنهن کي چئجي ٿو چانڊوڪي. رات اچوڪي.

ڪانيُون بدلي هانيون پاري،
مارُنِ پنهنجي مَنهين موکِي. رات اچوڪي.

چُپ جا چاپُڙ لاهہ چپن تان،
سَڏ پر سَڏ ڏي، او هَڏ ڏوکي! رات اچوڪي.

تِکَ تِک تي پئي تاسَ پُڪاريو،
”توري چوکِي، چوکِي، چوکي!“ راتْ اچوڪي.

آچي تو ”استادَ بخاري“،
جوتِ انوکِي، اوتَ انوکِي. رات اچوڪي.

•

www.sindhsalamat.com

●

جَڳ مڳ اُڀَ ۾، خوشبُو پُون، چَن ۾ چيرون مَن ۾ تُون!
چَن ۾ چيرون مَن ۾ تُون!

هُن چَن چيرون، هِن چَن ريهُون، جهُومُون يا جهڙڪُون؟
چَن ۾ چيرون مَن ۾ تُون!

هينئن جي دڳ دڳ ڏڪيا رهيا، پڳ پڳ پوندي پُون.
چَن ۾ چيرون مَن ۾ تُون!

سَرڳ سلامِي پنهنجا تيندا، سَپنا سوچياسون.
چَن ۾ چيرون مَن ۾ تُون!

گهر گهر گهورون گهورينداسين، ٻاسُون ٻاسيونسُون.
چَن ۾ چيرون مَن ۾ تُون!

روهَه رسايُون، چندَ چڙهايُون، هِن جڳ جوڳين جُون.
چَن ۾ چيرون مَن ۾ تُون!

آئيندا "استادَ" اچائِي، مَوجُن ۾ مَوجُون.
چَن ۾ چيرون مَن ۾ تُون!

●

---

جهڙڪُون: پَڙڪون، ڀڙون. پُون: پَونءِ، گندَ، روڳ. سرڳ: بهشت. روهه: پهاڙ، جبل.

www.sindhsalamat.com

# رت ۾ رنگ رتي

○

رُت ۾ رنگ رتِي، اسان اتڪائي ڇڏي،
تڏي ساڻ تڏي ۽ تتي ساڻ تتي،
محفل جا ٻه متي، پنهنجي پريت پَتي اُتي.

○

تارو ئي تشبيه جي، وو مان وهائو!
ڪارُون ئي درڪار جي، ”موسيٰ ڪان مائُو“،
هائُو ۽ هائُو، ڏرن منهنجيَ ڏيل ڪان.

○

ساهتَ ساگر ۾ سدا ڇڇڪي مون چولِي،
جيڪا يانگ، جُهار ۾ للڪارون لولِي،
غيرن لئہ گولِي، وِيسرَ ڪارڻ وِيلڙو.

○

سنڌي ساهت ۾ سندم قائم ساروٽِي،
يارُونِي تَرَ نارَ جي، ڪينجهر ۾ ڪوٽِي،
جي ڪيهَہ پوٽِي، تہ جا جِيتَ جهَندِي ڪنئِي.

○

ڪينجهر ڪنورَ قطارَ، هوندا هوش نوان سنوان،
ساهتڪار هزارَ، جهِرمز تارا جهول ۾.

○

ويدن ڪان هن بيت تي، ايءُ نِوايو آڏ،
ساهَت تنهنجو قدُ، اجا آڳيَرو گهٽو.

---

وهائو: صبح جو تارو، ڏينهن وارو تارو. هاٺُو: ڏاڙيلو، ظالم. هائُو: ڏيڄاريندڙ، هراس پيدا ڪندڙ.
يَانگ: ننڍيُ وير. جُهار: وڏي وير. ويسر: تمام وڏي ميڇي، مانگر ميڄ. تمام وڏو مانگر ميڄ.
ويلڙو: ڪاري ڏي عام خيال (روايت) آهي تہ ويلڙو ننڍي ميڇي آهي، پر ويسر جي ناسَن ۾ ڪِهڙِي ڪيس مارينڌي آهي.
يارُوني: هُرلي يا نار جي آها ڪاني، جنهن ۾ مُهري جي هيٺين چوٽي ڦري.

www.sindhsalamat.com

# مجاز

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

# منهنجي لاءِ مجاز

○

منهنجي لاءِ مجازُ، جيئڻ لئہ جيئن ڪاڄُ،
سِڪڻ ريءَ سُجهي نہ دل، سُرڻ ڌاران سازُ،
جيئڻ لاءِ جَوازُ، جانِي جيهو ڪو ٻيو؟

○

دردن جو دونهون، پَرتي، دَرَ تي، ديدَ تي،
ٻُونهن ڪري سُونهون، هليو آهيان هيترو!

○

سڏي سڀ ڪو سِڄ، پانيان پَڙڪو عشق جو،
پوي ٻَنِيءَ ٻج، سمجهان سعيو سُونهن جو.

○

منهنجو ظرف زمان ۽ منهنجو ظرف مڪانُ،
ازل کان آهن اهي ٻَئي تو وٽ پانُ،
ڏاڻن وانگر دانُ، ڏين تو ڏينهن ۽ راتڙيون.

○

ٻَئي تو وٽ پانُ، جاني! جيوَن، جندڙو،
ڳٽي ڳُوڙها ڏنڌُ، ڏيان، دلاسو ڏين دانُ،
اهو ئي احسانُ، آجو آرُ ڪرينم جي!

○

جَتَن جيڏا، سَتُ آدو، سَرتا ساٿي، سُورَ،
پيتَم پيڙون، پُورَ، جانيءَ ڪارڻ جندڙا!

---

منهنجو ظرف زمان ...” مراد آهي زمان توڙي مڪان.
پان: ضمانت طور بند ٿيل (ماڻهو)، نظربند، باندو.

www.sindhsalamat.com

○

طرحين طرحين چاهتون، ياتين ياتين چاڳ،
رمزن ۾ ئي راز ڏين، رمزن ۾ ئي راڳ.

○

لُڇڻ ڏاران لوچ ڇا، سِڪڻ سوا سيڪ!
نينهن بنان ڪو نيڪُ؟ محبت ري ڪو ماڻهپو؟

○

عاشقي ۾ آن ۾، هُوڪَ حقيقي هيڪڙي،
جاني، منهنجي جانِ تون، حُسن منهنجو هاڻ ۾،
نِينهُن ”بخاري“ نان ۾، هوندو منهنجي هيجَ جو.

○

ڪنهن تي پڇيو ڪيئن، اُيريئہ عشق انگن ۾؟
”جَرڪيو جوين جيئن، سُرڪي سِڪَ رڳن ۾.“

○

ڪنهن جو پڇيو ڪيئن، پڙڪيئہ عشق بدن ۾؟
تِيلي هٽِي، هِيئن، اُڇليم آڳ ڪکن ۾!

○

ڪنهن جو پُڇيو ڪيئن، پانيان عشق اُلانبيون؟
چيم: چڙهيل چيئن، ڏنو تنئي ڪو ڏيهہ ۾!

○

ڪنهن تي پُڇيو ڪيئن، ڪنهن کي عشق ستائجي؟
”تون جيئن ڦاسين تيئن، تڙپي لوڪَ بتائجان!“

○

هُتان هليو هِت، هتان هليو هُت،
جيڏيون، جاني جِت، هوندو اُتي هينئڙو.

www.sindhsalamat.com

○

سؤ سؤ سِڪون ساه ۾، سِڪ سِڪ چڪون سؤ،
پل پل پيئان پيار، پر ڊولڻ ناهي ڍؤ،
ياڪُر يَر ۾ پؤ، ساگر ساڻ اُجو اچا.

○

ننڊي لاڪُون نينهن، اکين، گوڙهن سان ڳنڍيو.
ڪڏهن ماڪَ ڪَليءَ تي، ڪڏهن ماتر مِينهن،
ڏنم ڪوبہ نہ ڏينهن، وسڻ ڪان واندو پرين.

○

آزل لاڪُون آنگ، لڳو عشق عجيب سان،
ديکڻ جو دلدارُ هي ديدون ناهن دنگ!
نِينهن نِرنگو رنگ، پرکڻ سان پکڙيو وڃي.

○

سرتيون مون سَرتو، ننڊي لاءِ ڪان نينڊيو،
وهيءَ تائين وَس ڪيم، مَس پرين پَرتو،
وقت ڪسي ورتو، مَرتيو بنجي جيتنيو.

○

اُتيس تي اوتر، سُتُس تي ساگر،
تَنبيس، تڙپيس تو وڏو توڙي ياڪُر يَر،
جيوَن: جهولو، جَرُ، چِئہ تون چين ڪتان اچي؟

○

اُپ اُبون، اوبَرَ، پُونءِ پٿون اويَر،
باهر، اندر بَرَ، چِئہ تون، چين ڪتان اچي؟

---

ماتر مينهن: ماتريءَ ۾ مينهن. نِرنگو: بي رنگو، بنا رنگ.

www.sindhsalamat.com

○

بِره بي حد بَڻ، اوڙڪَ ڪهڙي عشق جي،
جيئڻ جڳ ڪان اڳيرو ٿانگهن، تنهنجو تَرُ!
دؤر دؤر جو دَرُ، جيوَت جُهاتيندي وتي.

○

جُوالا جبلين لڳان، ميدانين مهراڻ،
تپتِ ۾ طوفان ۽ سَهپ ۾ سُرَهاڻ،
محبت هَٿِ مياڻ، تيزي تِي تہ ترار مان.

○

اسين ايندا سين، جيسين سَتُ سرير ۾،
جيڪي جوتون جيءَ ۾ اوتي ڏيندا سين،
واسيو ويندا سين، پنهنجو پاڻ پريت سان.

○

ايستائين اَچ، جيستائين جندڙي،
پنهنجي تيتر پَچ، جيتر مَچ مڪان ۾.

○

اندر آدمي سِڪَ، اڪئين ڪوسو اوتجي،
لڪيءَ ڪهڙي لِڪَ، ڏارو ڏونڪاريو وهي.

○

تڙپي طلبَ تِڪَ، هُڙڪي سِنڌو هاڙهہ ۾،
روڪي ريت ڪِنڌي گهٽو، سِيرَ: نِگهاري سِڪ،
يَزمر: پُرٽي پِڪَ، لِهرن سان لڙهيو وڃي.

ڏارو: وهڪرو، چشمو.

www.sindhsalamat.com

○

هو جي ڏينهن هَوَ، منجهان مهر ڪٽيءَ ڪٽي،
جيئان صديون سَوَ، ڏويان ڏکجي ڪين ڪي.

○

هو جي ڏينهن هَوَ. پرين پنهنجي پريت مان،
ڏاپان ڀانيان ڏوَ، توڙي تانگهہ نہ ڏاپجي.

○

چيٽي جو چوٿون حصو، ڏر ڏئي مُون ڏي ڏيانُ،
منهنجي ٻِره ٻُنيءَ جي لِٿي لهي مانُ،
مَنَ ٿئي مانُ مَهانُ "منهنجي مَنَ – مراد جو!"

○

تيرهين ٻتي تِرَ جي، ايڏي ٿئي امداد!
ٻَرَ جي منهنجي ٻِره جا، اُبري ٿين آباد!
آڏجي ڀٽي "اُستادَ"، آئيندي جي آرزو!

○

ٿيپجي ٿيهين ٻتي، چئہ، جي تنهنجو چاهُ،
سو تو سانوڻ جو سَجان، دلبر مان درياهُ،
اچا سمنڊ اٿاهُ، اِتان ٿي اُٿلي تہ پو؟

○

سَٿون حصو سرنهن جو، تون جي آچين توهہ،
مون تان ريت ڪٿو منگيو، ڦُرين ڏنو ڪوهہ،
ڏونگر جيڏو ڏوهہ، ڏدڙ داڻو تِي پوي!

---

هَوَ: تمام ٿوڙي ذرڙي، رَتيءَ جي ٻہ رَتي.          چيٽو: اناج جو قسم، سنهڙو ڏٽ آهي.

www.sindhsalamat.com

○

ذريءَ مان ٻه ذري، سريِ سوچَ سُجاڳَ جي،
جيڏي اُڀَ ۾ پُونءِ جي پانيان آءٌ پري،
ڪُلِي نورَ نِڪور جي ڏَوَرن ڏانهن دري،
ميان، آءٌ مري، جِيان جوتِ جهان تِي.

○

ذريءَ جي ٻه ذري، ملي مِهڪ منداتي،
ڪلي پٺي فردوس جي، دوزخ ڏانهن دري،
جهومي آجِي جوءِ ۾، هُوءَ جا حُورَ پري،
وجي پو ٻه وَري، مَلهان واسَ وَلهار ۾.

○

ذرڙيءَ جي ٻه ذري، چولي چٽنگ وجهيِ ويا،
آءٌ انهن جي آنچ ڙپي، ”ٻاري جن ٻَري،
“جوڳي جُوانَ جَري، مڇي مچ ٻچي ويا.“

○

جيڏو جنسي جَوُ، ايڏو عشق سچو هُجي!
ڪتڪو کهڙو ڪيٿ ڪي، پُٺِن ڪي ڇا جو پَوُ،
مغز تي مهراڻ جي موجن جهڙو مَوُ،
ڪانئرِ ڪائين ڪَوُ، ڇو جو عشق ڇُهيو نه تو!

○

ڇو جو عشق ڇُهيو نه تو، ڏجُ پلي ڏجٽا،
اُتائين اِتهاس پيو، لفظن ۾ لڪٽا،
ايرادي ۾ اُٽڻون، سوچُن ۾ سِڪٽا،
مطالعو مِهٽا، ڏيندو رهندءِ ڏيهه جو.

---

انچ: چيي. جَري: وير، سورهيه. ڪَوُ ڪائڻ: ڏچڻ. اُتائين: پڌائين.

www.sindhsalamat.com

○

تنهن تي ناهه ميار، جنهن تي عشق جهُليو نه هو،
جوپن تنهنجا جرجلا، جُوالا، جَنجارَ،
ٻُڏيا سڌڙيا، ٻار، پري ڪان پُرجهيو ڊِڄڻ.

○

ساري عُمر سِڪي، ڪانئر قَهر ڪري ويا،
محبت منجهه مُنافقي، ليڪن پوءِ به لِڪي،
ٿَهڪن وَٽ ٽِڪي، سُڌڪِي نيٺ سُمهي پيا.

○

قرب ڪندا ڪُرڪِي، ڏيندا پيار ذري ذري،
ساڻن سائِر سونهن پر سَرندي ڪا سُرڪِي،
محبتِي مُرڪي، ڇُلڪِي پاڻ ڇَرون ڪندا.

○

ڇَون چاهه ڇَٽِي، سوسا ليڪا - سارڻا،
دنيا ۾ درياهه ها، وَٽن وِرهه وَٽِي،
هُجن ڪَڃ ڪتاب پر پڙهن مَس پَٽِي،
گهمن گهرجَ - گهَٽِي، ڏسن ڏيک نه ڏيهه جو.

○

دنيا جي دستور ۾ سهسين سنگ سُجهن،
ڏوران ڏنگن نانگ تي، ويجهو وَنگ وجهن،
سهسين ٻول ٻُجهن، ڪو ڪو قول هلي ملهي.

○

جيڪي جوان جرير، سهٽا، سُرتيا، سيبتا،
ڏٺي روح رچي مچي، سرچي سانجهه، سوير،
ڪِلڻ، خوشيون خيرَ، ملڻ، مؤج مبارڪون.

جهلَيو: لڏيو، جهوليو، جهُولي پهتو، لٿو. سوسا: ڪنجوس. جرير: خوبصورت اصحابي.

www.sindhsalamat.com

○

چوڏِس چنڊَ ٿي چنڊَ، سوچو حال چڪور جو!
مون تي مَنڊ ٿي مَنڊَ، پاڻون ڄاڻي پيار جا.

○

اڳڀرون هئي اڄ، محبت جي ميدان ۾،
شروع آهي شوق جي پرين هاٿي پچَ،
متان مچ ٿي مچ، پسون پوءِ پريان ڪٿان؟

○

www.sindhsalamat.com

# وابون

تو جا پريت ڏني،
تي وئي پيچ پني، جاني جيءُ چوانءِ،
جيءُ چوانءِ جاني!

مان ڇا، تون ڇا، ڇا چوان!
مَجنون ۽ مَجنِي، جاني جيءُ چوانءِ،
جيءُ چوانءِ جاني!

جيڏيءَ آڏو جل پَري:
موڳي، مَمر، مِني، جاني جيءُ چوانءِ،
جيءُ چوانءِ جاني!

چرڪي پيار ڇُهاوَ جي،
تو چو تارَ ڇني؟ جاني جيءُ چوانءِ،
جيءُ چوانءِ جاني!

آرتيون پنهنجون آڳريون،
چونديا ٻيرَ ٻنهي، جاني جيءُ چوانءِ،
جيءُ چوانءِ جاني!

ورتي پيارَ پِتي پرين!
پيتي مون نه پني، جاني جيءُ چوانءِ،
جيءُ چوانءِ جاني!

---

پيچِ پني: پريات، پرهه ڦٽي (روشني). جَل پري: پاڻيءَ جي پري (مطلب سهڻي).
مَمر: (بد شڪل) جانور. مِني: نڪ ڪٽي، بري نڪ واري.

www.sindhsalamat.com

سُهڻي سَجلي زندگي،
ڪرڻي ناهه ڪِني، جاني جيءُ چوڻ،
جيءُ چوڻ جاني!

سوچ، سُڄاڻ "اُستاد" ڏئي،
ورتو واس ڳنهي، جاني جيءُ چوڻ،
جيءُ چوڻ جاني!

•

www.sindhsalamat.com

●

رڳ رڳ ۾ رُون رُون، تن من ۾ آن تون.

جيوَن ۾ جڙجي ويون، مَحبت جون ميخون،
تن من ۾ آن تون!

سيتي سانيي سُونهن کي، لونءَ لونءَ لاتوسون،
تن من ۾ آن تون!

ڇُڙنديون ڇجنديون ڪين ڪِين، ڳوپَ ڳنڍيون ڳوڙهيون،
تن من ۾ آن تون!

اُلفت رنگ رتي ڏِتي، تيڪون تي ميڪون،
تن من ۾ آن تون!

آڏوڙي "اُستاد" کي، محب ڪرين مدون،
تن من ۾ آن تون!

●

www.sindhsalamat.com

•

وَيٺي وينِي پارين! چيٺي چيٺي تارين!
نيڻ ڪٽي ناڪاري،
هامر هٽي هاڪاري:

گِهندِ گهنديءَ سان، مُرڪ منيءَ سان، آڏارين، آڏارين!

سانت وڃائي ساز وڄائين، جُوهه وڃهي جهونگارين!

دل ڏرتي آ، دل سَرتي آ، ڏارين يا ڏتڪارين؟

عشقَ اُتيئي عيش ڪرائين، اَور جتي آزارين!

دنيا فاني، دنيا باقي، ميچڻ ۾ سيڪارين.

ڏات رتيءَ کي ڏور نئين ڏِئي، ڏانوَ نوان ڏيکارين.

اَهنجَ، عذاب، ”بخاري“ پوڳي، آجا اَوُج اُجارين!
نيڻ ڪٽي ناڪاري،
هامر هٽي هاڪاري.

•

---

آڏارين: ڏري، ڏڏرين، ٽڪرا ٽڪرا ڪرين. آڏارين: سهارو ڏين، ٽيڪ ڏين.
اَور: وڌيڪ ڙيادہ.

www.sindhsalamat.com

●

ماڪيءَ ماتارو،
پاڙو تو وارو، پاڙو تو وارو!
ويڙهو تو وارو!

ڏاڍا ڏنگ گهٽا تا مارن، پو بہ پرين پيارو،
پاڙو تو وارو.

جيون جهنگ منجهانرا گذري، چاهارو چارو،
پاڙو تو وارو.

ڪارَ پڪيڙيو ڪاچَ، ڪَيڻ لئہ، دونهون ڏوڏارو،
پاڙو تو وارو.

ماڪي ميڻ بَتِي جي بنجي، ڏڪجي آنڌارو!
پاڙو تو وارو.

اوت ڏٿي جو، زهر پئي سو، وو، هي ورتارو!
پاڙو تو وارو.

تڏڙا ساهہ ۾ ڪوسيون آهون، سيارو اونهارو،
پاڙو تو وارو.

بوسا ماڪيءَ لارَ ”بُخاري“، وِسڪي ويچارو!
پاڙو تو وارو.

---

گهٽا: ماکيءَ مکايا مکيون. چاهارو: چاهہ وارو. ورتارو: ورتاءُ، هلت.

www.sindhsalamat.com

●

توبَہ زاري توبَہ زاري! بي قَدري جِي ياري.

جهَل تہ نہ جهَلجي، مَل تہ نہ مَلجي، جهَڙي ٻُڪَ ۾ واري،
بي قدري جي ياري.

ڪِيڪَر خيزو، مُرڪڻ موتيو، اندر آڪَ جي تاري،
بي قدري جي ياري.

سِرَ تي خُواري واري ڪاري، آڪ ۾ ڪُڪ ۾ ڪاري،
بي قدري جي ياري.

پيار پڳهاري، هينئڙو ڳاري، ٿهرن جي ڪوناري،
بي قدري جي ياري.

ماري جاڻي، ڏاري نہ جاڻي، جنهن جو شوق شڪاري،
بي قدري جي ياري.

رَنگ رنگيلي، نِيلي، پيلي، ڪاغذ جي گلڪاري،
بي قدري جي ياري.

ڪجهہ بہ هُجي پر عِشق اسان جي، سونهن تہ پئي سينگاري،
بي قدري جي ياري.

ٻُدري سان رُوح نہ رَلجانءِ، پُلجي يارَ "بخاري"!

●

خيرو ۽ موتيو: گل جا قسم. ڪوناري: سون ۽ چانديءَ ڳارڻ جي پيالي.

www.sindhsalamat.com

•

اُڻ تُڻ مَنجهہ اَلول، الو ميان، تاٽي ڄاٽان، ماٽي ڄاٽان!

ڪِلندي ڪلندي ڪاءِ يَنواتيون!
ڇاهُہ چڙهيو ڇوڏول، الو ميان، تاٽي ڄاٽان، ماٽي ڄاٽان!

هِيرَ، ڪتوري، پيرَ پرينءَ جا،
ڳليءَ ڳليءَ تہ ڳول، الو ميان، تاٽي ڄاٽان، ماٽي ڄاٽان!

ڏينهان تُنهنجي ڏورَ اسان کي،
راتيون تو لئہ رول، الو ميان، تاٽي ڄاٽان، ماٽي ڄاٽان!

جُوءِ سموري ڪُوءِ پرينءَ جي،
ٻُلجان پو بہ نہ پول، الو ميان، تاٽي ڄاٽان، ماٽي ڄاٽان!

ٽاٽا، ٽاٽا، جيوَن جايُون،
ٽيڙو، ٽانگرَ ٽول، الو ميان، تاٽي ڄاٽان، ماٽي ڄاٽان!

تُنهنجا جَلوا ڳاڙهيون ڳاگُون،
منهنجا جذبا جهول، الو ميان، تاٽي ڄاٽان، ماٽي ڄاٽان!

ٻاڪارِن ٽا ٻول، "بخاري"،
دانهُنِ ۾ ڏانڏول، الو ميان، تاٽي ڄاٽان، ماٽي ڄاٽان!

•

الول: عيش، مزو، لطف، موج. ڪاءِ: ڪائي. ٽيڙو: اڀ تي هڪ نکٽ.
ٽانگر: هڪ گل يا ٻوٽي جو قسم.

www.sindhsalamat.com

•

ٿهڪن ٽِچڪن ٽاٽا:
مون سمجهيا او موسِم، معشوقاٽا ماٽا!
محبوباٽا ماٽا!

ڇَمندئ ساڻ ڇمارَ سُٽي پٽي، اولاڪا، اوُلاٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

موسم رعب رکي محبوبي، ٽڙڪن دل جا ٽاٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

محبت ماڪي، پُون پُون ڏينيُو: ڪِٽتيون ۽ ڳاراٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

ڪاتيون ڪِرٽا، جهوپوُن جهولا، ڪنولِ ڪُنا، ڪوماٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

لڙڪ ڦٽي پيا، ٿهڪ ٽِڙي پيا، دوُر ڇَٽيا ڪي داٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

آڄڪلهہ جي ڳنيير گهِٽيَن ۾، هيڄَن جا هاواٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

هاڻ ۽ نہ لاهہ حياتِي هاٿِي، سَهڄ نوان ساماٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

ياتيِن ياتيِن بَحث "بخاري"، هاها، نانا ناٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

•

اولاڪا: الڪا، ڏوجهرا، رولڙا. اولاٽا: اوزاٽا، لوليون.

www.sindhsalamat.com

●

محبت ۾، مشغول الو ميان! جُهولي جهومي منهنجو جيئڙو.

ڦوهہ جُوائي سِڪ ساماڻي،
ڦاڳ ڦلاريو ڦول، الو ميان! جهولي جهومي منهنجو جيئڙو.

ميندي ۽ رتڙي موسم منڙي،
ڳائي ڳيچ ڳنڌول، الو ميان! جهولي جهومي منهنجو جيئڙو.

مَحبت محنت وارو پيارو،
ماٺهو ناهہ ملول، الو ميان! جهولي جهومي منهنجو جيئڙو.

عاشق، معشوق آهيون، ناهيون،
عامل ۽ مَعمُول، الو ميان! جهولي جهومي منهنجو جيئڙو.

ڪَس رَس ۾ ”استادُ بخاري“،
مس مس ٿيو مقبول، الو ميان! جهولي جهومي منهنجو جيئڙو.

●

ڦاڳ: ڦڳڻ، بسنتي موسم. ڳنڌول: ڳاڙهو، لال.

www.sindhsalamat.com

•

تنهنجو سُور، سُرُور او پيارا!
جهڙو نيارو!
تهڙو پيارو!

ٻن ٻن جو ٻَل ٻارهن اُوٺو، سنگت ساٿ ضرور او پيارا!
پيارو پنارو،
ساٿ سهارو.

سال سڪايئه، پريت نه پيارئڻ! ڪيڏو ڪِيسُ ڪلورُ او پيارا!
سنڌو ڌارو،
آءُ اُجـارو!

ويجهو ويهه ته جهَرڪان، جهُومان، ڏاڍو ڏيان ڏور او پيارا!
ريجهه اُجارو،
پيـڙ پچـارو.

تنهنجو نانءُ ته چندو چلپو، توڙي هانءُ تَنُور او پيارا!
ٻارڻ وارو،
ٺارڻ وارو.

پورهيتُ پنهنجو پيار ”بخاري“ ، مون جو آءُ مزور او پيارا!
سانوڻ سيارو،
نيـنهن نظارو.

•

www.sindhsalamat.com

•

تڪليفون تفريحون، سيئڻ، سچڻ سانگي،

شوق نپايون تا يا شعلا! چاهہ چئون يا چيهون؟
سيئڻ، سچڻ سانگي.

ڪونہ ستائي ڪنهن کي ڪاتي، ڪونہ ڪيون پوءِ ريهون،
سيئڻ، سچڻ سانگي.

تَنبڻ کان ڪجهہ تڙپڻ وِترو، راڳن سان گڏ ريهون،
سيئڻ، سچڻ سانگي.

سورج، تارا، شبنم، شعلا، تنهنجون ئي تشبيهون،
سيئڻ، سچڻ سانگي.

ساگر، اوتر، ڪينجهر، هيرون، منهنجون ئي تشريحون،
سيئڻ، سچڻ سانگي.

پويان لوهون، اڳيان ڏُوهون، بيهون سو ڪيئن بيهون؟
سيئڻ، سچڻ سانگي.

منزل هڪڙي هيڏي هوڏي، واٽون ويهُون ويهُون،
سيئڻ، سچڻ سانگي.

وڏندو ويو "استاد" اسان جو، ڏورڻ ڏينهون ڏينهون،
سيئڻ، سچڻ سانگي.

•

چيهون: باهيون، آڳيون، وچون.

www.sindhsalamat.com

# اندر ڏکي آگ

○

اندر ڏکي آگ، ٻاهر چاڳ چلي تہ ڇا!
رڳين جلي جاڳ، سرتيون، سانت سمهي ڪٿي؟

○

چٽنگون چٽنگون مينهن، تانڊا تانڊا گل،
چگو ڪيم نينهن، ڏنم تارا ڏينهن جا!

○

چٽنگون لڳن ماڪَ، شعلا ياسن گل،
جَرَنُ منجهان جُل، ڪير ڪرائي عشق ري.

○

ڏکٽي آوي آنهِ تون، آءَ اُٿٽو آڙاه،
ڏونهون تنهنجو ڏک پرين، شعلو منهنجو ساه،
عشق عاليجاه، ٻنهي کي ٻاري پيو.

○

محبت کي مجبور، ڪيو ريتن ڪيترو!
سرتيون سنڪڙ، سونهن کي سمو ڏئي سُور،
چاهت چڪنا چور، چاوت چوٽ چڙهيو وتي.

○

تنگي سونهن نگاه، جَمِي جوين وَنگيو،
جنيون جي جنگاه، سنگينن ۾ گهيريو.

---

وي: ڪوري.     جنگاهہ: جنگ جو ميدان.

www.sindhsalamat.com

○

تو ڪا دانهن ڏني، ڏکي، راتيان – ڏينهن رڙيس،
تو جو ساه ٿڌو ڪنيون، ساري عمر سڙيس،
لائي سونهن لڙيس، او، مون عشق اهو ڪيو!

○

ڳوڙها تو ڳاڙيا، ڪوڙا آنگ تنگي لڳا،
گهوڙا ڙي گهوڙا! تنهنجو سُورُ سَنو نہ ٿئي!

○

ڏکي سونهن ڏسي ڪيمہ، عشق يکو غمناڪُ،
چولو چاڪُ ڏسي ڪيمہ، عقيدو ئي چاڪُ،
باغِي تيس بيباڪُ، قسمہ، سونهن سُهاڳ جو!

○

اکيون، دل اڙيو، ماڻِن سهٽيون صورتون،
جيوَن جنگ لڙيو، موکي غيرتَ ماري.

○

ڪاتي زُلف زنجير! ڪاتي ڪلف، زنجير؟
ڪاتي تِيرَ نَظر جا، ڪاتي ڪوڙا، ڪيرَ؟
دلبرَ، ڏرتي ڏِيرَ، ڀهڳڻ ڀنهي سامهون.

○

ساڙي ساندَه سُورُ، هائيءَ منجهہ هَڃان، هَسان!
اکين منجهہ انبور، پو پڻ سونهن پَسيو ٿران.

○

جِيوَن ناهي جيلُ، جِيوَن بَنجي جيل،
ڀَهڪڻ، ڀَڙڪڻ ڀهڳڻ ڀَڏا ڀيئي ڀيلُ،
وَهسن توٽي ويل، جهومن تـوڙي جهوريون.

---

وهسن: نـڙن، خوش ٿين.

www.sindhsalamat.com

○

جِيئَن نانُ تَنورُ، اِئين جانِ جُنونَ ۾،
توڻي ٻَنوَ، ٻَهُورَ، اڳتي تاڻ اُمنگ جي.

○

جُوئر ۾ جانداهِ، جيئَن جانيا ۾ آڙاهَ،
ڪرڻيِ ناهي آهه، اسان ٻڻ اِئن عشق ۾.

○

وَهِي ناهي مَڙهُه، ڏِيل نہ ڏولِي ڳيرُو!
جوڀَنُ جَذبَن، ڳڙهُه، ڪُنگرو ڪُنگرو قيامتون.

○

جوڀَنُ جنازو، ڏولِي، ڏِيل ڏنو بہ مون،
ڪَرنگهو ڪوازو، هو ڪو ڪوت ڪَلورَ ۾.

○

آندر پڙڪي ٻاهه، ٻاهر ٻهڪن ٻول چا!
لوڪن ليکي لوليون، عشق اُتاري آهه،
سي تي سهڪيا ساهه، جي تي سازَ سڏيا اوهان!

○

سوئِي سَهجُ، سُرورُ، سوئِي سُورُ سُهاڳڻيون!
هَجي، موج مزو وني، ماٺهو جَڻ تہ مزور،
اِهو عيش ضرور، آهي هائِيءَ هَنجَ ۾.

---

ٻَنوَ: ٻَنءَ، ٻُورَ، ڦيراٽيون، ٻَنواٽيون. ٻَهُورَ: ويچار، ڳڻتيون، سُور. جانيا: چانيا، ڍنگريون.
مَڙهُه: لاش، مَيّت. ڏولِي: ڪاٺِي (جنهن ۾ مُردو کڻجي.) ڪَوازو: تختا، ڪاٺيون جن تي
چڙهي ٻيهي راڙا ڪرڪن. مَنهن يا ڇپر جو ڀِريون ٻوتو.

www.sindhsalamat.com

○

ڇَهڪن پنيان چيٽ، سِڪيا منهنجا سُپرين،
غُصا ڳڻن ڳاڏڻان، موشا ماڪيءَ ميٽ،
ڏِيل تتين سين ڏيٺ، ڏنيي ڏِيئڻ ڏات جي.

○

رهڙيون روح، رڳون وڃن، اوڪا ڏکن آنگهہ،
جيڏيون، منهنجي جند مان لُڇڻ ڪيا لنگهہ!

○

وهيءَ ڪديا ڏار، ڪڙڪيون وڃون ڪيتريون،
جوين تنهنجا جَرجلا، جُوالا، جَنجار،
عاشقي آزار، جهاڳيندِي، جهلندِي وتي.

○

سو تو کهڙي سُڌ، جو تو عشق آڏي نہ ٿو!
سَتڏين. وَڏَ سنا نہ تو، ٻَڪين ٻَهرين ٻُڌ،
سمجهين ڇتي جُڌ، سورين شطرنج ساريون.

○

ياپي ٻتان پيار، پچين پاڙو سونهن جو!
"ڪاڏي منهن مريمَ جو ڪاڏي تندو ألهيار"
توتي ناهہ ميار، سوداگر بازار جا!

○

ڇٽڪون چوين باهَہ، ڇئبو باهہ ڏني نہ تو!
ألاتيئون آڙاہَ، پَسين پوءِ پتو پوي!

---

موشا (موشو): ڪنارو، ڪوشو، حجاب. أنگهہ: ڪتون، ڇهڪ، ڇير.
جهلندي: لڏندي، جهولندي. ڇتي جُڌ: وڏي جنگ.

www.sindhsalamat.com

o

توتي مات ميار، جو تو عشق جتائيو،
”شينهن نہ چرندو ڏيپ آ، نينهن نہ مڃندو هار“
هٺ هٺ تو هتيار، ڦٽڪڻ ريءَ ڦٽا ڪيا!

o

پيٽان پٽن پُور، واڇان کِلڙو چو چئون؟
ڪير ڪري مذڪورَ، محرم ۾ ميلاڊ جا.

o

پيران چمڪي چير چو، پيٽان پٽن پُورَ،
وائي ڪهڙو واس ڏئي، ٻيني سهڪن سورَ.

o

سرتيون صديون دُورُ، منهنجا ڏک سکن ڪان،
وڃان ويجهو وَڃهہ ڪي وڃي تيئن وَهلُور،
نٻون نمرو نُور، وَهلو سُورَ وڏي سگهي.

o

هڪڙو جهُوتو جهُوم جو، پيو جهؤنڪو جهوراٿو،
ڪا ڪا گهڙي گهٽگهري، ڪا گهوڙا ڙي گهاٿو!
ٿهڪي پيو تاٿو، لولينِ گولين جهول ۾.

o

ڇهري تي ڇَهہ ٻَهہ مڃي، اندر ۾ اُڌڪو،
الاڙي، انسان ڪي عيشن ۾ اُلڪو!
ٿهڪن ۾ سڏڪو، ڪيجن ۾ ڪتڪو سجهي.

---

جلڙو: عشقيہ لوڪ گيت.

www.sindhsalamat.com

○

تو ڏي ڇاه ڇُري، هيڏي هينئون ٻوڙ ۾،
ٻُرڪين ڪُرڪ ڇپن تي، منهنجو قرب ڪُري،
اِتي هَوَ هُري، هِتي هڙ هَڇيو وڃي.

○

ڦهرن ۾ ڪُوڪڻ وڏي، ڦُربن ۾ ڪلياڻ،
سِڪڻ جي سنسار جو سَچ اهو اهڃاڻ،
محفل ۾ مانڊاڻ، تُنهنجي ماڻ مِٺي وڏو.

○

مِٺي ماڻ منجهان اُڏو محفل ۾ مانڊاڻ،
ڇلجيين ڳلجين، ڇيهجين ڇو نہ ڇپين ڇاڪاڻ؟
ڪُڇڻ مان ڪلياڻ، ماڻي سگهندين مارڪا!

○

مرڻ ناهي ماڻ، محبت جِنهن سان ماپجي،
ڪاتيءَ ساڻ ڪُسي، سِڪيو، سمهيو سامِيءَ ساڻ،
پَڇي پَڄري پاڻ، نيهِي، نينهن نِباڻجي.

○

ڪُسڻ ۾ ڪلياڻ، سمجهو، مان بہ مڃان ڪٺي،
سِڪيو سامِيءَ ۾ سُتي، تانيڪو تٺي تاڻ؛
اسان سڄڻ ساڻ، ڳَڏجي ڳهنگهر ڳهارڻا.

---

ڪُرِڪ (ڪرڪڻ مان): ناراضگيءَ جو سنهڙو آواز. ڪُرِي: ڏکي عذاب ڪري.
هَوَ: ذرڙي، رتڙي. هَڙ: سڀ. مارڪا: او محفل، او ڪچهري!

www.sindhsalamat.com

○

چَپن چُپ ٿيي تہ چا، پتيون ڪن پُڻ پُڻ،
پَسج پَدرَ پَٽ تي اندر جي اُڻ تُڻ!
سِيمَ سجيءَ ڪان سُڻ، هو جي هانوَ ڍڪيون بہ مون!

○

چَپ نہ ڪنئي چغلي، مجيمَ محبت مامَ جي،
نہ ڪنهن آگر سَڄ ڪئي، نہ تي دل دُغلي،
اَدِي اک اُڪلِي، ڪولِي هوڪَ هيانوَ جي!

○

رگِين سُرڪيا راڳ، چَپين چٽنگون تِيَ نِگيا،
وائُن ۾ ويڙهيل هئي، اگِيان پويان آڳ،
چاهت، چهہ بَهہ چاڳ، يميت پڙڪا تِيَ اُتيا.

○

اندر ڳِڳيا راڳ، پاهر پڙڪائي چڙيا،
دل جا روشن دائرا، درد بنايا داڳ،
جلي جِٽ ڪِٽ جاڳ، اڪيون آڳ، اُجهامَ چا!

○

ترِين هينان تَٿو، متي متان مَٿو،
نہ ڪو خوف فلڪ جو نہ ڪو پُونءِ جو پَٿو،
چاهہ چريو ٿي چٿو، تاندن ۾ تڙندو وتي.

○

تريون پيرَ ترِيون، ڪاٿيون پَبَ، ڪُڙيون،
مُيون ڪين مڙيون، پُريون پو بہ پرينءَ ڏي.

---

چُپ ٿيڻ: چَپ کي سيل مهر ڪرڻ، وات بند ڪرڻ. آگر سَڄ: آگر جو اشارو، هٿ ڏس.
چاڳ: ناز، نخرا، لاڏ، خوشيون.

www.sindhsalamat.com

o

سَمِي سَهڪن ساهَ، ماٺهن ليکي موسمون،
ساڙنِ پارا پوهَ جا، آڪاڙي آڙاهَ،
واسَ وسنتِي واهَ، هُجن هيج هميشه جي!

o

ويري وڏِي ويرَ، ويري ننڍي ويرَ،
اُتي ساه سُڏير ۽ اُتي دِل دلگير،
سُياءُ ساگر سِيرَ، هِردو هنڌ نہ هڪڙي.

o

بعضي جذبا پانگَ، بعضي جوش جُهارَ ۾،
مِلون موجُون مُرليون، ڇڇون ڇوليون تانگ،
سوياءُ ساگر ٻسانگَ، اُتل پُتل آڻ ڪتي.

o

هڪ جا سَهَم سَڙهي گهڙي، ٻي جا باجهه ٻڪي،
ساگر عُمر ٻسڪِي، گذري پانگ، جُهار ۾!

o

آندر ۾ آڙاهَ، ديدُن ۾ درياهَ،
صحرا، سائر ساڻ مون پورا سال پنجاهَ،
وِره ڪي وهواهَ، تَتُس، ٻُڙڳيُس پاڻ ۾.

o

سچي آڌ صدي، جاليان ها ڪيئن جارَ ري،
جيڏيون جَسُ جَتن کي جتان ووڙ وڏي،
لڇڻ جاچ لڌِي، نہ تہ واندو ماندو تي مران.

---

هِردو: هيئون، دل. پانگ: ننڍي وير. جُهار: وڏي وير.
سَهَمَ (استعمال ۾ مؤنث): جهٽڪَ، ڇڙپ. جارَ: جل. جَتن: عشق.

www.sindhsalamat.com

# وايون

پاروتڻ ڪان ٻَل، ٻَجهن پيا تا ٻَل، جيجل، آءُ جلان!
جيجل آءُ جلان، اورڻ ڏينم اَمان!

جوڀن، عشق، اُڀرا جذبا، جهلجن پو بہ اَجهَل،
جيجل آءُ جلان!

تڙپي، تاٿي ڪاڻ پريڻ جي، چڪ چا چاٿي چَل،
جيجل آءُ جلان!

ٻَنيا وار ٻَنڻ ڪَن هُن ري، ڳوڙها ڳاڙن ڳَل،
جيجل آءُ جلان!

هو جو منهنجو هاڻ ڪٽي ويو، دِهہ ۾ دلبر دَل،
جيجل آءُ جلان!

ٻَنيت عشقُ "بخاري" بنبو، ڪنهن کي کهڙي ڪَل،
جيجل آءُ جلان!

●

چَل: دوکو، فريب، ڇَند. ٻَنڻ: ٻنڌڻ، ماتر، پٽڪا. دل: گهٽا.

www.sindhsalamat.com

●

توڙئون تَند تِتي، اوِ مان دَرد وَتي!
وو ماڻ ورهہ وتي!

ٻَرسان سياري، سانوڻي، تڙپان چيٽ، ڪَتي،
اوَ مان درد وتي!

ڇا تون جهُڙ جو چانورو؟ ڇا مان رِيت تِتي،
او مان درد وتي!

سَسُيون، سهٽيون، سونيون، سَتيون مان نہ سَتي،
او مان درد وتي!

ڇيري، ڇيهاڙي پرين! هاٿي هڻ تہ ڇَتي!
او مان درد وتي!

جيڏيون ريت جلي پلي، رهجي پريت رتي،
او مان درد وتي!

●

سونيون (سوني): سونيتي سنڌ راڻي.

www.sindhsalamat.com

●

منهنجي مرضي يارَ جي، مرضيءَ منجهه گتِي،
او مان درد وتي!
وو مان ورهه ورتي!

پُنر جنم جِيان پيان! پيتَم پو به پتي،
او مان درد وتي!

هرڪا هِير ڪنيون وَنديِ، خوشبو ڪانهه ڪتي،
او مان درد وتي!

جهُومُون توڙي جهوپجُون، محفل يارَ متي،
او مان درد وتي!

اوندهه ۾ ”استاد“ لئي، بيشڪ بره بتي،
او مان درد وتي!
وو مان ورهه ورتي!

●

پُنر جنم: پيو جنم. جهوپجون: ڦٽجون، زخمي ٿيون.

www.sindhsalamat.com

●

پالپَ چٽنگ ٻَرپـنِ،
جوين جانِ جلـين، هوندا، دردوندا هو!
هوندا دردوندا.

ڪنهن تان قرب ڪکوريا آهن،
ڪو پيو ڪوپُ ڪُهينِ، هوندا دردوندا هو!

ڪيڏيون ڏور آلولُون، ڪيڏو،
ويجهو ويل وَهينِ، هوندا دردوندا!

تاٿا، تنهنجي تاندن تي تو،
ننگو نينهن نچينِ، هوندا دردوندا هو!

صديُن سُرپُر ڪئي تن ڪَنَ ۾،
پَل پَل حالُ سَلينِ، هوندا دردوندا هو!

جڻ پيو پيار پَچينِ تئي تي،
جڻ پيو روح رَجهينِ، هوندا دردوندا هو!

حق حق هوڪو ڏِين سويري،
ڏوڪو سانجهه ڏکين، هوندا دردوندا هو!

ديدُن ۾ درياهَہ ”بخاري“،
دل ۾ آگ ڏگينِ، هوندا دردوندا هو!
هوندا دردوندا.

●

پالپ: پاروتڻ. آلولون: خوشيون، بهاريون، موجون.

www.sindhsalamat.com

●

دم دم درد لُڇائن ٿا، مان ڇَم ڇَم ڇا ڇاڻا!

ڇَم ڇَم ڇا ڇاڻان، هنئ ٽوڪِن ٿا ٽاٽا،
مان ڇَم ڇَم ڇا ڇاڻا؟

جيڏيون منهنجي جهول ۾ دردن جا داڻا،
مان ڇَم ڇَم ڇا ڇاڻا؟

سَرتيون سهسين سُور ها، سامهان ساماڻا،
مان ڇَم ڇَم ڇا ڇاڻا؟

ڪالهوڪاري ڪاڪ جا ڪَنول ڪُوماڻا،
مان ڇَم ڇَم ڇا ڇاڻا؟

جيڏيون گڏجي جُوءِ جا جهوريون جهوراڻا!
مان ڇَم ڇَم ڇا ڇاڻا؟

”استاد“، عيد اُميد جا، هَر هَر هاواڻا،
مان ڇَم ڇَم ڇا ڇاڻا؟

●

www.sindhsalamat.com

•

عِشق نہ آرامي، سُهڻي، سسئي ساڪِي.

ساڄَن ڪارڻ هرڪا سجني، همت جي خامي،
سهڻي، سسئي ساڪي.

گهَنگهَر جي گمناميءَ کان ڙي! بهتر بدنامي،
سهڻي، سسئي ساڪي.

محبت منجهہ مزا او سرتي! محبت ماتامي،
سهڻي، سسئي ساڪي.

اِلهامي اُفواهہ ۾ چو، خوشخبري ڪامي؟
سهڻي، سسئي ساڪي.

ساڄهر سيج مچائي مانڃ، سانجهہ سُڄهي سامي،
سهڻي، سسئي ساڪي.

اُن ۾ عيبُ اِئين جيئن جيڏِي! خوشبوءَ ۾ خامي،
سهڻي، سسئي ساڪي.

اديبون ڙي ”استاد بخاري“، عامي آسامِي.

•

ساڪي: شاهد. خِامي: حمايتي، مددي: سامي: قبر.

www.sindhsalamat.com

●

عِشق لَڳي اِنسانَ کي، چاچا، چينُ ڪِٿي!

هوري ئي پَر هِيرَ لُڇي پئي،
تون ئي چَئه طوفان کي، چاچا، چين ڪٿي!

جيءَ مان جيڪا چَرڪي نِڪتي،
تارُونءَ ۾ تَنهن تانَ کي، چاچا، چين ڪٿي!

مُنهَن تي مَهَل هَٽايون مُهرون،
اَندر جي اَرمانَ کي، چاچا، چين ڪٿي!

ماڳ مُسافرخانو بنجي،
مَنهَن ڏِني، مهمانَ کي، چاچا، چين ڪٿي!

تڙپين پيو "استاد" اَچا تون،
جوڀن جي جولانَ کي، چاچا، چين ڪٿي!

●

www.sindhsalamat.com

•

روڪيان ڄَرڪي ڄَر، ٻَر،
ٻَر ٻَر ٻاڪاريان!

ڍُڪيل ڍُونهُنَ مَڪانَ ۾،
ڪليل رِڪجن ڏَر، ٻَر، ٻَر ٻَر ٻاڪاريان!

ڳوڙها سوڙها ديدَ ۾،
گودي قاتا قَرَ، ٻَر، ٻَر ٻَر ٻاڪاريان!

ڳَرجي ڳاجَ تِڪي لهي،
ورچي چِڏجي چَرَ، ٻَر، ٻَر ٻَر ٻاڪاريان!

منهنجي سائِرَ سُور ڪي،
پينَر، پيئَنِ، ٻَرَ، ٻَر، ٻَر ٻَر ٻاڪاريان!

ٻيلا ٻارَڻَ ٻاريا،
ٻڪيءَ ڪوهيل ٻَرَ، ٻَر، ٻَر ٻَر ٻاڪاريان!

اديون ڙي "استادَ" ڪي،
آرانيا، اوٻَر، ٻَر، ٻَر ٻَر ٻاڪاريان!

•

---

گودو: ٻڪرين، رڍن جي ڦرن جو گودو، ڦرن جي ننڍڙي واڙي.   سائِر: ساگر، دريا .

www.sindhsalamat.com

•

تارئي ڪين ترِي،
تارئي ڪين ترِي، هِيءَ جا بِرهہ بَجي ڙِي،
پَئي تِي باهہ ٻري!

جوڀَن گهوڙو جوش ۾، واڳئي ڪيئن وري!
تارئي ڪين ترِي ...

هِينئڙو جَهڙو هاڙهَہ ۾، ڳاڙهو ڳڙ ڳري،
تارئي ڪين ترِي ...

مَحبت واري موتَ ۾، مَحبت ڪين مري،
تارئي ڪين ترِي ...

مرندي تاسَ مَري نہ تي، سَرندي ڪانہ سري،
تارئي ڪين ترِي ...

ساري رات سُهاڳ جي، ڊولئي جهول ڊري!
تارئي ڪين ترِي ...

ويجهو آءُ، وتي نہ تَئي! پيهِي تي نہ پري!
تارئي ڪين ترِي ...

تاساري ”استادَ“ کي، بَرتو ڏيج پري!
تارئي ڪين ترِي ...
هِيءَ جا برهہ بيجي ڙِي،
پئي تي باهہ ٻري!

•

www.sindhsalamat.com

•

دردوندن کي دردي دلڙي، روڪي ڇو رڪجي؟
ڇڏ تہ وڃي ڪو ڪم ڪن!

پيار ڪري جو، يار اچي سو، ڏک سک ۾ گڏجي!
ڇڏ تہ وڃي ڪو ڪم ڪن!

اک، اک جو جي ڦير نہ ڄاڻن، تَن ڏي ڇا تڪجي!
ڇڏ تہ وڃي ڪو ڪم ڪن!

سپڻن ۾ ڇو وارَ سنواريون؟ واڏَ اُتي وڃجي،
ڇڏ تہ وڃي ڪو ڪم ڪن!

غَب غَب ۾ گذران نہ ٿيندو، گپ چڪ ۾ گپجي،
ڇڏ تہ وڃي ڪو ڪم ڪن!

نيڻ وهائڻ مان ڇا ورندو؟ نارُ اتي وهجي،
ڇڏ تہ وڃي ڪو ڪم ڪن!

لڙندڙ پاڇا آچيندا ڇا؟ ڇانوَ، تڏهي ڇڏجي،
ڇڏ تہ وڃي ڪو ڪم ڪن!

ڳاڙهي ڳاگ ڪري پيئي پٽ تي، ڏيان ڏري ڪٽجي،
ڇڏ تہ وڃي ڪو ڪم ڪن!

انڌي آڪڙ اونداهيءَ جي، بجلي تي پيچجي،
ڇڏ تہ وڃي ڪو ڪم ڪن!

مرڻو آ ”استادَ“ مزو تئي، ماڳ مٿان مَرجي.

•

www.sindhsalamat.com

•

وِڄري، وينڊِيَس مان،
مري وينديس مان، پرين، پيار ڪري ڪري،
ڪوڪون، ڪار ڪار ڪري.

هيءُ جا آڳ لڳي رڳ رڳ ۾:
پڄري ، وينديس مان،
مري وينديس مان، پرين، پيار ڪري ڪري،
ڪوڪون، ڪار ڪار ڪري.

سهٽيءَ سسئي وانگي وچڙي:
وڪري، وينديس مان،
مري وينديس مان، پرين، پيار ڪري ڪري،
ڪوڪون، ڪار ڪار ڪري.

پيڙي اُڪري، ڪٽڇي اُڌري:
وسري، وينڌيس مان،
مري وينديس مان، پرين، پيار ڪري ڪري،
ڪوڪون، ڪار ڪار ڪري.

سور ”بخاري“ ڪاڻي ڪائي:
نجهري، وينديس مان،
مري وينديس مان، پرين، پيار ڪري ڪري،
ڪوڪون، ڪار ڪار ڪري.

•

وڄري: پڄري، جلي، ڪامي.

www.sindhsalamat.com

# هيءَ جو حسن حضور

○

نتهن ڪان چوٽي نُور، برسي بُوءِ بهار جي،
سڄڻ جي سَرهاڻ سان ساري سِيمر سُرور،
هيءَ جو حُسن حُضور، مڙئي عشق مشاهدو.

○

وِڇا، ورن، واسَ سان نُوري نَهرون، رَسَ،
ناتا، نغما، نعمتون، ڇَهہ پَهہ، چاهت چَسَ،
جيوَن توکي جَسَ، هُهڙيون وَٺون هٿ ۾!

○

مُرڪڻ، تارا ٻات ۾، ٻُٽڪڻ، گُونجن ٻَرَ،
سيئي وَنَ وسنت جا ويسن ۾ ويتر،
جاني تون جيتر، منهنجو ٻِرھہ بهشت ۾.

○

گهُورون سيپي گهٽگهريون، گُفتو گُفتو گُل،
سَرهايون ساريون، سڄڻ، تُسڻ ناهن تُلُ،
ڪمالاتون ڪُل، رکيل تنهنجي رمز ۾.

○

هھڙو باغ بدن، هجي ۽ هينئڻ هنج ۾!
مِٺا سُرها مُند جا مُنهن ۾ ميوا مَنِ!
جيوَنُ برپٽ بَن، چَمن چاهَ ڪري ڏنو.

---

وِڇا (وِديا = علم): چمڪ.    ورن: رنگ.    واسُ: سرهاڻيون.
وَنَ: وَرن، رنگ.    سڄڻ تُسڻ: پرينءَ پرچڻ، يار جو راضي ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com

○

تو وٽ حُسن هَٿُ، سودو سِڪَ سچي ڪِپي،
تورين تانگهہ اسان جي، وو سو ڪتي وٽُ؟
پاٽي پَهڻَ پَٽُ، هلڪا عشق اُمنگ ڪان.

○

سجڻ بستي سونهن جي، وَسنهن وَرَنَ، واس،
حُسنَ هيجَ هزارها، آڪ لڪين اِحساس،
ايڏي عشق اُڪاس، ساري سُونهن سهيڙيان!

○

خُوشبو سُونهن خبر، وايُو ورچيندو وتي،
پَکِئين، گُلين، پوپَٽين، پَتين پريت پَچر،
چِتڪارينِ چِمر، بوندون بِرهہ بهار جون.

○

عمر ساريَ آڪِ، چاهُہ سمورو چَپَ،
اِنهي عشق اُمنگ سين، چَس پرينءَ جي چَڪِ،
باهر، اندر پَڪ، حبيباٽي هيجَ ڪي!

○

اڪيون سيپي انگ، چمڙي ساري چَپ،
پَسيو چُميو مون پرين، اِنهي عشق اُمنگ،
دِيد ۽ دل جا دنگ، اجا آڳاهان گهٽا.

○

منهنجي گُهور گهُمي، تنهنجي سونهن سَدول تي،
جڻ ڪي چَنڊ چُمِي، سهٽي سنڌو ماتري.

---

اُڪاس: اُڪير، اڪنڊ.

www.sindhsalamat.com

○

سهسين ساز مِٺا سُٺا، پلا پاتين پات،
ڪوئل، بلبل عابده، پياري لتا لات،
محبوبن جي بات! سيئي سُر سياندڙا!

○

ڇَهني ساڻ ڇُهاءَ، پنجئي پورا ڪين پيا،
جانب تنهنجي جوڙ تي، جلوا جوت جڙاءَ،
اُهاءَ ئي اُهاءَ، سُجهي، سُجهندي ري نه ڪي.

○

ٻَنن ڇيڙي ٻين‌َ، لهرا لهرا هيرَ،
ڇوليون ڇيرون ڇيڄَ ۾ سازي سائِر سيرَ،
وِي مان ويِر ئي وِيرَ، ڇوڏهين چنڊُ ڇپن تي!

○

ڇپن ڏاران ڇنگَ، گونگا ڪوڪا لوهہ جا،
اُمنگ توري انگ، آنگهـا، ٻوڪَر ٻَنڊ جا.

○

گونگي گفتگو، ٻولڻ ريءَ ٻوليون ڪري،
خاموشي خوشبو، شعرن ڏاران شاعري.

○

ڇُرن چاهت ڇَپ، ٻُرن نغما نينهن جا،
نهي نه تي ٽَپَ، کُلن قرب ڪتاب جي.

---

عابده: عابده پروين - سنڌي گلوڪاره.
لتا: ڄڳ مشهور ڀارتي گلوڪاره.
سياندڙا: جذبات کان لوڻ لوڻ ۾ ڊوڙندڙ لهرون.
ڇهني: ڇهن حواسن سان.
ٻَنن: جهنگلن. سازي: ساز وڄائيندڙ.
اُنگها: ڪتون.
ٽپ: بند ڪرڻ جي حالت (ڪتاب جي).

www.sindhsalamat.com

○

ڳنڍجي تئي نہ ڳنڍپ، ڳالهيون منيون آڻ ڳنڍيون،
لالڻ، لذت لَپَ، مهاساگر مون لڳي.

○

گهڙي ڪان گهڙي، پهرين گهُور پرينءَ جي،
جڻ ڪو سانوڻ سج جو ڪِرڻو سونهري،
ڪاوڙجي ڦهري، ماڙ ڪري مِهري لڳي.

○

حجابان هبڪِي، ڪِي جو ڪُڇي ڪامٽي،
لُونءَ لُونءَ منجهہ لُڇي اِڇا، منهن ڏاري مهڪي،
سُرهاڻيون سهڪِي، لالايون لپڪي پيون.

○

هيٺِي ڪابہ نہ حُور، نازڪ ڪابہ نہ ڪامٽي،
ڏاڍا اُن کان سي رَهن، جيڪي ڄڪوهين ڏُور،
اڪثين، اُرَهَ اُورَ، ڪري، ڪير بچي بہ ڇو؟

○

ڪرڻي ۾ ڪِرڻا، آڪ ۾ عڪس عجيب جا،
جهرڻي ۾ جهرڻا، پَر ۾ پيار پرينءَ جا.

○

تَنگي اَنگ نچن، خُوشبيون، خوشبو ڪيپ ۾،
رڱين رنگ رچن، چَڳين چمڪن چاهتون.

اِڇا: آرزو، خواهش. اُر: هلان، حملو، چلهہ، زبردستي.

www.sindhsalamat.com

○

جلوا ڪجهہ جهلجن، جذبا تا جهَڙڪن پرين!
پاهڻ تا پگهرن، مان تہ اڳيئي ميڻ اوَ!

○

منهنجا تَر تَر هَٽَ، تنهنجي تَر تَر نَٽَ،
جذبا ڪنهن وٽ ڪيترا، ڪانهي پوري ڪَٽ،
لرزياسين لَٽ پَٽ، جُهولياسين هڪ جيترو.

○

سهڪون يا سُس پُس ڪريون يا چپ نَپي چُهٽون،
پتو پريت نہ ٿو پوي، پيا جذبن ۾ جُهوٽون،
سانت سري سوچون، جميو عشق جهَنيو وجي.

○

چمن ۾ چرپر، پاسي پونئر، گلن نجي،
مَهڪي ماڪ مٺيءَ جي، پاٽين تي پُر پُر،
پَنَ، هوا – سُرپُر، نندا، نينهن ننگي جي.

○

گرم گرم بِستر، نرمڙ نرم سُر پُر،
هور نہ ڪا هُرڪُر، گهورا، گهربل پاڻ ۾.

○

رَسَ چَسَ روبرو، هائِس حسن، هڳاءَ ۾،
گونجي گيت لذيذ تي گونگي گفتگو،
اُگهڙي آرزو، ننگو نينهن ڏڪي وئي.

---

ترتر: جذبات ڪان لرزش واري حالت. ترتر نٽ: نٽ جو للڻ. نپڻ: ملائڻ، ڳنڍڻ.
پاٽين: مکڙين، گونچن. نِندا: گلا، غيبت. هائِس: اچرج، حيرت.

www.sindhsalamat.com

○

گفتگو گنگ ٻوڙ، ٻاهر ٻڙڪ نہ ٻول ڪي،
اندر اَنگ اَنگ ۾، گج گج گج گج گوڙ،
جلوا، جذبا جوڙ، ٻاڙَ ٻوڙَ وَسِي پيا.

○

لالون چُٽنديون لَڄَ، جاني، سو بہ نہ جوهري،
تنهن تي ڇائيءَ ڇَڄَ، ڇُهيي ڇنيهون جو ٽٽيي.

○

چاهت چاندوڪي ڪِڙي، چاوت چڻ چُوڇي،
ڳُڻ ڳڇي اُوچي، اُڳهڻ تـوٽي آڳ ۾.

○

اڳهٽون اُڳهڻ، چُميم چيهـہ اڪيـن سين،
چيتي ۾ "استاد" مون اوتيو پئي چمڪڻ،
گهڙيءَ ۾ گِرهڻ، اديـون، مون سيـن انڌ ٿيو!

○

نڪت ڪِيم نهار، وينو روح وروهہ ڪرا
چاهـت ۾ "استاد" چئي، وئرت وقت پچار،
ساجـن، سج اُيار، ڏينهان پـوءِ ڏٺـو وجـي!

○

وجڻ لئہ واجهاءِ، هر هر ڪيـن وروهہ ۾،
اچڻ ٿيو "استاد" جو، رون رُون رچڻ لاءِ،
خوشيون منهـنجون ڪاءِ، تنهنجو ايڏو تئونڪرو.

---

اُڳهڻ: چنڊ يا سج جو اپرڻ. اُڳهٽون: ٿورو وقت اڳ ۾. چيهہ: اپرندڙ سج يا چنڊ جي ڪني.
وئرت: اجايو، بي سود. تئونڪرو: اڻ تڻ، انتظار، هرڪر.

www.sindhsalamat.com

○

پيرن منجهہ نہ پاءِ، اکيون منهنجي آس جون!
تَرِيُن کي ترساءِ، جُتي پاءِ نہ جلد ۾.

○

راڇن لاءِ رٿان، پيار پرانهون مامرو،
پهرين پيڙ اندر جي، پنهنجا پُور پَٿان،
هٿان يا نہ هٿان، کهڙو ڦيرو ڪاڄ ۾.

○

ڇهاءِ وڄهن ڇيڄ ۾ جوين وڄن جهانجهہ،
جهولي گول جهان جوءِ جهومي ساجهر، سانجهہ.

○

اُيرن تان آروهہ ٿيا، اُلهن تان امروهہ،
ساجهر، سنجهي ساز، ها محبوباڻا موهہ.

○

ڪنول نيل گهٽو گهري، سُندرتا ساراهہ،
چوڏاري "استاد" چئي، واسَ، ورنَ وهواهہ،
سيئي منهنجا ساهہ، ڪندا تنهنجون ڪيرتون.

○

مان ڇو تو ۾ گم ٿيان، تون ڇو مون ۾ گُم؟
تَن من تنهنجو مان گهمان، تون گهٽ گهٽ منهنجو گُهم!
جلوا، جذبا جهُم، تو - مون ميلُ متو رکيو.

---

ڇيڄ: هڪ قسم جو ناچ. جهانجهہ: ساز جو قسم. آروهہ: مٿي چڙهڻ.
آروهہ جو ضد امروهہ: هيٺ لهڻ. (موسيقيءَ ۾ سُر يا سرگم جي سلسلي سان مٿي ۽ هيٺ لهندڙ سرن کي آروهي ۽ امروهي چئبو آهي). جهُم: هٿان ميڙ ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com

○

هوندي گَڏِ درياھ، پڳو تونرو باھ ۾،
سڄڻ ساھَہ پساھ، ھِئہ ھئہ، ھانءَ ٺريو نہ مون!!

○

’پاٽي پاٽيٰ‘ پيو ڪريان، اندر پڙڪي اُڄَ!
سُرڪيان، سُرڪي ڪين ڏٺي، سمنڊ، ”بخاري“ سڄَ،
پائر، مون ڪي پُڄَ، پارڻ، پار ٻنهي ڏني!

○

”هاري دل، حُسن لئہ، هٿين آنھ؟ وَڏي؟“
ٻئي هٿ ٻڌي، چيئين: ”چاھَہ دعا ڪريو!“

○

سونهن اَٿئي سونهون اڃا، يا دل، تي آن دونهون؟
اندر مان ”اونهون، اونهون“ هونگ اچي پئي.

○

پڇيم دل وري، ”ڦاٿئين اڪين ڦند ۾؟“
مٿان نِرڙَ تَري، هٿي، چيئين: ”هاءِ هاءِ!“

○

”اڃا دل ڪو قرب ڏيئي، ٻنجين ڪاپڙي؟“
پڪڙيئين پاپڙي، ڪهيم: ”ڪائون پيرُ هي؟“

○

”اڃا وِسڪڻ وَٽ، اٿئي؟ پڇيم، پاڻ ڪان!“
مُنجهي، مهٽي هٿ، چيم: هاٿي چا چوان!

○

پارڻ: باھ، آڙاھ.
پار: تار پاٽي.
اڳنان يا پاهون: اڳتي يا پوٺتي.
اُونهون: انڪاري آواز.
نرڙ ڪُٽي: نرڙ تي هٿ جي تري هٽي.
پاپڙي پڪڙڻ: توبهہ ڪرڻ جو اشارو.

www.sindhsalamat.com

# گلشن گذرگاھہ

○

گلشن گذرگاھہ، خوشبوءِ، رنگ، رَسُن جو،
وٽن ۾ واچون، سُٽو وو وو ۽ وھواه،
ساعت پٽن ساھہ، وھنديءِ واس، ورن کو.

○

گلشن گذرگاه، کليون، ڪئونپل قافلا،
ميلو، ٻولَ، الوليون، چوڳو، چرپر چاهُ،
رھسي وھسي راه، سُرھو سانگ سفر جو.

○

ڪاچي توڙي ڪھڪشان، پُرجھہ ڪنيو پيرو،
دنيا ۾ ديرو، سٿون تا ڪنھن سچ جو.

○

واءَ ۾ واھيرو، سدائين سرھاڻ جو،
اِئين آھيرو، اُن جو منھنجي آس ۾.

○

گلي لڳي گل سان سُرھڻ ورتو ساءُ،
او من اوري آءُ، ڪو ڪن ڏيجَ ڪري هلون!

○

اوطاقي انسان تي، آفاقي گھيرو،
ناھي نبيرو، ڪوئي نينھن نظر جو.

گذرگاھہ: لنگھہ، رستو، راھہ. رَھسي وَھسي: خوش ٿئي، سرھو ٿئي.

www.sindhsalamat.com

○

لک پيرا، هر پير ۾ جيُون لک پيرو،
تنهنجي منهنجي نينهن جو ڪوبہ نہ نبيرو،
هئہ، هيءُ ويرو، پورو هنڪڙي پُور ۾!

○

ڪيستائين او ڪَلا، هيءُ سنساري سنگ؟
هيءُ جو سِورج، اُبُ، يُون رهيو سهٽو رنگَ،
دَهَر ٿَهَر جو دنگ، ڪنهن کي ڪل ڪٿي ميان؟

○

ديدَن پڇيو دل کان: عشق وڏو ڪيڏو؟
"پنهنجي جيوَن کان ڏگهو؟ جڳَ - جيوت جيڏو؟"
"اُبُ ڪٿي ايڏو، يونءِ پنيوري مت ۾."

○

اڪيون ئي اِوڪاسَ، اُڪاسُون سهسين وهنِ،
چڙهيل چاه اتاه تي اٺ تڪٽا احساسَ،
ڪيئي پيار پلاند ۾ وِسوسا، وشواس،
اسان آس، نراس، سُوڌا سنبريا سِڄڻَنِ.

○

اوسيئڙو اوڪاسُ، صديون گذريون سهڪندي،
ڪڏهين ڏينهن گهيو وچي راتين جو راڪاس،
ڪڏهين رات ڪُهيو رکي، اُپرندو آڪاسُ،
وَستيءَ جو وِشواس، هوندو هستيءَ ۾ پڪو.

○

ڪلا: فن، هنر، گڻ.
ٿهرَ: ترسڻ.
اوڪاس: لنگهہ، دروازو.
دهر: وقت.
اُڪاسون: اڪيرون، تانگهون، طلبون،
وسوسا: سوداءَ، وهم.
وشواش: يقين، پروسو.

www.sindhsalamat.com

# آرس پيچي اوءِ

○

آرس پيچي اُوءِ، جڏهن سونهن جوانِ،
چوڙي هڪڙي چوهہ سان، پہ پہ ڪلي ڪمان،
مان ۽ منهنجي ڄان، ٻست ٻاڻ تپي ويا.

○

آرس پيچي اُوءِ، ٻانهون ڪري ٻيلهہ،
اُرهہ اُيري اڳيرو، چوٽين چنڊ ڄان چيلهہ،
هينئون منهنجو هيلهہ، هوندو هيج انهيءَ ۾.

○

آرس پيچي اُوءِ، ٻنگ ڪري ٻانهون،
تاٽي ۾ تڙڪاٽ پيا، ڏؤر ڪيون ڏانهون،
اوسر ساراهون، "اُستاد" اُتاهون ڪيون.

○

آرس اوءِ پيچي،اڳيان اُرهہ اُيو ڪري،
ونگي وينگس وادِ ڄان، ارڏا انگ وچي،
ميچي ڪونہ ميچي، سوگهو آءُ سپين پرين.

○

آرس پيچي اُوءِ، ٻانهون ڪري ٻيلهہ،
ڪانگڙ ڪانو چيلهہ، سيني سنگ ستا پِتا.

○

آرس پيچي اُوءِ، ڪچون ڪشاديون ڪري،
بخمل بدن مان اُٿي، خيرن سان خوشبوءِ،
ڳليس ڳاڙهي روءِ، مُرڪيو مشتاقين ڇڪي.

---

ٻنگ: ونگ، وَر، اڌ ڳول. ڪانگڙ ڪانو: جوئر جو (ڏڪهو) ڪانو.

www.sindhsalamat.com

○

آرس پيچي اوءِ، منڌ ڪري ماٺو،
اٿي ربي انڊلٺ تئي، ٿهڪي پئي ٿاٺو،
هانءَ هَنوَس هاٺو، اڏي اُن ڏي چا ڪريان!

○

آرسُ البيلي پيچي، سهٽو ڪرُ ساهي،
ڪارايون، ٻانهون، ڪَچُون، تاهوڪيون تاهي،
چاتيءَ ڪي چاهي، ڦٽڪيو ڪير ڦٽيو تہ چا!

○

سارو شوق سَلي ويون، خوشبويون خاموش،
جيءَ اندر جو جوش، اکين مان اڀريو اچي.

○

چهرو تنهنجو چنڊ، چاهت چانڊوڪي ڇٽي،
ملڻ: ماکي کير ۾، کلڻ: خشڪا کنڊ،
منهنجي من تي منڊ، چوڏاري پِڙ چنڊ جو.

○

خاموشي کيڪار، بوسي بي آواز جان،
مشڪين موتئي تار، پٽڪين بوءِ بهار جي.

○

هڪڙي گل تي پوئٽر ڪي، هڪ پوئٽرو ڪئي گل،
هر اک جا هرجاءِ تي هر پورلَ ڏي ٻلَ،
هڪڙي دل جي هڪ وٿتِ، پرمَ رکڻ جي پلَ،
ڪتيون، مُنيون ڪلَ، چمڪن چاهہ نظر ۾.

○

---

هوس: حرص، شوق، چاهہ. خشڪا: رڌل اڇا چانور.

www.sindhsalamat.com

## وايون

سانهَستِي، سينگارَ، سامهون سُونهين آنهِري،
خاص خوشيءَ ڪيڪاريُس، هونگاريُس هيڪار،
سامهون سونهين آنهِري.

پيني پيني بوءِ سين، وينگس واسيا وار،
سامهون سونهين آنهِري.

آڪيُئين البيليون اکيون، ڪيريون منجهہ خمار،
سامهون سونهين آنهِري.

ڳاڙهن ڳلڙن ڏي ڏسي، آيس ياد انار،
سامهون سونهين آنهِري.

لبڙن تي لالي مٺي، لڳيَس ماڪيءَ لار،
سامهون سونهين آنهِري.

گسڪِي ديد، گلي وتان، آيس ڏانهن اُيار،
سامهون سونهين آنهِري.

پسندي پنهنجا انگڙا، اُيريس اندران آر،
سامهون سونهين آنهِري.

عاشق پنهنجو پاڻ تي، ناريءَ نيڻ نهار،
سامهون سونهين آنهِري.

اُتيئي "استاد" تي؛ مچئين، ناهہ ميار،
سامهون سونهين آنهِري.

●

www.sindhsalamat.com

•

طِرحين طرحين تنهنجا طورَ، منهنجا مورَا منهنجا مورا

تارا، ماڪ، ڪتوري، لاتيون، عرشين، فرشين تنهنجا پور،
منهنجا مور، منهنجا مورا

سي سُرهاڻيون مون جي ماڻيون، تن جي ڪهڙي توسان تور،
منهنجا مور، منهنجا مورا

ووڙڻ ڪان ورسائڻ تائين، منهنجون گهُورون توتان گهور،
منهنجا مور، منهنجا مورا

تارن تاڙيا، جهؤنڪن جهاڙيا، چانڊوڪيءَ جا چور چڪور،
منهنجا مور، منهنجا مورا

اونداهيءَ جي اڱنڌڙي تي، تانداڻي جان تنهنجي ٽور،
منهنجا مور، منهنجا مورا

پَهَر تہ چا پر پَلڪ نہ ترسن، دل جي دنيا وارا دؤر،
منهنجا مور، منهنجا مورا

حسن ڪيو هنگامو برپا، شوق شهر ۾ ڪيڏا شورا
منهنجا مور، منهنجا مورا

آفاقي ”استاد بخاري“، ڏورُ اڏامي آڏو ڏورَ.

•

پور: ٽپا، مهرون، نشان، ڇاپا.

www.sindhsalamat.com

●

چاندوڪيءَ جا چاهہ، وهوا، چنڊ سان چنڊ آ،
ڪير ﻫﭏ ڪنڊ آ.

جوڙي جوڙي جوڙ جڳت جي،
ٺاهوڪا هي ٺاهہ وهوا، چنڊ سان چنڊ آ.

منهنجي نِيت نياري ورتي،
تنهنجي پريت پناهہ، وهوا، چنڊ سان چنڊ آ.

قرب ڪرڻ کو ڪفر تہ ناهي،
ڳڌجڻ ڪين گناهہ، وهوا، چنڊ سان چنڊ آ.

نس نس سانديا، تحفو سمجهي،
سُرها تنهنجا ساهہ، وهوا، چنڊ سان چنڊ آ.

چاندوڪيءَ ڪي دل تي چمبو،
مِلبو ماهہ بماهہ، وهوا، چنڊ سان چنڊ آ.

غير اُتاريا تنهنجا منهنجا،
آڻ چاتا اُفواهہ، وهوا، چنڊ سان چنڊ آ.

جا بہ ڪري جهونگار ”بخاري“،
سا بہ سَنڌءِ ساراهہ، وهوا، چنڊ سان چنڊ آ.
ڪير ﻫﭏ ڪنڊ آ.

●

www.sindhsalamat.com

•

آرڏا، آربيلا، شعلا شوق نئين جا.
ناهن نينهن نِسنگ جا، شعاع شرميلا.
ٻيرن، ٻيرين جاءِ تي، ڪمند ۽ ڪيلا.
ڪِنوٽيون ڪِنوَن ڪيج ڪن، ڪڙمي ڪاچيلا!
ڏُڪن ڏيک ڪِڪا وڪا، پـيلن منهن پيلا.
ساٿي: هڪلون، هوڪرون، وِيرين واويلا.
اُهاءَ سان ”استاد“ جا، مُنهان منهن ميلا،
شعلا شوق نئين جا.

•

ڪِڪا وڪا: پريشان، حواس باختہ، شرمنده.

www.sindhsalamat.com

٦٠

●

چانڊوڪي چوڏاري، يارَ، ياري تو واري!

چِلڪڻ چمڪڻ وارا جاني! ڳَڏجڻ ۾ گلذاري.
يارَ، ياري تو واري!

مُرڪ تہ موتين ڪُشتو ڪاوان، سُرڪَ تہ سڪ جي ساري.

سائِرُ سينو، ساھہ سفينو، اوترَ لھر اتاري.

چمڪن چوليون، ڀَهڪن پوليون، جهومڻ، جهولڻ جاري.

جهرمر جهِرڻا، تَن ۾ ڪِرڻا، ڪينجهر تي ڪوهياري.

چاهت تنهنجي چنچلتا تان، هيرون، لهرون، واري.

پورنماسي، واسَن واسي، برسي پوءِ بهاري.

چاھہ رچي پيو چاندي بنجي، قربن جي ڪوٺاري.

اڄڪلھہ پيو "استاد" اسان جِي، پيار ڪري پوئواري.
يارَ ياري تو واري!

●

سائرُ: ساگر، سمنڊ. سفينو: ٻيڙو، جهاز.

www.sindhsalamat.com

●

موهيا مومل مَلَ، دل ۾ ڌهڪيا ڌَلَ،
ڏاڍو موهيو آهيان!

چوڏهين چنڊُ نہ آڏو اولو، جلوا جهل نہ پَل،
ڏاڍو موهيو آهيان!

ڪارَا وار، اکيون، تِر ڪارا، ڳاڙها ڳاڙها ڳَل،
ڏاڍو موهيو آهيان!

پينگهہ گگن تي، گجُ بدن تي، ڪنوڻ ڪِنوي پَئي ڪَلَ،
ڏاڍو موهيو آهيان!

سنهڙي سير لُڪيءَ ڪان ليڪو، بَل بَل برت پريل!
ڏاڍو موهيو آهيان!

دل دنيا ۾ حسن هزارين، ڪينجهر منجهہ ڪنول،
ڏاڍو موهيو آهيان!

منهنجي اک جي اوتِي اوتِي، سونهن سان سِيتل،
ڏاڍو موهيو آهيان!

بينون باجا، پينون، پانا، محبت ۾ موئيلَ،
ڏاڍو موهيو آهيان!

محفل ۾ مشتاقَ "بخاري" سيئي سونهن ستيلِ.

●

---

پينگهہ گگن تي: انڌلٺ اُپ تي. بل بل: بلي بلي! موئيل (مصدر موئنث): مٺي پاٺي يا پاٺيءَ ۾ پوڙيل.

www.sindhsalamat.com

●

نينهن ۽ سونهن بنان، نيٽيـن ڏينهن نہ نبري.

نظارا تو ناز ڪان، پنبڻن سان پنان.
نيٽين ڏينهن نہ نبري.

اُگهٽا پوندا عشق کي، سهٽا نيڻ پنان.
نيٽين ڏينهن نہ نبري.

چيخِي چُهنيا ساهہ کي، جاتي ساهہ ڊنان.
نيٽين ڏينهن نہ نبري.

تون چو پيرَ پچين پلا! مان چو چير چِنان!
نيٽين ڏينهن نہ نبري.

جيوَن ڪنهن لئہ جهاڳيا، ڪيڏا قهر ڪِنان!
نيٽين ڏينهن نہ نبري.

ڳائن جيڪا ڳوٺ پيا، سا ڪا ڳالهہ ڳنهان.
نيٽين ڏينهن نہ نبري.

"استادُ" اُن جي نانءُ ٿيو، جنهن هي ڏانوَ ڏنان.
نيٽين ڏينهن نہ نبري.

●

www.sindhsalamat.com

## ٻہ وايو (دوگانو)

(پ) آسُون واسِيندو،
راسيون راسيندو، گذريو ڪوئي گس تان،

(ٻ) واٽون ونگيندو،
ڏاتون ڏنگيندو، گذريو ڪوئي گس تان.

(پ) اوسَرَ رَتَ تي جيوَت جُڏ ۾،
ڪَهندو، ڪاهيندو، گذريو ڪوئي گس تان.

(ٻ) ياجُوجي ماجُوجي بنجي،
پُومي پيليندو، گذريو ڪوئي گس تان.

(پ) جام تماچي، باڳي وانڳي،
محبت ماڻيندو، گذريو ڪوئي گس تان.

(ٻ) خِلجي ڪيڙي ڏم، عمر جان،
چاهَتِ چيريندو، گذريو ڪوئي گس تان.

(پ) نسوهيءَ 'صوف ڇٽيو' تہ پلا ڇو؟
جُوتون جاچيندو، گذريو ڪوئي گس تان.

(ٻ) جوڳي، روڳي، آدوتي تي،
رلندو، روليندو، گذريو ڪوئي گس تان.

(گ) اعظم آ انسان "بخاري"،
"آءٌ حق آکيندو"، گذريو ڪوئي گس تان.

●

(پ) - پهريون. (ٻ) - ٻيو. (گ) - گڏجي. ياجوجي ماجوجي: ياجوج ماجوج وانگي - مطلب آهي وحشي، قرلت ڪندڙ بنجي. خلجي: علاؤالدين خلجي.
'صوف ڇٽيو' - (مشهور سائنسدانِ سر آئزڪ نيوٽن ڏانهن اشارو).

www.sindhsalamat.com

# نوري ناري نيڻ

○

سهٽيون اکڙيون سنڌ ۾ خاص .بخاري کوڙ،
تارن ۾ تجليون گهٽيون، ڪجليون ڪُهٽيون ڪوڙ،
جهڙي تنهنجي جوڙ، اهڙي سونهن سُجهي نہ ٿي.

○

سهٽا نيڻ سوين ڳُٽا، منهنجي مَنَ جا ميت،
گهوريا آن جي گهُور تان روز گلابي گيت،
پيارس ريتِي پريت، آسانگو ”استادَ“ جو.

○

اکيون بنجن چارِ، کلولِ بادل کنوٽيون،
چپ جڏهن ٿين چار، مصري مينهن وسي پون.

○

اکيون اُن عجيب جون ”استادَ“ آکيچار،
چارئي ڪندون چمڪنديون جاتي ٿينديون چار،
آچار ۽ ويچار، آکينديون اک چنبي ۾.

○

سهٽيون اکڙيون سوکڙيون ڪکوريل ڪاريون،
ويتر سرمي سُرت جي ڏاڍيون سينگاريون،
پسندي ٿي پياريون، اوجاريئون ”استاد“ کي.

کلول: هلچل، شور، لينگ لپا. چوٽڙو: نشاني جون پکيون، نشانيياز.

www.sindhsalamat.com

○

ڪلي پيارن ڪيرَ، اڪين سان ”استاد“ ڪي،
گُهنڊي وجهي گهُور سان، نوڪِن ڪوڪا ڪِير،
تڪي مارن تيرَ، چُٽن ڏُوران چوٽڙو.

○

تڪيئون جنهن تي تَڪ، دونالِيون ديدون ڪٽي،
پورو تي ويو پَڪ، گهُورون ناهن گُوسڙو.

○

پري ڏَڪ بندوق، دلبر، چوڙ نہ ديد ڪي،
سينو سڪ - صندوق، ڏکي قرب ڪندي بہ چا؟

○

ديدَ دُنالي سان ملي، چاتي دونالي،
بچي ڪير ”بخاري“ چئي چار - ڏکي چالي،
جيتي جوين جاننا هِينئين هتين خالي،
عام، اتم، عالي، سيي سونهن سلهاڙيا.

○

پَٺي بست ياڻ، هٺ هٺ، هانءُ نري پيو!
بيهر، تيهر چا چوان، هر هر تاڻ ڪماڻ،
اڄ سڪون ”استاد“ سي سلهاڙيون توساڻ،
پرتي موڙ نہ پاڻ، گهُورون يار گهُپيون رهن!

○

پنبڻ مان پيڪان، تيورَ تنهنجا تيوراَ،
ٿيئي تول اڪين وت ڪلف، ڪنجون ۾ ڪان،
بسڪ، دُک جا سامان، ڪِيئا نيڻ ڪنيون وتن.

تيورَ: نيڻ، نظرون، نگاهون. تيوراَ: هشيار، صاف ڪندڙ، هشيار بنائيندڙ. ڪيئا: مخمور، متوالا.

www.sindhsalamat.com

○

نينھن نظر جا تِير، مِٺا بوند بھار کان،
چاھتِ چيري دل ٿري، چاوتِ چُمي چير،
آزار ٿئي اڪسير، "استاد" آھن عشق جا

○

دلبرَ ديد عقابُ، منھنجي جھڙي جھرڪڙي،
"بخاريءَ" جي برھہ سان حجت ناھہ حساب،
مان ڇـو مھٽيھاب؟ جاني، جانِ جھٽي وٺين!

○

دشمن اڪ عقابُ، باز "بخاريءَ" جي اڳي،
قوتَ ڦٽي تي قوت مان، جيءُ جو جيءَ جواب،
توڏي نازُ نواب، مون ڏي نينھن نواب ٿيو.

○

اکيون بکيا بازَ، لُوھيو لامارا ڏِيَن،
انھن جا "استاد" ڇٽي آزارن انداز،
پريان ٿي پرمار کان ڪنبن ڪُرڪت قاز،
ٺوچن اوچا ناز، ڇنبين، ڇُھنبين پيار کي.

○

جھلڪارا جھارا، جاني تنھنجي جُوھہ جا!
تِرڇا، گھرا، دل گھُريا لوڏا، لامارا،
"بخاريءَ" آرا، سارا تنھنجي سامھون.

---

ڪُرڪت: ڳيري جو قسم – قد ۾ ننڍو، رنگ جو ڳاڙھڙو.
آرا: پيار، قرب، دل جا لاڙا، خواھشون.

www.sindhsalamat.com

○

چيتي جهڙي اک، چيتي جهڙي چيلهه،
اچي تيا "استاد" کي انهيءَ سان مُنهن ميل،
هِينئان هرڻي هيل، تيلان خير نه توڏي.

○

نظر ببر شير، پنبڻن جي پچري منجهان،
تکي جنهن ڏي تيز تي، اُتي رکجي پير،
گهُر "بخاري" خير، آجِي جي اُلري پوي!

○

اکيون عزرائيل، گهُرن سخت گهنديءَ سان،
اولارن "استاد" تي آسلح – اسرافيل،
جُوهون جبرائيل، جڏهن مُرک مِني ڪن.

○

هيون جي هابيلُ، اکيون کي "استاد" لئه،
ڪجل پائي قهر جو قاتل ٿيون قابيلُ،
سدا ثابت سيلُ، ڪڏهن آفت اڻ پلي.

○

سيارو، اونهارو، ڏِيون پاڻي پيار کي،
نيڻين نه نارو، ويروتار وهي پيو.

○

اکڙين تو کئي آچَ، انگَ "بخاري" آرپيا،
پهچڻ تنهنجي پاڇَ، منهنجو روح رڱي چڏيو.

---

اسلح – اسرافيل: اسرافيل جو هٿيار. پيار کي پاڻي ڏيڻ: پيار کي آباد رکڻ، تيهن تياهڻ.
پاڇَ: مرضي، خواهش، مهرباني.

www.sindhsalamat.com

○

موهيو، منڊ پڙهين، قيد ”بخاري“ قرب ۾،
جادو منهنجي جند تي، جُوهڻ شرط جَڙين،
ڪجلين ساڻ ڪڙين، وجهي واجهہ نگاهہ جي.

○

اکين سان اکين، الائي ڇا ڇا پرين،
الائي ڇا ڇا پرين، اکين سان آکين،
اکين سان ’آمين‘، منهنجو نينهن ڪندو هلي.

○

اوتِن عشق اکيون، ڏوڪِن عشق اکيون،
ڇڪڻ ري ”استاد“ مون چَسون ڇا نہ چکيون!
سڪڻ، سونهن رکيون، عجب جهڙيون دوستيون.

○

چشمن اوتيا چاهہ، چشمن پيتا چاهہ،
لهرون: گهُورون گهٽگهريون، دلداريون درياهہ،
سهٽي ساچاهہ، اوڪاريو ”استاد“ ڪي.

○

ڪي ڪي اکيون ڪڪريون، ڪي ڪوڙا ڪوهيڙا،
ڪن جي نرت نکور ۾ اُجرا اوڇيئڙا،
”استاد“ اوسيئڙا، اُنهن عام اَهاءِ جا.

○

ڪي اکيون ڇڊيون ڪڪريون، ڪي گهاٽيون مينگهہ ملهار،
ڪي ناسي ڪي نيريون، ڪي ڪاريون ڪارونيار،
ڪي ڦُڙ ڦُڙ ڪي ڦوهار، ڪي اوهيرا ”استاد“ ڪن.

www.sindhsalamat.com

○

ڪي ڪي اڪيون ايتريون اونهيون آڙيڪاپ،
ويئي ويئي ماٺ ۾، ماپي ويندون ماپ،
ڇاتيءَ مٿان ڇاپ، اُنهن جي ”استاد“ تي.

○

ڪيٌ ڪي اکيون اُڃ، ڪنيون، ترن تار ۾،
وِسَنئن ۽ ولهار ۾، سانڍيو وتن سُڃ،
سنپڻ سانگي رڃَ، هو جو ڪارو هيترو.

○

نينهن اچي نيڙا، گهورا ۽ گهزيل ڪيا،
محبت جي ميدان ۾ مارڪا، ميڙا،
اکين اکين کي ڏنا ”استاد“ آڪيڙا،
جهونجهارين جهيڙا، جوڻيا سوالِ، جوابِ جا.

○

غمن منجهه غسل، اکين زوز رئي ڪيا،
مني ملڪ ِتمي ڏئي، گوشا، غنچا، گل،
اهڙا آبِ اِمل، مون ڏي محبت موڪليا.

○

تنهنجي نينهن نگاهه، تاري، پوڙي، توهه ڏئي،
ڪڏهن سِڙهه صلاح سان، ڪڏهن ونجهه تباهه،
اکيون: سمند اٿاهه، گهورون: ويرون، وهڪرا.

○

گُونگين ريءَ گناهه، عاشق ڪوڙ اُکهي چڏيا،
ڪجلين بناءَ ڪاهه، ڪونڌر قيد ڪري چڏيا.

www.sindhsalamat.com

○

نوري، ناري نينهن، ويري، وارث، واهرو،
اکيون آچن آسرا، اکيون آکن وينهن،
اُچلائين تہ اوپرا، سنياريـن تہ سيـنهن،
آءٌ اڳيئي مينهن، آڳ "بخـاري" عشق جي.

○

نئين نينهن نهار ۾، نوان نينهن نيان،
رڳون رڳيون ڏور جون، جاني جهڙ جوان،
سمي خاص سجاڻ، آهي ناز نکورَ سان.

○

هڪڙي نينهن نهار ۾، سوين نينهن نيان،
ماسو سچيءَ مرڪ ۾ مٺين مهر مٺان،
تنهنجي رَهس رهاڻ، منهنجو اُهس اجاريو.

○

چشمِ چشما چئہ، عبرت آب حيات جا،
ڏني موت ڏريو وجي، پيتي جيوت پيئہ،
مون تي مستي مئہ، ڏونهين ٿي ڏوڪيو وتان.

○

اکيون ٿي اهڃاڻ، پُڇان پو "استاذ" جا!
وسو تا جنهن ويڙهہ ۾، ڏڇو اُتي ڏاڻ،
ڪِلو تا ڪوڪو رکو سو پڻ سوڙن سڻاڻ،
پيڙن جو پريان، پريندي پڇيو وجي.

○

اکيون ٿي اهڃاڻ، اٿن ايرادو وڏو،
تکِي اڳتي تاڻ، توڙي پيرين ترهتون.

---

ضبو، خوشي. اُهس: پيار، چاهہ. تَرهتون (اصل ترهاتون): پنڌ سبب پيرن ۾ ڪانئون.

www.sindhsalamat.com

○

ٻسٽ نظرَ ٻاڻ، پيڙ ”ٻخاري“ ينب ڪي،
ڇاتيون ڪري ڇاڻ، اوندهہ اورانگهي هلو!

○

اکيون ئي آوازُ، ٻيو ڪو ٻول ٻُڌاڻ تہ ڇو؟
واجهائڻ مان پيو وڃي سَهميل دل جو ساز،
اندر جو انداز، پَدر تي پکڙيو پوي.

○

اکيون ئي آواز، وڃي ڪي واڪ سٽان پيو،
پنبڻ پَر پسان ِپيو پرانهون پرواز،
نئون نينهن، نئون سمو، نئون تازو نازُ،
ريتيون آن جو راز، پريان ئي پڌرو ٿئي.

○

سُونجهہَ – نهارون سار، نيڻَ – نهارون اورتي،
اک پَسي اورار کي پرکي پُرجهہ پرار،
ديڏ اُهائي ڏار، پهچي يار پرانهِن جا.

○

اکيون ايتمہ ٻمہ، نظر تابش تاءَ،
دلبر سهٽا دُور ڇو، دوزخَ تنهنجو دَمہ؟
جَرِ جُوالا پُوريئہ، تر ۾ تڙڪا تَمہُ،
تبناهيون ڪر تَمہُ، دورانديشي ديد سان!

سُونجهہ – نهارون: جاچ جوچ، تلاش واريون ديدون. ترڪا: ڏڪڻيون، خوف، ڊاءُ.

www.sindhsalamat.com

○

اکيون ايٽم بم، نظر ليزر شعاع،
سهٽا ذور، سماءَ کر اُپڙڻ لاءِ اپاءَ،
اوسر، آس اُهاءَ، آڃ سيم، سمي ڏي!

○

اکيون ايٽم بم، ڳهُورون ڳهُوگهٽ ڳاڏئون،
جاني، يارَ جهانَ ڇو، جُوهون پاليئہ جَمبَ؛
اوسر جو ”استاد“ ڇڻي ڪر کو ڏُور مرم!
ڇَر ۾ ڇَمَ ڇرم، اوچو تي اڇلين متان!

○

اکين تي ”استاد“ ڇا، تحرير ۽ تقرير!
تڪڻ ۾ تقدير آ، تڪڻ ۾ تدبير،

○

ليزر شعاع: (شعاع. جي ايٽم وانگي تباهيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم اچي سگهن ٿا.)

www.sindhsalamat.com

# وايون

اڪثرين جا احوال اِلاهي، اوتُون اڪيون، جوتُون اڪيون.
محبت منجهہ مثال الاهي! ليليٰ اڪيون، مجنون اڪيون.

شوخي، شور: جوالا، شعلا،
ڪاوڙيي، يونچال الاهي! مَچرئي، محشر جهڙيون اڪيون.

خاص اشارا ڪڙندڙ تارا،
ميڇُن ۾ مشعال الاهي! ڪاهڪشائون، ڪَتيون اڪيون.

نظرون: نادَ، نغارا پيارا،
گهُورون: گهند، گهڙيال الاهي، بينجو، باجا، بينون اڪيون.

اڪ چنب ۾ اوريندڙيون آهن،
سهٽيون مون سان سال الاهي! ساعت ساعت: صديون اڪيون.

تڪ تڪ ۾ تحريرون ڪيئي،
خوشيون، خواب، خيال الاهي! دوها، وايون، ڪافيون اڪيون.

ديد آڏيا "استاد" گهٽائي،
لُوساتيل تيا لال الاهي! دردن جو تيون ذارون اڪيون.

●

اِلاهي: تمام گهڻا.

www.sindhsalamat.com

●

ترڇا تير ڪشيئہ، آڄُنِ، ميڄُن سان.

پرچي مورَ نچائيئہ،
بِرُ تِي بازَ بڇيئہ! آڄُنِ، ميڄُن سان.

ڪرٽا، جهرٽا، ترورا،
ڇيڙي رنگَ ڇڏيئہ! آڄُنِ، ميڄُن سان.

اوترَ وِيرون، ترٽلا،
ڇا ڇا ڇوهَہ ڇنديئہ. آڄُنِ، ميڄُن سان.

ڪاڇو، ڪينجهر، ڇاڇرو،
ڪُنڏون ڪَڙڇَ ڪڇيئہ! آڄُنِ، ميڄُن سان.

جُڳ جُڳ آس، اِڇا ڏئي،
پڳ پڳ پئيندَ وڌءِ، آڄُنِ، ميڄُن سان.

ايندي آنگيئہ آڪرا،
ويندي وِيوَ وڌيئہ. آڄُنِ، ميڄُن سان.

ڇاتيءَ تي "استاد" جي،
ڇا ڇا روپ ڇپيئہ! آڄُنِ، ميڄُن سان.

●

بِرُ تي: بيزار ٿي، تکو ٿي، ڪاوڙجي. آڪرا: اتامرا، تيز، هنيلا

www.sindhsalamat.com

●

نيڻ ڪنيائين جهيٽا جهيٽا، پاڻَ ڀنيائين ڀيٽا ٽيٽا.

محفل ساري گهُورن گهيري، ڏهڪن ڏاوا، جهڙجن جيٽا.
ڀاڻ ڀنيائين ڀيٽا ٽيٽا.

سيرون ويرون تارن هُن جون: ٻانهُون پيڙيون، ويٽيون ويٽا.
ڀاڻ ڀنيائين ڀيٽا ٽيٽا.

ڪوڪون ڪارون، دل جو دارون، ڇا جون ڦارون ڇا کا ڦيٽا؟
ڀاڻ ڀنيائين ڀيٽا ٽيٽا.

محبت اَڪ جي ماکي ناهي، چاهہ ۾ آهن چڙٽا چيٽا.
ڀاڻ ڀنيائين ڀيٽا ٽيٽا.

جنهن کي چاهيون تنهن کي ناهيون، پيار ۾ آهيون پاڻ وهيٽا.
ڀاڻ ڀنيائين ڀيٽا ٽيٽا.

شوَق ”بخاري“ شينهن بنايو، هاٿي ناهيون رهٽا هيٽا.
ڀاڻ ڀنيائين ڀيٽا ٽيٽا.

●

ڏاوا: ڏاڏا، ڪاپا. جيٽا: ساٿا.

www.sindhsalamat.com

## گهوريو وڇوڙو

○

گهوڙائون گهوگهٽ، ’وو وو‘ وايون واءِ ۾،
پٽِن جهٽَ، متان ڪُٽن، ڪوڪارون، ڪوڪٽ،
پرين ور پَنئست! آءِ تان اَڌ ڪُٽي مُئي!

○

وي تون وڇوڙا، ڪيئي قربَ ڪَٽيون سَٽين!
ڏهڪائين ديدون دليون، چِرڪائين چوڙا،
او اندا پوڙا! ڪاتيون پَونِي ڪنڌ ۾!

○

چيري ساڻ چڙو، وِڇوڙا پيرا ڪرين!
گهڙي پهر ڪڙو، رڳون، روح رڏيون وڃين.

○

توکان تيئن ڇڇان مٺا، جيئري جيئن مران!
سهڪان، سڏڪان، سُونجان، تڙپان، تيز تپان،
موت مٺا نہ تہ مان، جيئان ڪيئن جيون ٻنان!

○

مرو جدايون، جيئري موت مُيون نہ ڏيو!
وڇوڙي وايون، چاتِي، هانءُ چنيو وڃهن.

○

گهوريا وڇوڙا! جيئرا جهيريو تو وجهين!
تکا تيز ترار کان، قاتل کان ڪوڙا،
موتَ اندا، پوڙا! ڪنهن جي ميڙ مڃين نہ تو.

---

گهوڙائون: گهوڙا گهوڙا ڪري پٽڻ واري واويلا - (ڪيتي بندر ڏي چون پيا ”فلاڻي جي گهر گهوڙائون هيون يا گهوڙائون پئجي ويون.) جهٽ پٽڻ: سٿرن تي هٿ هڻي پٽڻ.
پَنئست: نهه پهه، بروقت، اُتيجو اتي. ڪڙو: پينو.

www.sindhsalamat.com

○

تَڪي تَڪي تِير، جدائيءَ جاني هنيان،
تڙپڻ نيڻ اڙيا پئي، سڙن ساهہ – سريرَ،
سيئي انگ سڌير، جي تون سنگُ سکهو ڪرين!

○

ويري، وڇوڙو، واءُ ٻنهي ۾ ويل جو،
قاتل هو ڪوڙو، مَروڙو هو موت جو.

○

وڇوڙو ۽ ويلُ، گهنگهر سان گوندر گڏيو،
مصيبت سان ميل، اديون، انڌيون آفتون.

○

ماريو وڇوڙو، ديهُن ۾ دَنگندو وتي،
لتاڙيو لوڙهو، جوڙن تي لوڙُون هٽي.

○

پَل پَل لڳا پيڙجڻ، گهڙيون پيون گهاٽي،
وڇوڙي – تاٽي، چوڏِس ڏنم چيچڙا.

○

اِيءَ آتُرَويلا، ايئن ڪيئن سلي سگهان!
لڳي آڳ درياهہ ڪي، ٻريا وڻ، ٻيلا،
وڇوڙي – ويلا، ٻنهہ ڪين ٻيان ٽٽي.

---

سنگ: لاڳاپو، دوستي، تعلق. ماريو: مئو. (هي لفظ نفرت وچان عام طور ڳالهين چون.)
لوڙُون هٽڻ: ڏاڙو هٽڻ، ڦرلٽ ڪرڻ. آتُرويلا: آتنا...ي وچ.

www.sindhsalamat.com

○

صدين سبيا ساهه، چنان هڪڙيءَ چڪ،
اِسين اورينءَ پر الا، پِرين پَرينءَ پڪ،
سيني اُدميو سِڪ، اڪين مان اُٿليو پوي.

○

وَرهيا ورهيہ وصالُ، وڏيو ڪجهہ ويرم،
آتل امر اڄ ڪئي، نہ ڪا همِ نہ تم،
عمر پر مَلمَ، ويندي ٻِڏِ وجهي وِئي.

○

ڳنديا ڳوپ مُني صدي، چنان هڪڙي چَنَ،
چاندبوٽان چيتيان تہ چا، ڪڙيا ڇڻ ڪي ڪن،
وايون، واس، ورن، باقي ويندي باغ جون.

○

سبيا ساه سڄي صدي، چنان هڪڙي چَنَ،
ڪهلَ، قياسَ نہ ڪَنَ، انڌي ديوَ آجل ڪي.

○

پِنيان ڪُتيان، ڪُوڪرا، توڙي جهيريان تن،
ڀهڳڻ اُتي ٻنُ، ويو ڪين وري جِتان.

○

سالن سبيا ساهہ، توڙيا هڪڙي ٽاڻَ،
پورو جيوَن پيار ۾، جن جي پاليم پاڻ،
واڪيان ورن ڪين ڪي، نِيئن سيڻ نہ ساڻ،
تانگهڻ، تڙپڻ، ٽاڻ، آوهاڳين اُڇلي ويا.

---

چَنَ (اصل چِن): دم، پل، پَلڪ. ٻن: بند، سوڳهو، نظربند، گروي.
ڪن (اصل ڪِنَ): ٿورو وقت، جهٽ، پل. ٽاڻ: وقت، گهڙي. واڪيان: واڪا ڪريان.
چاندبوٽا: چنڊ جا ڪِرٽا، چانڊوڪي. آوهاڳين: تار ۾، اونهي ۾.

www.sindhsalamat.com

○

هِتي ئي هئس، جتي جانِ جدا ٿي،
مٿان ڇو نہ مئس، هاڻي هينئَن هڄان يلي!

○

مٿان آءٌ مران، جانيءَ جوڙُ ڪري جي،
اونده عدمَ بحر ۾، توسان تار تران،
ورين ها تہ وران، گنوين ٿانَ گنوڄي وڃاڻ.

○

مٿان موتَ مهل جي، منهنجو پيار مري،
تنهنجي قربَ - قبر تي ڏيئو ڏات ڪري،
ٻيو ڪيئن ٻري،- جيئن آءٌ جلان پيو.

○

ڏيئو وساڻو، پتنگ اڏُ پڪو،
هاڻي ياد يڪو، ڪنيزاتيون ڪاٿينس پئي.

○

ڦڙڪي شعلو ٿمُ ٿيو، پتنگ پر سڙيا،
ٻچي ڍيري بزم سان جرڪي جُهدَ جَڙيا،
شمع لڙڪ لڙيا، پيئو سُور سڙيو جنئي.

○

وڇوڙي جو زهر، ٿو وڃهي ورهين وَٽ،
الا، ائين اُڦٽ، ماري ها تہ مِنو گهٽو.

○

وڇوڙي جو وِهُ، پيئٽو پئجي ويو،
جيئٽو پئجي ويو، جوڳي بنجي جيڏيون.

---

عدمَ بحر: - حو سمنڊ...

www.sindhsalamat.com

○

چاهه ڪري چڪچُور، هليو پاڻ حبيب وئين!
چنان گئونچ، گلن ڪان، ڏار، ٽُٽن ڪان ڏور،
واءَ، وٺان .وهلور، آچيندو "استاد" ڇا؟

○

پيڙن پاڙون پيٽ ۾، اُسريا سور انگور،
ٻاهر ٻوڪيا ٻور، جيڪي سڪ سٽون ڏنيون.

○

اها رات عذابُ، جاني، جامُ نہ جهُومر ڪا،
نہ ڪو آب نہ تاب ڪو، ڪيپ بخاري خوابُ،
سڪٽي آس سرابُ، ترٻي تاسَ، اُجهي ڪتان.

○

ٻجهيو راڳ، رباب کي وڇوڙي وِيراڳُ،
جيئن ڪو نرهہ نياڳ، تو گهيري سڀ سَياڳ.

○

جيوت جنهن سان جنتي، جنهن ٻن جيون جوڳُ،
اديون ڙي "استاد" کي، ساجن ڏاران سوڳُ.

○

جاني جهولَ نہ جُوهہ ۾، روح، رڳن ۾ روڳُ،
آڳ لڳي "استاد" کي، پينر ناهي پوڳُ.

○

ميندي، مشڪ، مساڳ، مليان ڪيئن محبوب ري،
اديون ڙي "استاد" کي ونگي ويو ويراڳ،
ڀڄي: ڳايان راڳ، پرچي: سانَ سهاڳ جا.

www.sindhsalamat.com

○

ڪو وڇوڙو وچ ٿيو، ڪو ورهيارو ويراڳ،
پوئيون پُوهي پيڙ ۾، اڳيون آڳ اوهاڳ.

○

ڪينجهر ۾ ڪُرڙي، مان جي ساجن ست ۾،
ٿانئن ۾ پُرڙي، دلڙي ڏاران دوست جي.

○

ڪا جدائي موت جي، ڪا جيئري جدائي،
پهرين پلجي آسرو، پي هميشه هائي،
جهوريو تنهن جائي، جيئري ماري جا ڇڏي.

○

پاپوهيندي پَچَ، سڪڻ، سهجئين سونهن لٿ،
روئي ڪجئين رَچَ، جڏهن جاني جهول ۾.

○

وڇوڙي جو واءُ، ساجن، سنڪراتون ڏئي،
وهندي وڃ وجهيو ڇڏي، گهُلندي ڪري گهاءُ،
اوتر بنجي آءُ، متان موت اڳي اچي!

○

نيٺين ننڊ ڦٽي، اکئين اوجاڳو لڳو،
اديون ٿي "استاد" ڪئي محبت ساڻ مِٽي،
پارو، رات پٽي، پرينءَ ريءَ پهاڙ ٿئي.

---

پُرڙي: پوري، ساڙي. پَچ: مصيبت، ڇڪتاڻ. مِٽي: مانٽي.

www.sindhsalamat.com

○

ماڻـِـن جوتون جاڳ جون، ننڊ گنوائي نيڻ،
هاڻي سمهڻ سور ٿيو، سانگَ ڪيائون سيڻ.

○

هتان 'ووڙ' وئي، وهندي انهيءَ واٽ سان،
تارا، ڪتيون، ڪهڪشان، اتي راهہ رئي،
اڳاهَيـن "استاد" آ منزل مون نہ مَئي،
سگهـي ڪيـر چئي؛ لوچڻ، لال ليي وجي.

○

ننڊان نياپا، 'اجهو ڪڙڪيس اوچتو'،
"مهل 'بخاري' ماڻيجي پنهنجا پاراپا،"
جاڳڻ جياپا، ڄاڻي، مون سان جوڙيا.

○

تيـٺ تہ ايندي ننڊ، جاڳي جلبو ڪيترو،
جهنڊي وانگي پنڊ، جرڪي، ٿڙڪي جهيريا.

○

ننڊ اڳهوري ناءِ، ڄاڻي، منهنجي جهول ۾!
صديـن سارو ساءِ، اوتيو، ٿورو پيي ونان.

○

وڇوڙي جي وَڏَ کان مجيم ڦِٽي ننڊ،
گهَريءَ ننڊ جا گهنڊ، وڄن وقت - گهڙيال ۾.

○



www.sindhsalamat.com

## وڇوڙو - وصال

○

رڪن روزو سخت، تڙپن تاسا سُرڪ لئہ،
ماڻِن ڪولڻ وقت، وڏو لطف وصال جو.

○

تاتي هٿ سان تاسَ، پاليون پاڻ ئي پياسَ،
اندر ۾ "استاد" تا سانديون آسَ، اُڪاسِ،
پِچن پِچاري جيان اَچارا احساس،
پو جي پائي پاس، اچي عيد عظيم ٿئي.

○

هو جو وڇوڙو، آيو هو "استاد" ڏي،
وڏو وِٿ وجود ۾ ويڌن ولوڙو،
سنگ وري سوڙهو، ٿيندي رنگ رچيو وڃي.

○

وصل سين وِڇڙڻ، جيئَن تُڙڳڻ سين تَسجڻ،
تَنبڻ کهڙو تيجُ، جي تو نہ ڏٺو تڙپڻ،
پريـنءَ سيـن پرچـڻ، هڙئي عيدون هنج ۾.

○

جانيءَ جدائي، رُسڻ، پرچڻ لاءِ جي،
وِٿ وجهي "استاد" جي اڪنڊ اُڏائي،
هيڪر اجهائي، ٻيهر ٻارڻ واسطي.

---

وٿ: وِٿي، فاصلو، وڇوڙو. تڙڳڻ: پاڻيءَ ۾ ٻيون هڻڻ. تَسجڻ: تاسارو، اڃارو ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com

○

’رتو سو پرتو‘، ’ڦاتو سو سِيتو‘، سُتو،
وڇوڙي جيءَ وِٽ ۾ وصل جنهن ورتو،
سو سُرتيو سَرتو، پلتيو پريت پڪي ڪري؛

○

گهٽي وڏي گهُرَ، پيار رُسي ”اُستاد“ جي،
اميدون ايلازَ ڪن، اردا سُون ڪن. اُرَ،
ڳلن تي ڳوڙهن جي چمڪٽيون ڪن چُر،
سُڏڪن، هِڏڪيون، ساهہ جا سڄڻ سمجهن سُر،
ياڪر تي ياڪُر، بوسن تي بوسا وسن.

○

رتا جيڪي رات تي، پره. تي پرتا،
انهن لئہ ”اُستاد“ ڪي اوراتا آرتا،
صبح سان سَرتا، سَهڙيا ٻڄي سوجهرو.

○

ايندا، سي ويندا، ويندا، ايندا ڪنهن ٻُڌا؟
اڪين ۾ ”اُستاد“ جي اهڙا آئيندا،
مارو ميڙيندا، واهوندا تي واسَ ۾.

○

ايندا جيڪي عيد تي، واڪا ڏئي ويندا،
انهن جا ”اُستاد“ ڪي ماتم ماريندا،
اڳني پو ٿيندا، ميڙا تن سان ماڳ ۾.

○

www.sindhsalamat.com

## وايون

هوت ڪٿي هليا هاڻي!
ڪيچ خوشيون سڀ ڪاٽي! گهوڙا!
هــاجــو!
هٺ هٺ!

قادرَ تنهنجي قيامر ڪٿي آ؟
هــو هـو، محشر هاڻي، گهوڙا!
هاجو! هٺ هٺ!!

جانِ وٺو جت، هوت ڏيو نہ تہ!
هانءُ هٿان ويو هاڻي! گهوڙا!
هاجو! هٺ هٺ!!

گهنگهرَ، گوندرَ مون کي جيجل!
گڏجي اُڇليو گهاٽي ، گهوڙا!
هاجو! هٺ هٺ!!

جيڏيون منهنجي جندڙي ساڙي!
ٽِچڪي ٽِچڪي تاٽي، گهوڙا!
هاجو! هٺ هٺ!!

اِيندي آڏجي، ويندي وڏجي،
تيتر تن پيو تاٽي، گهوڙا!
هاجو! هٺ هٺ!!

هيڏان، هوڏي، هرڪو "بخاري"
اوڏهن ڪِير نہ آٽيِ! گهوڙا!
هاجو! هٺ هٺ!!

ڪيچ: لطف، لذت.

www.sindhsalamat.com

●

موت منا، نہ تہ مان!
نہ تہ مان!
نہ تہ مان! جيئان ڪيئن جيوَن بنان،
سرچان ڪيئن ساجن بنان.

توڪان تيئن ڇڄان مان جاني! جيئري جيئن مران!
جيئان ڪيئن جيون بنان ...

پاڻي منهنجو ساڻ نيو تا، ڪُرڙي ڪيئن ڪيان!
جيئان ڪيئن جيون بنان ...

سهڪان: سُور پڇايان، سڏڪان، تڙپان، تيئن تپان،
جيئان ڪيئن جيون بنان ...

ہَر ہَر مون ڪي پاري نڪتا! هينئڙ هوت هتان،
جيئان ڪيئن جيون بنان ...

دِل دم دير سهي ئي ڪِٿ تي، سو ڪيئن سال سڪان!
جيئان ڪيئن جيون بنان ...

پاڻيءَ ماتيءَ ري نہ سري تي، جاني ريءَ جيان!
جيئان ڪيئن جيون بنان ...

وقتُ ۽ ويرَ ورن تا ڪاتي، چاتي واجهہ وجهان!
جيئان ڪيئن جيون بنان ...

موت مچي جي منت "بخاري"، واري پيار وتان،
جيئان ڪيئن جيون بنان،
سرچان ڪيئن ساجن بنان!

●

www.sindhsalamat.com

●

جاني جَنِ ڪان پوءِ،
روئـان روز آبـوءِ! ڏاڍو سُورُ ڏِئي ويا!

ياڻُر ڪوڙ پنيور ۾، ڪونڌر ڪنڌ نہ ڪوءِ،
ڏاڍو سُورُ ڏئي ويا.

جِينڌيون ڪنهن جي جندُ سان، هاڃو هينئن نہ هوءِ!
ڏاڍو سُورُ ڏئي ويا.

گهوريو واءُ فراق جو، وڻ وڻ واڪو ووءِ،
ڏاڍو سُورُ ڏئي ويا.

اکڙين آڇيو آبڙو، هينئڙي آڪيو هوءِ!
ڏاڍو سُورُ ڏئي ويا.

آڏيون عيدون اِينديون، پَهچن شايد پوءِ،
ڏاڍو سُورُ ڏئي ويا.

"اُستاد" آهہ اُباڻڪي، لالڻ ڏاران لوءِ،
ڏاڍو سُورُ ڏئي ويا.

●

اُبوءِ: ابول. (افسوس جو ڪلمو)

www.sindhsalamat.com

●

آرُ هجي يا پارُ، آلاڙي!
پنڌُ پري جي پريت پَراهين.

سامهين در ۾، ساڳئي گهر ۾،
دور صديون دلدار، الاڙي! پنڌ پري، جي پريت پراهين.

ڪو تہ سهارو سالم گهرجي،
پور هجي يا پيار، الاڙي! پنڌ پري، جي پريت پراهين.

تانگهہ - تپش ڪي، قرب ڪشش ڪي،
سونهن ڪپي سهڪار، الاڙي! پنڌ پري، جي پريت پراهين.

دَمَ دَمَ ۾ ڪم ڪيڏا ڦاٽا!
پل پل جيءُ جيار، الاڙي! پنڌ پري، جي پريت پراهين.

ويسر، مانگر، ڏاتوَر ڏسجن،
ڪُنّ لڳي ڪُونارُ، الاڙي! پنڌ پري، جي پريت پراهين.

وارَ وِڻي "اُستاد" وَڏِي ٽٽي،
قربَ سوا ڪُهسارُ، الاڙي! پنڌ پري، جي پريت پراهين.

●



www.sindhsalamat.com

•

پيار ڪري وٺين ڌار ڪري، هٿ هٿ سهٽا خيف هجئي!

سينو سگري، تاندا دلڙي،
رڳ رڳ ۾ پئي آڳ ٻري، هٿ هٿ سهٽا حيف هجئي!

جهوريو جَندُ جدائي تنهنجي،
ڏوسِي منهنجو هانءُ ڏري، هٿ هٿ سهٽا حيف هجئي!

ڪاڏي وٺين بي درد شڪاري!
مون کي قابو قيد ڪري، هٿ هٿ سهٽا حيف هجئي!

صحرا کي ٻه سهارو گهرجي،
سائِر ڏاران ڪانہ سري، هٿ هٿ سهٽا حيف هجئي!

سورج ناهيان روز نهاريان،
ماٺهو آخر نيٺ مري، هٿ هٿ سهٽا حيف هجئي!

سيڻَن جي سِرهاڻ ڪٺي کو،
واءُ گهُلي ڪو وارُ وري! هٿ هٿ سهٽا حيف هجئي!

پاڙي ۾ ”استاد“ پڪاري،
پنڌ پرين ڪو ناه پري، هٿ هٿ سهٽا حيف هجئي!

•

ڏوسِي: بدشڪلي، منحوس (ڪراڙي)

www.sindhsalamat.com

•

غفلتَ ۾ غلطانَ!

صورت جا سلطان! جيئڙي جاني جاچ ڪجي!

ويڌن ويل اچن جي تن جي قدمن تان قربانَ!
جيئڙي جاني جاچ ڪجي!

ڪاتي سِيرَ، ڪسي پٽي سهٽي، ڪاسائي طوفان!،
جيئڙي جاني جاچ ڪجي!

ڪامڻ ڪَهه ۾ ڪُوڪي سهڪي، ڪيچي ڪوهستانَ!
جيئڙي جاني جاچ ڪجي!

راڻا رُنٽا مهٽا مارين، مومل ٿَئي مهمان!
جيئڙي جاني جاچ ڪجي!

دلبر، ڏ ڪي وِرهه وڪوڙيو، ديد، دوا، درمانَ!
جيئڙي جاني جاچ ڪجي!

اُلجهڻ مان "استاد" لڌاسين، سُلجهَڻ جا سامانَ،
جيئڙي جاني جاچ ڪجي!

•

ويڌن: مصيبت، آفت، انڌير. ڪامڻ: خوبصورت عورت، نازڪ ناري.
ڪه : ڏسو ڏکيو سفر، 'محبت'.

www.sindhsalamat.com

# ساروٽي سولي ڪٽي؟

○

تپڻ، تڙپڻ، تاڻ، ساروٽي سولي ڪٽي؟
مٿان لُڇَ مترڪا، هيٺان سِڪ سنداڻ،
سڄڻَ سورُ سُراڻ، تانگهڻ تيز ڪيو چڏي.

○

سُستيءَ ساڻ سڄڻُ، ساٿي سِڪ سڏي،
گهورا، گهربل لئہ ڪيي واڇٽ جيئڻ وڃڻ،
همت ساڻ هَڇڻ، عِزت عشق عظيم جي.

○

سڪڻ سمجهن سيجَ، ملڻ ماڻن موجَ،
اُنهن ڪارڻ اوجَ، آرڻ توٽي آٽئين.

○

اندر انتظارَ، اوسيئڙا "استاد" ڪي،
ٻاهر آ ٻاڪار، "پينو پينو" ڦيٽ ٿٿي.

○

"استاد" اوسيئڙو، ڪريون ڪهڙي آسري؟
طاقت تيلُ ڪَتو وڃي، ڏِيل سُڪو ڏيئڙو،
جو جهڙو جيئڙو، تاٿي، هاڻِ تِڪو رسو!

○

سايبان توڪان ڏار، سپنا ساڻ، ڇهان تہ ڇا؟
الا، ڇڪَتيا ڏار، ڦِٽا، ڦَلُ جهلين ڇا!

آرڻ: جنگ، لڙائي. پينو پينو: ويهو ويهو. ڦيٽ: ملامت، ڦِٽ لعنت.

www.sindhsalamat.com

○

چاهين ٿو تہ بچان، اَچڻو پَونديءَ اَڄ!
او نہ تہ اِءُ اَڇان، چارو ڪو بہ بچيو نہ ٿيو.

○

مٿان ڪِرٽا مِينهُن، هيٺان ريت تَتِي وهي،
تَنبي تانگهہ تيئن، جيئن ڏنيي ڏونگر - ڏِينهن،
نِڌڪ ننگو نينهن، وَڌڪ ووڙيندو وتي.

○

تانگهون تَتي ريتِ، پُورَن پيرَ ڦِلوڪٽا،
چُپي چيري چاهہ جي چاتي چنتا - چيتِ،
پيئر اِنهيءَ پيت، پنهنجو پنڌ پرينءَ ڏي!

○

لوچڻَ پيرَ لِڦُون لِڦُون، پُورنَ پنڌ پرين ڏي،
مَچريو ڳاڙي مون اڳيان گوندَرُ گندُ گِڦُون،
سامهون سُور صفون، تامون - پُونءِ، تپان، اڇان!

○

اينڊِي وينڊِي آهہ، اُن وٽ منهنجي آہَ،
سُنگهي اينڊي آ اُتان سَندس سُرها ساہَ،
اِئين چُهتي چاہَ، چُميا پيارَ پِرينءَ جا.

○

چڙهيا ڪيئي چندَ، لَٿيا ڪيئي سجَ،
راهُون ڏِينهَن روڪيون، راتين وڏِي رَندَ،
سانجهي، ساجهر جهولَ ۾ وڇوڙي جي وندَ،
آءٌ، عِشق، اُڪندَ، تِنهي جانيءَ جُستجو.

---

نِڌڪ: پڪي، ڏڪ ڪاڏل، بي خوف. چِنتا - چيت: چنتا جي چيت، ڳڻتي، ڪتڪو.
پيت - نمونو، ڍنگ، طريقو. تامو - پونءِ: ڏرتي، تتل ڌرتي.

www.sindhsalamat.com

○

آندر اُدمي سِڪَ، اڪئين ڪوسو اوتجي،
لَڪِيءَ کهڙي لِڪَ، ڏارو ڏوڪاريو وهي.

○

اڪين اَڄُ اُڪاسَ، اِئين لڳي، آسرا!
رڱن کي روزي رکئي جيئن تپائي تاس،
اُجارا احساسَ، پاٽي پاٽي ڪَن پرين!

○

آلا، اهڙي سِڪَ! پائيندڙ پائي پَئي!
چولِي چولِي چِڪَ، پوري هانءَ پِڪون ڏئي.

○

سُنڌيون ساڙي سِڪَ! پاٽي - پيارُ پِرين ڏئي،
لُڇڻ کهڙي لِڪَ، پُڇڻ ريءَ ڪُڇيو پوي.

○

سڪڻ آهِ ثوابُ سوچيو، سونهن، سِڪان پيو،
طلب تانگهه حبيب ڏي ڪيپ هجي يا خوابُ،
هوندو ناهه حسابُ، سيي ساهه پرين بلي.

○

ڏاڍا سوڙها لَڪَ، آڏا تيڏا پيچرا،
ڏاران شوق پَري پوان، هُو تان ويجهي چِڪَ،
پريت اڳيان پِيلڪَ، چِپَر چنبي، پريان پرين.

○

ساروٽيون ري سارَ، سڄڻ منهنجي سُرت ۾،
تڙپي دل جي تار، سوا سعيي سوچ جي.

---

اُڪاس: اوسيئڙو، اڪير. ڪيپ: خمار، نشو. هوتان: هو تہ.
ويجهي ُچِڪَ: اوسي پاسي، نزديڪ

www.sindhsalamat.com

○

سجڻ، پنهنجي سار، هاڻي مون کان ڌار ڪر!
ٻڌو اِئن رڻان جئين ٻاڪارن ڪي ٻار،
اڱياڙيءَ جا آرَ، پڇاڙيءَ پيچو چڏيو!

○

سڄڻ، پنهنجي سارَ، واپس سامَ سنيار!
اوتر، ٻيڙي ٻار ۾، اُتس بيخد ٻار،
ڪارا ڪارونيارَ، ڳاڙها پيارَ ڳهيو وڃين!

○

سڄڻ، تنهنجي سار، ڪيئين رنگ ڪري پئي!
ڪڏهن نظر نُور ۾، ڪڏهن نيڻين نار،
ڪڏهن هارَ قطار ۾، ڪڏهن مالها مارَ،
مـون تي ناهـ ميار، اهڙا خـواب ڏنا ٻه تو!

○

مون کان ڪوتا ڪارَ، سڄڻ - سار ڪسين ڇا؟
سينو سُرندو تي ڇڪو، تنتون تند، تنوار،
سارهـ ساهـ پساهـ ۾ واڪاڻون ڪن وار،
يقيناً پئي يارَ، ڪيري ڪندي ڪيرتون.

○

هينئين حاضرات، جيڪي چاهيان سو پسان،
ڪيڏي ڪائنات، تنهنجي صورت مون تُسي.

---

مار: نانگ. ڪوتا ڪار: دوکيباز رقيب.
حاضرات: عمل، جنهن ۾ عامل مطلوب ماڻهو ۽ شيون گهرائي ڏئي يا ڏيکاري سگهي.
تُسي: راضي ڪري، خوش ڪري، وڻي.

www.sindhsalamat.com

○

اڇڻ جو آهٽ، سَرلي اوسيئڙي سٽيو،
ڳالهيون، ڳُڻ ڳاهٽ، اُتان اڳيئي هٽا.

○

ساري رات سمهي، جوڙيان سپنا جاڳندي،
چوڏهين چنڊ چُمي، رڱين اوتيان روشنيون.

○

سُرهيون هوائون، دريون، منگهه لنگهيو اچن،
اِئين رَچن روح ۾، اُونهيون ادائون،
اوسيئڙو آئون، سُنگهون تنهنجي سونهن کي.

○

سڄي رات سُري هلي، هاڻي سُمهڻ ڏي!
اوسيئڙا "استاد" کي، گهيرٽَ گهمڻ ڏي،
ڇِهرو چُمڻ ڏي، اکين کي آرام جو.

○

آسا، آسُر جو اُتي، ايندي آهين تون،
اچي آتتَ ذاتِ کي ڏيندي آهين تون،
ويندي آهين تون، سانجهي سُور ستا ڪري.

○

سُرهي ساروڻي، واسيو آس وجود کي،
عُمر اوسيئڙو ڪيو، اچا اک اُوڻي،
قرب سريو ڪُوٽي، ڪينجهر ڪُک پري ڪٽي؟

گهيرٽ: ننڊ جا جهوٽا.

www.sindhsalamat.com

o

واسيو آس وجود کي، پَنبان پاڻهي پاڻ،
پهچڻ ڪان بہ اڳي نچي ڳلن تي ڳاڙهاڻ،
سندس صحبت ساڻ، رُجهان رُچان پَرپٽي.

o

سيارو: اڱڻَ اُسَ، ساروٽي سُرهاڻ،
سونهري تِڙڪو وِڏمر غاليچو تو ڪاڻ!
ڪيڏي روحَ رهاڻ، پَر پُٺيءَ توسان پرين!

o

سارڻَ سَرهائي، ويهاري وجود ۾،
اسان آرهائي، 'ايندو' ساڻ آڏي وِڏي.

o

سنيارڻ مان سُپ، آوس اوسيئڙو ڏسي،
سَنجهي اُيو اُپ، صُبح سڄ مبارڪون.

o

ويسَر اوجهرو، جنهن ۾ جارُ ڳهٽو جهَڪو،
سارڻ سوجهرو، پرين سُونجهَہ پَسي سگهي.

o

اوسيئڙي اُهاءِ، ڪيو سوچَ سمڪَ ۾،
سَريو اهمر سماءِ، اوجهو، ساجن سامهون!

---

پنبان (خوشيءَ ۾): نچان، ڪڏان. آڏي: ٻہ اڌ ڪري. وڏي: ماري ڇڏي.
اوجهرو: اوندهہ. سُونجهہ: ڳولا، جستجو جي جبلت.

www.sindhsalamat.com

○

سارڻ – سُهائِي، پُورن تي پکڙيو وڃي،
ڪِلائي جيئن خواب ۾ ٻالڪَ وِهائي،
هوڏان هوءَ آئي، هيڏان هيج هِنيون ڪري.

○

اوسيئڙو ۽ آنءُ، ميڙي ۾ مٿهيار ڪو،
”بخاريءَ“ لئه بازرون نِرو تنهنجو نانءُ،
هئه هئه منهنجو هانءُ، هُلن ۾ هوڪا ڏئي.

○

اوسيئڙو ۽ آنءُ، آڇو، ٻيڙو ٻار ۾،
اهنجيءَ ۾ ”استاد“ لئه ساڃو تنهنجو نانءُ،
ڏکن وٺان ڏانءُ، ونيو هانءُ هلي پيو.

○

اُن جو اوسيئڙو، سنجهي ڏاڍي سوجهرو،
اُو جو تارو اُڀ تي، ڏونگر تي ڏيئڙو،
لالڻ جو ”استاد“ جي لُونءَ لونءَ ۾ ليئڙو،
جوتِ پسي جيئڙو، اوت اڱيئي اُڃَ ڪان.

○

اوسيئڙو آهَسُ، منجهس جَرڪ مراد جي،
جدائيءَ ڪي جس، مُنجي وجهه وصال جو.

○

اوسيئڙو اڪ ٻوٽ، ڪيڏي آسَ، نراس سان،
آخِر عشقَ الهوت، وندر هٽ ڪري وڏي.

---

وهائيءَ جو ڪلائڻ: ننڍڙو ٻالڪ جڏهن ننڊ ۾ ڪلي ته چون: ’وهائي تي ڪلائيسَ‘.
آڇو: اٿائو واءُ (ٻيڙن لاءِ). ساڃو: آڇو جو ضد، سٿائو واءُ. اُهَسُ: روشني، پيار.

www.sindhsalamat.com

○

ڏهاڙي توڪي ڏسي، هيءَ ”بخاريءَ“ هير،
سياڻي سُڌ ٻاهر ڪا، هتڙي هوندا ڪير،
دلبر ايڏي دير، ڪبي ناهي قرب ۾.

○

هينئر هليو آءُ، هڪدم هوڙهيائي ڪري،
آتاڙي ”استاد“ جو ستت لهه سماءُ،
تانگهون تني تاءُ، مانيون محب ڪرينم ڪي.

○

هٽي هاٽي اوچتو، دلبر، دل جو داءُ،
واهوندي جو واءُ، ٻنجي آءُ، ٻهار تني!

○

ايندا اربيلا، عيدون تينديون ديد جون،
ماڻيندا ”استاد“ چئي محبتي ميلا،
جوڙ ڪريو جي لا، ڪوڙين قرب ڪنا تين.

○

اچن عيد ڏوار، ديدون، ڏيدن سان ملن!
انگن تي ”استاد“ ڪا، برسي ٻوءِ ٻهار جي،
چَپ تين جي چار، سمو، سيم سنگيت چئي.

○

پولا پرم پُزن، هي جي هُوند حجاب جا،
سنگت ساز سُري پوي، چاهت چَپ چُرن،
ٻنهي پار ٻُرن، نوان نغما نينهن جا.

○

هير: عادت. هوڙهيائي: جلدبازي، تيزي، بي صبرائي.

www.sindhsalamat.com

## وايون

تَن مَن ۾ ڪا تاڻ، ڪَنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

عشقَ رڪائي آڳ رڳُن ۾، اڪرُين ۾ آلاڻ،
ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

مان تہ ڪٿي ماٿار ميڃان پر، محفل ۾ مانداڻ،
ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

ڪاوڙ منجهہ ڪِنارا ڪاٽي، مَيري جي مهراڻ،
ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

پَن پَن ۾ پيلاڻ زمانا! ڳاڳُن ۾ ڳاڙهاڻ،
ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

سُور سُياڻي هينئن نہ هوندا، آڪِن تا اهڃاڻ،
ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

نينهن نِراسائي ڇا ڄاڻي، آسَ اڃا ڪا آڻ!
ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

اوتِ اَڃا ”استاد بخاري“، سِت سِت ۾ سرهاڻ،
ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

●

www.sindhsalamat.com

●

ساروڻِي سُرهاڻ، سُرهاڻ آ ساروڻي.

آيمر پريَمر پيار جيءَ، هردي مان هڳساڻ،
سُرهاڻ آ ساروڻي.

ڪَتيون توڻي ڪيتڪيون، ساجن سُونهن سُجاڻ،
سُرهاڻ آ ساروڻي.

ڀَهڳڻ ۾ ڳُڻَ: ٻير ۾، ڳاڳُن ناهي ڳاڻ،
سُرهاڻ آ ساروڻي.

اکڙين جي آفاق تي، ڳَلڙن جي ڳاڙهاڻ،
سُرهاڻ آ ساروڻي.

سونپيو پنهنجو پاڻ مون، هوتَن کي هَٿ ساڻ،
سُرهاڻ آ ساروڻي.

پهچان پوءِ ٻه پوئتي، پوري ريت پَڇاڻ،
سُرهاڻ آ ساروڻي.

اديون ڙي ”اِستاد“ جي، ساري سُونهن رهاڻ،
سُرهاڻ آ ساروڻي.

●

www.sindhsalamat.com

●

وِهنجاريءَ واسَن، سِينگاريءَ سُرهي هوا،
روڪِي راڪاسن.

پهچو، پيارَ پَري وري، آنگِي آنگاسن!
روڪِي راڪاسن.

جَنهن جا پيرَ پَٽوڪَ تي، بخمل تا ياسن،
روڪِي راڪاسن.

اُوچي آبَ حيات ڪانِ، تنواري ٿاسن،
روڪِي راڪاسن.

رات رَتائين روشني، اوڪِي آڪاسن،
روڪِي راڪاسن.

آزادي ”استاد“ ڏي، آندي احساسن،
روڪِي راڪاسن.

●

---

انگي انگاسن: انگاسن يا نشان تي ننگي وڃي. پَٽوڪَ: پَٽ، صاف سنڌي زمين.
تاسَن: پياسن، اچارن. رتائين: رَت پري. اوڪي: آلني ڪئي، ڦي ڪئي.

www.sindhsalamat.com

•

راهُن تي هر روز وَڃن پيون، ديدون دوتارا،
تَڻ تَڻ ڪن تارا.

پيار اُڏاڻو اوڏهِن جيڏيِ، جُوءِ نہ جهُونجهارا،
جُوهہ ڏئي جهارا.

بس بس ڪن گهر ہارَ گهٽوئي، آه نِس وسڪارا،
نيڻ ڪڪر ڪارا.

منهنجي مؤج ڪسي ويا مون ڪان، لُوهي لامارا،
پرماري مارا.

لُڙهندا ناهن لهر لهر جي لاڙي لهوارا،
وِيڙ نَظر وارا.

دوُرَ ويا ويچارا، هاڻي، موتيا موچارا،
چوڏاري چارا.

ديسُ گهُري "اُستاد بخاري"، ڏودا دوبارا،
ٻرهہ ڪٽن بارا.

•

آه نس: رات ڏينهن. لوهي: لوهہ هٽي، سَٽ هٽي، حملو ڪري. لاڙي: لالانگهري، سهاَري. دوبارا: ٻيهر، وڙي.

www.sindhsalamat.com

هوءَ جا جيءَ جيارَ. اِينديِ، اِيندي، اِيندي!

شال شفق جي اوڙهي اُوشا، ڳاڙهي لال ڪنوار،
ايندي، ايندي، اِيندي!

جهڙي جوت سويري سُورج، جهڙي بُوءِ بهار،
اِيندي، ايندي، ايندي!

هوءَ جا سِيمَ، سَمي جي سجني، آجا جنهن جا آر،
ايندي، ايندي، ايندي!

سون وَني، مَن مُهڻي، سُهڻي، نئين نئين ساڻ نکار،
ايندي، اِيندي، ايندي!

چوڏِس چارا چاهت وارا، پُورب، پَڇِمَ پار،
ايندي، ايندي، ايندي!

"هيف هجيئي هيڏيون ديرون!" ڏيندومانس ميار،
ايندي، ايندي، ايندي!

عيدون، ديدون، آوج "بخاري" هوندا هيج هزار،
ايندي، ايندي، ايندي!

اُوشا: صبح ديوي، سهڻي، خوبصورت. سِيمَ: جُوءِ، ترَ، پُوءِ.

www.sindhsalamat.com

●

تانگهہ تِکي تَڙپايو،
قُرب وندا ڪوٺايو، تہ بہ پيا ٿا تَرسايو!

ڏيگهہ گهٽائي گهاوَ رسايا، سيگهہ ڪريو ڪو سعيو!
تہ بہ پيا ٿا ترسايو.

پرتو ڪين پِرين ري هينئڙو، پل پل پئي پرچايو.

ڪونہ لُڏيو پروانو پچندي، ڪونہ شمع شرمايو.

مينگهہ مَلهارَن وارا ماڻهو! بُوند نہ ڪا برسايو!

مشڪل ۾ مون اَرُ مُرڪايو، ٽاڻن تي ٺهڪايو.

شَهَرَ شعاعن ۾ وهنجي ويا، جهنگ جُٺو جهرڪايو.

سوجهرو سدورو نُور ڪري ويو، آنڌاري هارايو.

ماڻهو چنڊ چُمي ويو هاڻي، تنهنجو چاهي رايو؟

اُٿل پُٿل "استاد" ضروري، آندر پَهر اُٿلايو!
تہ بہ پيا ٿا ترسايو.

●

---

اَرُ: روح، مَن، شوق، چاهہ.

www.sindhsalamat.com

●

عيدون ڪن ديدون، ديس ورو پرديسي!

پُورب پاران آيا بادل، ويس وسڻ وانگُون،
ديش ورو پرديسي!

گهر گهر گجرا، هار گلابي، مينديَ مشڪ مليون!
ديس ورو پرديسي!

ماڪيءَ جو ميناج هوا ۾، سڳداسي سڳندون،
ديس ورو پرديسي!

بير پچايا صوفي بيرئن، پُور پچاياسون،
ديس ورو پرديسي!

ڪارڪ، انب، ڪمند ۽ ڪيلا، ميوا، عرق رَسون،
ديس ورو پرديسي!

چانديءَ وانگي چمڪن ڦتيون، ڪنچنيون ڪٽڪون،
ديس ورو پرديسي!

جهَرڪن جهاتيون، چُلڪن چاتيون، راهه تَڪن حورون،
ديس ورو پرديسي!

جيڏيون سهٽيون ايڏيون آتيون، مائڻ لئہ موجون،
ديس ورو پرديسي!

ههڙي هينئڙي تار سمي ۾، موتي يار ملون!
ديس ورو پرديسي!

آءُ ملي ”استاد“ بنايون، باغ بهشتي يُون،
ديس ورو پرديسي!

●

پورب: اوير. ڪنچنيون: سونيون.

www.sindhsalamat.com

●

ديدون ڪن عيدون، ديسي، ديس ورو!

سنڌو – سير، سنورجي آيون، سانولڙيون سانجهيون،
ديسي ديس ورو!

ڪينجهر ڪير، ڪتاريون پياريون، چمڪيون چانڊوڪيون،
ديسي ديس ورو!

جهومي جهومي جهمريون پائن، خوشيون، خوشبوئيون،
ديسي ديس ورو!

گڏجي پيئون، جيئون جاني، جيوت جون جوتون،
ديسي ديس ورو!

پنب ٻنن تي شهر شعاع ٿيا، ٻرپٽ ۾ بستيون،
ديسي ديس ورو!

چم چم چمڪن پانا، چيٽيون ڳائن ڳيچ ملون،
ديسي ديس ورو!

آن جي لاءِ اسان جي تر جون، تڙپن تاريخون،
ديسي ديس ورو!

آن جي لاءِ اسان جي تن جون، تڙپن تحريڪون،
ديسي ديس ورو!

آزادي "استاد بخاري"، گڏجي گيت چئون،
ديسي ديس ورو!

●

www.sindhsalamat.com

●

جانِ آتم هِيءَ جيسيتائين، تَنُ تاڻيندُم تيسيتائين.

ڳُونگِي منهنجي مَن جي منشا، ڳُونجِي جيتر ڳيچ نہ ڳائين!
تن تاڻيندم تيسيتائين.

سُونهن، سِنگھڻ جو مان متي تني! ڪِيس نہ جيسين ڪِيندو ڪائين!
تن تاڻيندم تيسيتائين.

ڪُوڙَ ڪڙولا، تورها توڙي، ساجن، ڳجرا، پايل پائين!
تن تاڻيندم تينسيتائين.

تانگهہ، طَلبَ جي ايوانَن تي، پيارَ نَظرَ جا پيرَ گهمائين،
تن تاڻيندم تيسيتائين.

باجھَہ – ٻُنيي جو منهن ٻهڪِي پئي، ڳالهہ ڳليءَ جي دل مهڪائين،
تن تاڻيندم تيسيتائين.

ڪارَ ڪڪرِ ڪان آجو بنجي، ڪاچ خوشيءَ جا مون سان ڪائين،
تن تاڻيندم تيسيتائين.

ڇا حَدَ آهي آس، اِڇا جي؟ ڪا ڪَٽ ناهي ڪيستائين!
تن تاڻيندم تيسيتائين.

باڪَ "بخاري" ٻيئو ڪوئي، سُهڻا سُهڻا، سائين سائين!!
تن تاڻيندم تيسيتائين.

●

ڪائيں ڪرڻ: ڪمزوري ڏيکارڻ، ڪائريءَ ڏيکارڻ، هار مڃڻ، پڇڻ.

www.sindhsalamat.com

# او قاصد ڪانگا

○

چڙھ باتيون، ٻور، اچج صبا اورتي!
ڏئي ڳنڍِ سڳنڌَ ۾، ٻڌج سوگھا سُورَ،
وڃي ڪر وَلھار ۾، پيش پرينءَ جي پُورَ:
چئج ڪنھن دِلچُورَ، مُڪي اوڪي سو ڪڙي.

○

ڳوڙھا اُگھه هَوا، گوندرَ گھمَ ڪنيو وَڃُ!
ڏوراپو ھن دَرد جو ڏِجئين جِتِ دوا:
"اڪيون آپ بنا جيئن سينو ساھَ سَوا،
"رُسڻ چاھه روا؟ منجُرَ پُڇُ مَجيءَ ڪان!"

○

منھنجي سِڪَ سُڳنڌُ، سونھن سَندءِ سرھاڻ،
سِڪي سو به بَھارَ ۾، سُرھَڻ، سُرھڻ ڪاڻ!
هيرَ، سويري آڻِ، ويرو ھاڻِ وصال جو!

○

هَوا، صَبا، هيرَ، قاصد تنيئي قُربَ جا،
اُپُ سَھارو ديدَ جو، ڏرتي دِل جي ڏِيرَ،
تقريرَ ۽ تدبيرَ، پانھيُون نِينھن نِبارَ جون.

○

پِرھه پيارَ پيامَ، مُڪَم ماڪَ، مَھڪَ ڪان،
سُورج ڪِرڻا تي ڪَيَم سارو ڏينھن سَلامَ،
شفق بنجي شام، آچيمِ رَنگ عجيب ڪي.

---

ولھار: سرسبز بستي. ڏير: دلاسو، تسلي. نبار: صاف، پاڪ.

www.sindhsalamat.com

o

نت نِت پئي نوتا، پرهَہ مون پاران ڏجانءِ!
پُتا، پيلا رات جي پِنيُن جا بوتا،
گوتن تي گوتا، اُوندَهہ ڪاءِ، اُهاءَ ڪان.

o

پرهہ پاراپا، ڏجئين منهنجا ڏيهہ ڪي!
لڳا تارن چانءَ ۾ چَن چَن تي چاپا،
پرماري جهاپا، ننڊون، چين چني ويا.

o

سانجهيءَ جا تارا سُٺو، صبح جا تارا!
سَنيها سارا، سنياري سڄڻين ڏجو!

o

ناسجَڻُ ٿئي نِينڊَ، سَنبري سڄڻ ويهجانءِ!
سهاڻي چڻ سِينڊَ، نِڪري نِسري پَهچجانءِ!

o

نِينڊون ڪري نُورُ، مُنجان پيو محبوب ڏي،
منهنجو چنڊ، ڪِتي تہ چا، سڄُ سلي پيو سُور،
دوُر نہ دلبَر دُورُ، ملنديون خير مبارڪون.

o

ڪرٽا ڪج نہ ڪوٽَ، سِرڪي صحن اُڪارجانءِ!
اڳ ۾ اِنهيءَ ڳوٽَ، ڪُوڪُون ڪُهرائي چڏيون.

o

اڳيان چوٿين چنڊ، پويان تارن لانڊَ،
ڪرٽي ڪرٽي ڪانڊَ، مُڪَم، موٺ، مري وِيُس!

---

نوتا: نياپا، پيغام. ڪاءِ: ڪائي. پاراپا: نياپا، سنيها، پيغام.
ناسجڻ: چنڊ جو اپرڻ. ڪانڊ: دعوت، سڏ.

www.sindhsalamat.com

○

تڙپي منهنجي تاڻ، هونديءِ ڪڏهن هاڻ ۾!
ساهَنِ ٽڏنِ ساڻ، اوريو ناهه عجيب تو!

○

تو وِٽ منهنجي تاڻ، ايندي آهي اوچتو!
پُرجهه، پروڙج پاڻ! ڇو تون آهين ڇرڪندو؟

○

تو وِٽ منهنجي تاڻ، اڪثر ايندي آهه پئي،
ٽڙڪن ڪڏهن تاڻ تا، تِڙڪن ڪڏهن تاڻ،
اهي ٽئي اهڃاڻ، پَرڪَئي عِشق اُمنگ جا!

○

تاڻيو منهنجي تانگهه: تنهنجي سِينڌِ سِڌي ڪري،
تون ڇو ڇرڪيو تو وجهين ڇُهاوَن ۾ ڇانگَ!
پَرکِي ڪَر نه يانگَ، جوڀَنَ، جوش جُهارَ کي.

○

پَهچج منهنجا پُور، سارا سُر ڪٽي اُتي!
ڪنيو وڃجئين خيال سان شُعلا، شوقَ، شعور!
"توکان پوءِ تَنور، مون لئه سيجَ سَمُورَ ٿيو."

○

قربُ ڪري قاصدَ، ڊِيد ۾ دل ونيو وڃو!
تباهيءَ تَصديق لئه پيش پَڪا شاهدَ،
زوراوَر جا ضِدَ، مارِيندا مجبُورَ کي.

---

تِاڻ: وتاڻ. تاڻ: ويلا، وقت. يانگ: ننڍي وير. جُهار: وڏي وير.
سيجَ سَمُورَ: سمور جي سيج، نرم پشم جهڙي سيج. آسانگا: آسرا، پروسا.

www.sindhsalamat.com

○

او قاصدَ ڪانگا! پُهچُو پَڪَ وني آچو!
منهنجي آسَ، نراسَ ٿئي وڃي ٿيون ڏانگا،
آهِن آسانگا؟ يا، سارا سانگ رُسي چُڪا!

○

ڪڏهن اُپڙي آسَ، ڪڏهن چاسَ نراسَ،
هيڏي هيج هجُومَ ۾، هيڏا هورَ، هراسَ!
منهنجا هُوشَ، حَواسَ، ڏُونديندي ڏُرڪو متان!

○

اُڏر منهنجي آسَ، سانڍي ساهَه سَنيهڙا!
اُتر اُتِ عجيب جا جِتي وَرنَ، واسَ،
آسارا احساسَ، وٺيو وڃجئين وِيسِري!

○

اميدُون، اُن ڏي نيو، مُرادُون ميڙون!
تانگهُنِ جون تيڙون، موڪيندو مِهرون ڪري.

○

تانگهه ڪري تيڙو، مُڪَمِ موسِم سان گڏي،
وَسڪاري وَلهار ۾ پَر ۾ تِي پيڙو!
مچي مَن ميڙو، رچي راسوڙو وري.

○

سانوڻَ، ڏِينس سَنديسَ، بَرسي مُنهنجي برهه جا!
پِرين جي پرديس، ميڙين پوءِ مچاڻ مَان!

---

چاس: زياده، سرس. تيڙون: ڪانڊيون، ڪوٺون، دعوتون. تيڙو: ڪانڊيو، ڪوٺو.
راسوڙو: ٿري لوڪ گيت جو قسم (هن ۾ سادي پر جذباتي شاعري ٿئي ٿي.)
سنديس: سنيهو.

www.sindhsalamat.com

○

خوشخبري ڪِيانتا! آندءِ خير مبارڪون،
اسان جَن لئہ پيا لُڇون سي اسان لئہ آتا،
اُڏر اوراتا: پَهتا آتَنتَ اوچتا.

○

ڪٿي وچ هِيءَ خير جي خَبر ڪِيانتا!
سُکي ٿيا اَبدي وچي جي اَزلي ها آتا،
پريت وَندن پاتا، نوان جاما نينهن جا.

○

نوان جاما نينهن جا، پريت وچي پاتا،
لُونءَ لُونءَ لاڳاپا ٿُٽا، لوءِ لوءِ سين لاتا،
چاهَہ چُميا، چاتا، نِت نِت ناتا جوتِ جا.

○

اوراتا: روچ راڙا، رودن.

www.sindhsalamat.com

## وايون

ڀورَل ڏي بادَل! روپ ڪٽي وَڃُ رُئندو مُنهنجو!
بادَل ڙي بادَل!

جيڏهن منهنجي جانب جو گهرُ، اوڏهن ڪر آهَل!
بادَل ڙي بادَل!

ڪارا ڪپڙا، آڪيون آليون، پاڇُولا پاڳل!
بادَل ڙي بادَل!

سَپنن ۾ پيو نِينهن نچايان، پريت ڀڏي پايَل!
بادَل ڙي بادَل!

دِل نه سهي دم دير "بخاري"، دوُرُ ڪري ڏانڌل!

www.sindhsalamat.com

•

سعيا، سانگا ڪانگَ ڪَيم، آيارُون ڏِئي روز اُڏاريان!

چڪيا تي پٽي ٻِگايم چاهَه، سُوريءَ تي پٽي سونهن سَڌيَم.

ڏوُر سٽيو پر سمجهيو ڪونہ، چاڪ ڏناٺين، چاڳ چَيمَ.

ميڙ وني هن مَهل اچان پيو، سالَ، مهينا ساڻ آتم.

ساهہ ٿڌا رُومال مُڪا مون، ٻاڙها ڳوڙها بَرت پَريم.

چاهت تَڪجي چُورُ نہ تيٽي، پگهري توڙي پُورَ پيم.

قاصِدَ منهنجا بيت "بُخاري"، وايُون بنجي واڪَ ويَم.

•

آيارُون ڏئي: همتائي، نيڪون ڏئي، تعريفون ڪري.

www.sindhsalamat.com

●

تانگهڻ جو تَرهَٽُ، سَرِلي سُونهن سُٽي سگهي.

نِڪتو تيز اُڪنڊَ جو، ساهڻِ مان سُوسَٽُ،
سَرِلي سُونهن سُٽي سگهي.

ڇُهتيو چانڊوڪِي چُمِي، پُونم، شَبنم پَٽُ،
سَرِلي سُونهن سُٽي سگهي.

جهاڳيُون جهَنگُ حجاب جو، پَرمَن جو برپَٽ،
سَرِلي سُونهن سُٽي سگهي.

مون نه ڏنو ”استاد“ کي، محبوبن جو مَٽُ.

●

ترَهٽ: هلڻ وقت پيرن جي ترين جو هلڪڙو آواز. آهٽ.

www.sindhsalamat.com

●

هو تہ سڻو آهَٽُ، هِيرُن ۾ هُڳساڻ جو!

ڳؤنچن ۾ گوڳاءُ ٿيو، وَرَنَ ۾ واڄَٽُ،
هيرن ۾ هڳساڻ جو!

ڳُونجي پيو اَڄ گوشَ ۾، ڪالهوڪو ڪُوڪٽ،
هيرن ۾ هڳساڻ جو!

ڳُهوريو تيز، گهڙيءَ ڏي! جهومي پيو جهٽُ جهٽُ،
هيرن ۾ هڳساڻ جو!

عشق اٿيو "استاد" جو، ڳورو ٿوڙي ڳَٽُ.

●

---

آهٽ: هلڻ جو هلڪو يا جهيڻو آواز، ترهٽ.

www.sindhsalamat.com

# اُوچو سوچي اَچ

○

اُوچو سوچي اَچُ، ڦيريون دوُر فِڪر جوا
ڪوريون ڪوجهي ڪَچَ ڪي، جوڙيون سهڻو سَچُ!
محبت، محنت مَچُ، سنگت، ساڃهہ، سوجهرو.

○

اُوچو سوچي آءُ، نيچي سوچَ نهوڙيي!
ٽاٽو، ٽاٽو آ رڳو ٽولن جو ٽڪراءُ،
جي تـون تابش، تاءُ، سامهون سُورَ هَوا هٽا.

○

اُوچو سوچي آءُ، نِيچو چاهُ نِچوڙبو،
ندوريءَ نهڪار ۾ ندورو سوداءُ،
سدوري سَهڪار ۾ سدورو سرچاءُ،
پُورن جو پَرچاءُ پِنڊن جو پرياءُ ٿئي.

○

چاهت چئج نہ چيچڙو، چوڏول آهي چاءُ،
پيڙون پيار ڏئي نہ جي، ڪِلندي خوشيءَ ڪاءُ،
چا جو ڊهڪو ڊاءُ، جي تو سئينگو سوجهرو.

○

سمجهي سوچي آءُ، سڪڻ، سُونهَن سَٿو نہ ٿئي،
جِيوت ناهِ جُوا اُڏو، دِليون ناهِن داءُ،
آڇيون عِشق اُهاءُ، اوچُون اولانبيون نہ ٿيون.

---

نيچي سوچ: ردي سوچ، غلط سوچ، ڪِريل سوچ. پرياءُ: طاقت، اتساهہ.
پُورن جو پرچاءُ: خيالن ۽ فڪرن جو ميلاپ. چاءُ: چاهہ. سينگو: سرتو، دوست.

www.sindhsalamat.com

○

پهرين اَڄُ پيُون، سُهڻي سوچَ، رَڇُون مَڇون!
رَقِڻِي، سڪڻي رَنبَ ڪي، ڏوڪِي ڏنبَ ڏيون،
جِيان سِڄَ جيُون، جهَرڪِي جهَرڪي جُوءِ ۾.

○

پهرين پيءُ پيار، سوچج پوءِ سماج تي،
ميرو منهن مانداڻ جو، اُجري يارَ اجار!
اُيري سِڄَ اُيارِ، سونهاري سوراڄ جو.

○

پهرين اَڄ پَڇُون، مڇي مينديءَ ڏارَ جان،
ڏاڍي ڏاگهي ڏاٽ ڪان، پُلان پيلَ بچُون،
پيسِي روهِي پريت ۾ ريٽي رَنگ رَڇُون،
جانِي پنوءِ جَڇُون، هَٿين، هاجين ڪيترا!

○

اڇو، اوريون عاشقو، آندر جو احوالُ،
ڏاڍو ڏچو ڏيهه ۾، قرب، ڪَهلَ جو ڪالُ،
وِتيون ويري چو تيون؟ مِلڻ ناهه محالُ،
محبت اهڙو مالُ، ونديندي وڌندو وڃي.

○

ڏيئي چاهه چَڪرُ، ڦيريون دَوُرُ دهر جو!
ڪَڪَر لاءِ ڪَڪَر تيون، ٽَڪَر ساڻ ٽَڪرُ،
محبت مَحض مَڪَرُ، جوڙي جو بہ جَبرَ سان.

○

چولا پنهنجا چاڪَ، اڳيون عشق ڪندو رهيو،
اسان ڪاڻ افلاڪَ، چوڏاري چيهاڙيا.

دهر: زمانو. افلاڪ: آسمان.

www.sindhsalamat.com

## انقلاب

○

آچو انقلابَ، آٿيون عشقَ اُهاءَ ۾!
اُڀرن شوقَ شَفق تي، اُمنگ آفتاب،
شعاع، شَمَرَ شبابَ، رانئيُون، ڳايُون روشنيون.

○

آهہ انقلابُ، آٿيون سُونهن، سکڻ ۾،
کوهيون حُورَ قَصُور جو، ڪيرو، گيرو خوابُ،
هتي حُورون هيتريون، جن جو ناهہ جوابُ،
ساري سُونهن ثوابُ، آجُر اوجارئِي تئِي.

○

اُتم انقلابُ، آٿيون سَت، سَنگت ۾!
جوڙيون جيت پِريت جو نَئين ريت نِصابُ،
ڪشش، قرب ڪتابُ، سوچڻ، سُپ صُفحي صفحي.

○

اُکو انقلابُ، آٿيون سِيمَ، سَمي ۾!
پوريون پَرَمُ اُپَ جو، دنيا جو دولابُ،
قُلزم مان ڪولابُ، قطرِي مان قلزم ڪريون!

○

آئي انقلابُ، هاڻي شُعبو عشق جو!
تـڏا ساهَہ، رَڏا هِنيان، بند ٿئي هِي بابُ،
جفا ساڻ وفا جو هر جاءِ هوءِ حسابُ،
جلوا ڏِين جوابُ، جذبا ڪِيئن جلائِيون؟

---

ڪولاب: تلاءُ، چشمو.

www.sindhsalamat.com

○

عظيم انقلاب، آٺيون عشق، حُسن ۾!

ڪامِل حُسن قصاب ڇو، ڪامل عشق ڪباب؟

ناهي نِينهن عذابُ، ناهي سوُنهن نهوڙٽي.

○

قصاب: ڪاسائي.

www.sindhsalamat.com

# وايون

جوڙيُون جوڙَ سَجوڙَ، ڏاڍي لوڙ لڳي!

جوڙا جوڀن، بانڪا جذبا، نينهن ٻنان ها نوڙ.
ڏاڍي لوڙ لڳي!

نُوري، چام نہ چاپن هر هر، پَنٿرا، ڪَنوَر ڪروڙ.

ونٺن ويسيون، ڪَٽڪن رنگيون، خوشيون تر ۾ ڪوڙ.

ڪنهن سج ڪارڻ تارن ۾ تا، روز وجهون ڪا روڙ.

خاص ڪتوري ڏوري ڏسجانءِ! واءِ هجيئي ووڙ!

جهنگل، منگل، تانگر، تيڙو، جاري آ، جاڪوڙ.

بستي چو بيمار هجي؟ چو - ڳوٺن کي ڳاموڙ.

سِيم تہ چا سنسار سڄي تي، سُورن لاتِي سوڙ.

محبت کي ”استاد“ مڃائين، تُنهنجي پيت پلوڙ،
ڏاڍي لوڙ لڳي!

●

منگل: آسماني سيارو، مريخ. (جهنگل منگل - مراد زمين کان آسمان تائين).

www.sindhsalamat.com

●

طَرحين ترڪِيبون، مُحبن ساڻ ملڻ جون.

ڪهڙيون راهون ڪير ڪَتيندو؟ واهون تيون ويهون!

ساڳيون منٽون پاروٽيون تيون، ٻيج نَيون نِينڊُون!

نِيچو سوچي وِرچي پوندين، اُوچي سوچَ اَچُون!

ڳالهيون ڪي ڳائيندي گذريون، ڪي چيخون چيخون،

لونءَ لونءَ ڪان لوءِ لوءِ تي پهتيون، تُنهجون تاريخون.

سُونهن، سچائيءَ لاءِ هلايون، تو مون تحريڪون.

تَدبيرون "استاد بخاري" تُنهجون تحريرون.

محبن ساڻ ملڻ جون.

●

نينڊون: دعوتون.

www.sindhsalamat.com

•

ٻَنگِي ڪير ٻهُون، روڪئي ڪين رَهُون، او،
روڪئي ڪين رهون!

سانگِي سُونهن اسين سدا، وانگِي عِشَق وَهُون،
روڪئي ڪين رهون.

هڪڙي سِنڌي حُور لئہ، سهسين سُورَ سَهُون،
روڪئي ڪين رهون.

ووڙيون: توڙي وَنگجُون، ڍوڙُون: چاهي ڍَهُون،
روڪئي ڪين رهون.

ڪوشِش، ڪاوِش، ڪَشمڪش، تنهي کان نہ ٿهون،
روڪئي ڪين رهون.

ٻُوٽيُون جهاڙيُون جهَنگ جون، ڪَپَہ ڪوهہ ڪَهون،
روڪئي ڪين رهون.

ڪُڏِي لاهَہ ڪَيون، مِنا، ڳائي ڳاهَہ وَهُون،
روڪئي ڪين رهون.

ڏاڙهِن چورَ، چَنڊالَ جي، ٻَنجي بيتَ ٻهُون،
روڪئي ڪين رهون.

ڪونڌَرَ ڪنڌَ ڪٽِي وَڌون، واهَرَ ٿينِ وَهُون!
روڪئي ڪين رهون.

"استاد" اُٿ، اُٿي هَلِي! لوچي لالَ لَهُون!

•

ٻهون: تمام گهڻو، ڪيترو ہہ گهڻو. وهُون: وَنيون ڙالون.

www.sindhsalamat.com

●

واسيو ڇو نہ وڃين! منهنجي منٿ مڃين، جي—
منهنجي مت مڃين!

جيئڙي ٻنجين جَنّتي، سچي سُونهن سَچين!
منهنجي منٿ مڃين جي ...

ڪارنهن ڪوري ماڳ تان، ڳاڙها ڳوٺ رڱين!
منهنجي منٿ مڃين جي ...

ٻائڙَ ميڙي ٻُونءِ مان، ٻالا، ٻول ٻڇين!
منهنجي منٿ مڃين جي ...

تو ڇا اوسَرَ طئہ ڪيو! مون تان مؤج مڱين!
منهنجي منٿ مڃين جي ...

”استاد، اوڇَ نہ ڇيڙجان! ڇئجين ڇيز ڇڱين،
منهنجي منٿ مڃين جي.
منهنجي مت مڃين!

●

---

اوڇَ: خسيسپائي، نيچپائي.

www.sindhsalamat.com

•

جانِ جيارا، ساهہ سَهارَا، ماڻي ڦوهہ جَواني جاني!
پِيلي آهيان مان تنهنجي پانهي!

هيلهہ آلا او، پيلهہ وٺيو هَلُ، ڏولهہ، هِي ديواني، جاني!
پِيلي آهيان مان تنهنجي پانهي!

ڪاريون چوڙيون ڪارائيءَ ۾، ڳاڙهِي ڳل ۾ ڳاني، جاني!
پِيلي آهيان مان تنهنجي پانهي!

ڪَلهہ ڪينجهر تي اَڄ منڇر تي، مارُن وٽ مهماني، جاني!
پِيلي آهيان مان تنهنجي پانهي!

بادلُ بنجي، پِٽ پِٽ بَرسي، ساه سندمَ سيلاني، جاني!
پِيلي آهيان مان تنهنجي پانهي!

دِلداري ”استاد بخاري“، نِينهن مُڪي نِيشاني، جاني!
پِيلي آهيان مان تنهنجي پانهي!

•

www.sindhsalamat.com

●

لالِي لاتي لاٽ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽَ، دُولَهہ دوُرُ سدورو.

سوڊا، سوڊيُون سامَهُون، آڏو اوٽَ نہ آٽَ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ، دولهہ ...

واتپن، پيتپن، چيٽ تي، موتِي ورچيا ماٽَ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ، دولهہ ...

مَهڪايُونسُون موسمُون، جَرڪائيسُون ڄاٽَ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ، دولهہ ...

نَيُون نَهرون روشنيون، گونجارا گَڙگاٽَ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ، دولهہ ...

ليزَر شُعاعَ لڏا بَشَرَ، گهيري ۾ گهرَ گهاٽ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ، دولهہ ...

سو جي سُونهن اُجهِيَ وڃي!¹ ڪُرُو ڪاري ٻاٽ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ، دولهہ ...

اِيندا ويندا قافلا، وَهندي رهندِي واٽ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ، دولهہ ...

"استادَ" آدمَ آرَ جا، چوڌاري چَمڪاٽ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ،
دولهہ دَور سدورو.

●

¹ ڪُرو: ڌرتي، جهانُ.

www.sindhsalamat.com

## اڱڻ آيم اُوءِ

○

اڱڻ آيم اُوءِ، جَن جي بُوءِ بَهار ٿِي،
سَرءَ لاٿِي سُوءِ، پِهرِي ويسَ وَسنت جا.

○

آيم اوءِ اَڱڻَ، ووڙيم جيڪي واءَ ٿي،
نِڱي جَن ڪي جِندڙي، مُلڪان مُلڪ مَڱڻ،
منهنجو رُوح رڱڻ، پنهنجو پيارُ ڪٽي پُڄا.

○

اڱڻ آيم اڄ، صديون سارِيَمِ سَهجَ جي،
اسان جي احساسَ جا واڄا، آجو وَڄُ!
رهندو هاڻي رَڄُ، لنگهڻ ڪالهه لَنگهي ويا.

○

اڱڻ آيم اُوءِ، مَڱيم جيڪي مُدتان،
سُنگهو منهنجي سَهج مان، خوشين جي خوشبوءِ!
جَرڪي هرڪا رُوءِ، مَرڪي سارو ماڪو.

○

اڱڻ آيم عِيدَ، آءٌ سِجوئي آجيان،
دَرَ ۾ جنهن لئہ دِيدَ، پَرَ ۾ پيڙو سو پرين.

○

اڱڻ هڪڙي عِيدَ، اڪٿين عيدون اَڻ ڳڻيون،
دوستاڻي دِيدَ، عيدون ٿِي عيدُون ڏنيون.

---

سکڪهڻ: ڦاڻا، ٻکون.

www.sindhsalamat.com

○

اِيندَم اِيندَم پٿي اُتُمِ، اَنت اُهي آيا،
سَدورا، سُقرا ٿيا، سَندم سَڀ سَعيا،
سَجڻن سَجايا، پورهيا، پيارَ ڪري وڏا.

○

جُوءِ تَڪي جيڪي، اڪين جي اوڪاس مان،
سجڻ سهڙيم سڀ، اَگڻ اوجارڻ اِجهوا

○

جُوهَ تڪي جَن لاءِ، ساهُ سِڪي جَن ڪاڻِ،
اڱڻ آسَوَندن جي آلا، اُهي آڻ!
سوجهرو، سُرهاڻ، سُهٽيون جَن جون صُحبتون.

○

گهوري ڏي گُهربلُ، آيو، آءٌ گُهران تہ چيا!
صدين جي سَهڪار سان پَلئہ پيو هي پَلُ،
پَر اُهو پرجهَلُ، جو مون ڏيهين ڏوريو.

○

آخِر آيا اُوءِ، ساندَهَ: ساريا سيمَ جي،
تَتي، تڏي، پٿي تَڪيو، جَن ڏي ساري جُوءِ،
رَهسِي راڄن رُوءِ، وَهسي ڪاڄَ وڏا ڪيا.

○

سَجڻ چَندُ، چراغُ، چوپاسو چمڪي گهڻو،
دِل منهنجي جو داغُ، جانِيءَ جهولِيءَ جهَرڪندو.

---

وڪاس: دروازو، لنگهہ. رهسي: راضي ٿي. وهسي: خوش ٿي.

www.sindhsalamat.com

○

وريو اُتر واءُ، سياري سوريا سيئڙا،
تڏن توري تاڪَ تي آکيان توکي آءُ،
سرديون ڏينديون ساءُ، هونداسي هڪ هنڌ جي.

○

آيو ان پر اوچتو طالب گهر مطلوبُ،
آئيني ۾ چندُ يا محفل ۾ محبوبُ؟

○

سڄڻ سَڀُ سياڳُ، ملي جو معلوم ٿيو،
ايندي آءُ اياڳُ، ويندي ياڳ يَلا ڏسو!

○

سڄڻ سارو سُونهن، اڃايون آڇي پيو،
ديدون، دليون ڌُونهن، ايندي تو اُجرو ٿيان؟

○

آرپيمِ تڏا ساهَ، اوريمَ ڪي آنسُو،
مون چو: مِلياسُون، اِنهيءَ ريت ۾ ايترو.

○

هوڏان نان، ۾ هان؟ هيڏان آرداسون سوين،
دِل، آڏ گُونگي سان، ڦاسايو، ڦتڪان پيو.

○

هوڏان ڏرتيءَ ڪوٽَ، هيڏان سُوالَ سوين اٿيا،
ماريو اهڙي موٽَ، جنهن جو ناهه جواب ڪو.

○

سَپني ۾ نِڪتا پرين، هيڏي هَٽي سَٽَ،
سوچڻ ۾ مون پئي سُئي ترين جي ترهَٽَ،
جاڳي پيا جهَٽ پَٽَ، بسپني ۾ ساييان ڏسي.

---

هونداسي: (هاسڪار هونداسي، اُتر سنڌ جو لهجو رکيو ويو آهي، جو سردين جو سچو پچو مزو اتر سنڌ ڏي آهي، لاڙ جون سرديون به معتدل آهن.) نان ۾ هان: ناڪار ۾ هاڪار.
ترهٽ: هلڻ سبب پيرن جي ترين جو هلڪڙو آواز، آهٽ.

www.sindhsalamat.com

○

خوشبو هٽي ڪَٽ، سَڄَڻ سُتا ها اُٿي،
مَهڪي مَسَهري هِتي، مون ياڻيون مون وَٽ،
ويڙهيو هُيس واسَ ۾ گهڙي گهٽ ۾ گهَٽ،
ڇُهِتي چاهيَم ڇَٽ، ساري رُت ڪُلي وئي.

○

ڪاوڙ جا لوڙها، هَر هَر هانءَ چڙهيا اچن،
تو ڳاڙيا ڳوڙها، لوڙها منجهه لُڙهي ويا.

○

اوڙاپو آڙاهُه، مون پاران پڙڪيو پوي،
هُن جو تـڌڙو ساهُه، هڪڙو ڳڙڪايو وجي.

○

لُڪُون: هيرُون پرهَ جُون، ڪِڪُون: خَستوريون،
خواريون، مشهوريون، سرتيون، ساڻ پريَن مون.

○

دلبر تنهنجي ديد، مُشڪل ۾ موجُود ٿي،
عاشورن ۾ عيدَ، محبت تنهنجو معجزو!

○

ٽانڊا، مَهڪنِ گُلَ، چِٽنگون، چَمڪي ماڪَ،
خُوشيءَ ۾ ماڀنِ ڪُتي، نہ تا ٽاٽا، ٽاڪَ،
هنڌي ماڳين ڏاڪَ، مُنهنجي، مُون گهر مُون پرين.

○

---

مسهري: پلنگ. ڇَٽ: ڇت ڇَپر. ڪاوڙ جا لوڙها: ڪاوڙ جا هانءَ تي دورا، اورهٽ.
اوڙاپوَ: ڏوراپو، طعنو. ڪُتو: خالو، ڪجائي جو هڪ پاسو. ڪُتي نہ ماڀڻ معنيٰ خوشيءَ ۾ نہ ماپڻ.

www.sindhsalamat.com

## وايون

سُونهن ڪَئي سَنسارَ، سَجڻُ، سَچُ سَنبري آيو،
سَنبري آيو، تَهِي جُڙي آيو.

شوقَ وڏي شڪرانا ڳايا،
سُونهَن لَڏي سِڪَ سارَ، سجڻ ...

مِينهَن خوشيءَ جا نِينهن وَسايا،
ڪنوڻ ڪِلڻ ڪيڪارَ، سجڻ ...

گهِٽيءَ گهِٽيءَ گوگاءَ ڳُلابي،
هَٽ هَٽ تِي هبڪارَ، سجڻ ...

هَٽَ هَٽَ مَهڪي ميندِيءَ تاري،
لَب لَب لالَ تَنوارَ، سجڻ ...

جَلوا، جَذيا جُهومَن بينا،
نَظرَ نَظرَ نَچڪارَ، سجڻ ...

مَهڪيا ڏِينهن، مَهِينا، صديون،
ٿَهڪيا تائي تارَ، سجڻ ...

ماکِي بينَ مُحبّت واري،
لَهرو لَهرو لارَ، سجڻ ...

سِينگاري بازار برهه جي،
واهه وَڏيا واپارَ، سجڻ ...
سچ سَنبري آيو، تَهِي جُڙي آيو.

www.sindhsalamat.com

●

اوري آءُ تہ توسان اوريان! هوريان هوريان.

تَنَ مَنَ تُون تُون، رڳ رڳ رُون رُون، سِڪَ جو سرندو پيو تو سوريان،
هوريان هوريان.

تارو تارو نيڻ نظارو، ساري راتِ سُمرڻي سوريان،
هوريان هوريان.

اکڙين کي آڪاڙ بنائي، چوماسي جي موسم چوريان،
هوريان هوريان.

پيلهُنِ وانگر پاڻ پچايان، ڪِرڙن وانگي ڦُربُ ڪَڪوريان،
هوريان هوريان.

سُونهن سَموندَ تہ عِشق صحارا، ڪنهن کي توري ڪنهن کي توريان،
هوريان هوريان.

سَوَ سِرَ ناهن يار، "بخاري"، هڪڙو آ، سو هر هر گهوريان،
هوريان هوريان.

●

سُمرڻي: مالها، تسبيح.

www.sindhsalamat.com

•

آج اِئَين اِتفاقي،
ياڪِي ٿي ياڪِي،
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

جڻ ڪنهن نُورَ نِڪور کي، ڪيڪاريو خاڪِي،
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

جينڏِي، مون نہ ڏٺي اڳِي، هيڏِي حُسناڪِي!
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

آءُ جا اُنَ جي گهير ۾، اُو جو آفاقِي،
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

پِئي تي پياسَ پياريَئين، سَمجهيُم تي ساقي،
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

جيوتَ جهاڳَ اَجهاڳُ، مان، رولو روهاڪي،
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

چالاڪِي چَڪچُور تي، باقي بيباڪي،
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

اديون ڙي "استاد" کي، پُونءِ وِڏي ياڪي،
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

•

ياڪي ٿي ياڪي: اڪيلو ٿي اڪيلو. روهاڪي (روهہ جي): جابلو سانگي پکي.

www.sindhsalamat.com

•

يارَ ڳنڍيا يارانا،
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

آيا ڏاها ڏِينهن اڱڻِ تي، دَوَرَ وَيا دِيوانا.
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

موسمَ هَتڙا مينديءَ، رَتڙا، ڳاڙها پاتا ڳانا.
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

جو دَمُ جِيئان پَل پَل پيئان، پيگ پيگ تي پيمانا.
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

واهُ ورهايا گهر گهر مُنهنجي آسَنِ جا آفسانا.
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

جوڀَنَ جوڀَن گڏجي جهُومَن، جَواڻ ڀَرن چو جانا؟
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

چَنگَ وَڳا چنجُورَ اُتي پيا، پينُون، ڏاتا، پانا.
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

سِيمِ، سَپيتا، ساجَن سَمجهن، مُنهنجو مَطلبُ معنيٰ.
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

وِيهپــن سَنَ جي باک "بخاري"، گُونجَ گلابي گانا.
شوق ڪيا شڪرانا.

•

نينڊيون: دعوتون. جانا ڀرڻ: هٿ ٻڌڻ، ٻانهون ٻڌڻ، نياز نوڙت وارا اشارا ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com

# ڪا جا ڳالھ ڳٽي

○

ڪا جا ڳالھ ڳٽي، سَڄڻ ماڻهو موڪليو،
مون وٽ مَرمَ مٽي، کهڙا ڪيئن ڪٽي وڃان.

○

ڪا جا ڳَڻَ ڳٽي، مُحبن مُڪي ڪانڊَ،
جهُومن هتي جهانجهرون، لُڇَن مون وٽ لانڊ،
ڏِڏَر سانڍي ڏانڊ، ڪَنوَل سامهون ڪِيئن ٿيان؟

○

ڪا جا ڳالھ ڳٽي ڪري، قرب ڪرائِڻ ڪوٺ!
تو ڳر شهر شُعاع ٿيا، مون ڳر ڳٽيون ڳوٺ،
موٽين چاهيا موٽَ، صدقي اهڙيءَ سَڏ تان!

○

سُونهارن سَڄڻن، ڪوٺايو ڪا جا ڳٽي،
تارا تارين، گُل گُلين، سوچيوسون سُونهَن،
وو هي وڪريل وَنَ، سامهون ڪيئن سُهان پلا!

○

پرِيَنِ رکي پَنُ، ڪو جو ڪانڊيو موڪليو،
هِيٺون بَرپٽ بَنُ، باغيـن، پينگ نِيان ڪِئين؟

○

هوڏان مامَ ميان، ڪاٺيارن ڪي ڪونجي،
هيڏان هورَ هزارَ، ڪهڙي ليکي موڪجي!

---

ڪانڊَ: دعوت.  ڏانڊَ: آڙاهه.  موٽ: داڻ جو قسم.
وَنَ: وَرن، رنگ.  ڪاڻِڊيو: دعوت ڏيندڙ، سادو.

www.sindhsalamat.com

○

نازَ مُڪو نوتو: آيو گهرجين اوچتو،
پيار چيو پُهتو، آيو هان آواز تي.

○

سُونهن نسورو نازُ، چوڏاري چمڪار ٿيو،
آءُ اُهو آوازُ، پاتاران، پولارَ جو.

○

اسان جي ڪنهن عيب جي، ڏنين ڪارَ خَبَرَ،
مُرڪي محبوبن چيو: پَتو اٿئون، پَر،
اهائي تہ اسان ڏني خاصِي اُن ۾ خَرَا!
ياري اهڙي يَرَ، خامِيءَ کي خوبي ڪري.

○

اسان جي ڪنهن عيب جو پَيَس نيٺ پَتو،
نہ ڪِي چرڪيو، ڪُرڪيو، نہ ڪِي تيز تَتو،
سمجهيائين تہ سَتو، ڪوئِي ڪونهي مُلڪ ۾.

○

ڪنهن جا ڪالهہ ڪئي، منهنجي پَجَرَ محب سين،
اکيون ڪوليئين اُن ڏي، ٻُوتي ڪَنَ ٻئي،
تَڪي، جڏهن تاتريو، هٽِي، گَجُ گَئِي،
چُڪُس هيٺن چئي: جيڪس جِيُ جري پوئي!

○

اڄ سجوئي ڏِينهُن، جانِيءَ جُڄُ هلي پيو،
وسي پيڙو وَڏ ڦڙو مٿان منهنجي مِينهُن،
نِرچو ڪٽي نينهن، نيڻان ڪيئن نيندِ ري.

نوتو: نياپو. · گُئي هٽڻ: پَٺ هٽڻ، ڇاڙي هٽڻ. · جُڄ: ڪاڄَ جي مائي، وغيره.

www.sindhsalamat.com

○

هِتي تَندُ نہ تانَ، هُتي قِيلَ ڪمالَ جي،
پاڳل پريت پُٺي وِئي، سُرت، سَمَرَ، سامان،
ڪا ڪُجھہ سُجھي ڪان، جا سُڌِ ساڻ ڪٺي وڃان.

○

منهنجي مُنهن لِيڪا، پيشانِي جهيرون پرين!
پو بہ نہ تي ري پيار ڙي، سوچ سُجھي ڀي ڪا،
وک تڪِي نيڪ آ، تانگھہ تڪي تيندِي وڃي.

○

وينو وڃرين جيئڙا، اڏري وڃن وڃ!
سِڪ، سڪڻ سان سونهندي، پول ”بخاري“ پچ،
ميڙ اکين جي مچ، جن جي جُوهَ اڳي اُتي.

○

ڪا جا ڳَڻ ڳَٺي ڪيو، چاهہ اچڻ جو چاڳ،
اياڳي ”استاد“ جو، بره وڏايو ياڳُ،
سڄڻ سپ سُهاڳ، ڏسڻ ساڻ ڏهاڳ ويو.

○

آسَ ٻڳو آرَسُ، سامهون سونهن اچي چُڪي،
ديد ”بخاري“ عيد تي، روح پرايو رَسُ،
پاسي ۾ پارس، سو مان سون لڳان نہ ڇو؟

○

اگهيو اگلڙو، سڄڻ پاڻ سڃاڻ ڪٺي،
”استادَ“ انگلڙو، محبوبن موڪيو ڪٺي.

وڃرين: پچرين، پچين.

www.sindhsalamat.com

○

انهن جا احسان، وِسري ڪينَ وساريئون،
اندر جا "استاد" چئي، اوجاريئون ايوان،
سڄڻن جا سامان، سونهن، ڪتوري، سوجهرا.

○

اڳڻ تي آيا، سڄڻ منهنجا سوجهرا،
انڌارا "استاد" چئي جَلوَن جرڪايا،
محبن مرڪايا، مَنهن ماڳ غريب جا.

○

www.sindhsalamat.com

## وايون

سِڪَ ۾ ساڳيا ساءُ نہ سيلَ، تُون تبديل يا مان تبديل؟

تون مُنهنجي جَرَ چَرَ جو چاڙهو،
توکي کهڙا ڏيان تفصيل! تون تبديل يا مان تبديل!

مون کي تُنهنجي دِل تي گهرجي،
دِل ڏي دلبرَ، ڏي نہ دليل! تون تبديل يا مان تبديل!

شاهہُ شهنشاهہ سو بہ گداگر،
ڪاٿي ڪيهر، ڪاٿي ڪِيل! تون تبديل يا مان تبديل!

مَحبت ڏاران ماٺهوڙڙي جو،
نانءُ نِناٺون، ذاتِ ذليل، تون تبديل يا مان تبديل!

عِشق برابر بيماري، پر
اُنَ بِن آءُ بِنهہ اَڻ ڪيل، تون تبديل يا مان تبديل!

عِشق عقل جو بحث "بخاري"،
ڪوبہ ڪري ڇو ڪنهن جي اِيل! تون تبديل يا مان تبديل!

●

---

جَرَ چَرَ: آب، آڳ. اڻ ڪيل: بيمار، ناچڱو، اڳهو. اِيل ڪرڻ: آئي ميڻ، هار ميڻ.

www.sindhsalamat.com

•

پـيل ڪرين يا پال! دِل جا حال اِهي تئي!

توکي چاهيم تنهنجي مَرضي،
قُرب مُنجين يا ڪال! دِل جا حال اِهي تـئي!

چال ڏئي چڪتانُ وتي مون،
جهُومرَ ڏئي جنجال، دِل جا حال اِهي تئي!

تنهنجي سرخيءَ ميندِيءَ جهڙيون،
لاتُون منهنجون لالَ، دِل جا حال اِهي تئي!

سُونهن سَوار ۽ پيار آ پيادو،
چاهت شطرنج چالَ، دِل جا حال اِهي تئي!

هِڪ سِڪ آتي، ٻي سِڪ لاتي،
سِڪندي ماٺيم سالَ، دِل جا حال اِهي تئي!

هُوڪَ سياڻي تائين هوندي،
ڪُوڪ ڪيَم جا ڪالَ، دِل جا حال اِهي تئي!

ساپيان، سَپنا ڪوڙ ”بخاري“،
ميـڙيَم ملڪيت مالَ، دِل جا حال اِهي تـئي!

•

www.sindhsalamat.com

●

طعنا، تير، تُڪيوڻ، مون ذي يار مُڪيوڻ،
اوڪيون سوڪيون سوڪڙيون.

سوچُون ساري رات پئي، ڊولئي ڏانهن ڊُڪيون.

پنهنجي دل جي درد جون، ٻُوجهُون سمجهه ٻُڪيون.

ڪاتيَم چار گهڙيون ڪڙيون، چاڙهيم چار چُڪيون.

ٻاهُن ۾ ٻه اچي ٻچڻ، ساڻن منجهه سُڪيون.

ٻُتيون ٻتيون ٻول جون، تاڪي نيٺ ٺُڪيون!

سارو ساهَسُ ڏئي وٺون! آجُون مَوجُون اُڪيون.

قائم قومُون ڪيتريون، ڊهندي، پو ٻه ڊُڪيون.

"اُستاد" آنڌاري اڳيان، جوتُون ڪِين جهُڪيون.

●

www.sindhsalamat.com

●

مون ۾ مَڃ مَچن،
آچن يا نہ آچن! آءُ تَنِي ڏي تاڻيان!

تاتي پيرَ پُڇو ٻہ ڇو؟ جاتي پَنڌَ پَچن،
اچن يا نہ اچن! آءُ ...

چوڏهن سال چِتيون پيون، ورچيا ڪينَ وَچَن،
اچن يا نہ اچن! آءُ ...

هِيءَ تان هِڪڙي ناهہ ڙي! ڏوليا ڏيهہ ڏچن،
اچن يا نہ اچن! آءُ ...

ساجَن سَنگَ سگهو ڪري، رُچيون رَنگ رَچن!
اچن يا نہ اچن! آءُ ...

باتيُون باقي پُونءِ تي، بوتا ڪِينَ بَچن!
اچن يا نہ اچن! آءُ ...

”استاد“ ، آسَ اُميد تي، نِپت، نِرهَہ نَچن،
اچن يا نہ اچن! آءُ ...

●

---

رُچيون: جبلتون، فطري خواهشون.

www.sindhsalamat.com

# ڪامن پلي ڪر

○

دوستي دعويٰ، ڪافي ناهي قرب ۾،
سِڪ "بخاري" سائيان پير مڇين پايا،
سِر سٿون، سعيا، ساٿي، گهرجن سوب لئہ.

○

پاراپا آيا، ’پهچو پوءِ پريتڻو‘،
رقيبن راهون رنديون، ڪِل، ڪندا، ڪايا،
پهتا چَر – چايا، ساچارا ٿيا سرخرو.

○

ڪِندڙيا ڪپُر ڪَرَ، ’مُنهن ڪاري‘ مُنهن مير ٿي،
اڏري هلجي هوت ڏي پيار بنائي پَر،
جاڻُو بنجي چَر، سازيندا سازُو هلو!

○

سوچيو سَچ سچڻ مون، مڇريا ڪڪَر ڪَر،
اڏري ڏنگ هٽڻ لڳا پائي ٿَرڙا پَر،
"بخاري" پُلڪَر، اُڏاري آڏو چيڏي.

○

ظاهر توکي ڪَر، پاسن بَحرَ علم جا،
دقيانوسي دِل اندر، ڏُبا تٿي دلبر!
ڇِڇي هاٽِي چَر، پهران پهڪائِي اٿن.

---

پاراپا: لياپا، سنيها. ساچارا: واقفڪار، دوست. سازُو: سازيندڙ.
ڇِڇي هاٽي: ڪِڪي، بدبودار.

www.sindhsalamat.com

○

پريل ياڻ، پڙاس سان ڪوڪا، ڪاٺا ڪَر،
”بخاري“ پيلا چِڏني، پَلڙو ڪڻ ٻهتر،
دقيانوسي دَر، ڪوبہ تڪيندو ڪيترو؟

○

سڪٺا ڪَڪر ڪَر، ڪڙڪن، وسن ڪين ڪي،
اسان جا ”استاد“ چٽي جهجها پنهنجا جَر،
آوارا آڏر، ڪٻا ناهن قرب ۾.

○

مُنهن ڪارو موذي مري، تَر ۾ جڃَ نہ جاءِ،
پٽاٽي بابي چِيو، ”ڪر ڪي ڪَپر ڪاءِ“،
ڏنگ چِتي ڪي ڏاءِ، گندي گِگَ گهٽِي چِگي.

○

”الا، ڪَر جيَنِ، مدي جن جي من ۾“،
”بخاري“ هن پُونءِ تي آجا اوج اچن!
سڄڻ، سيڻ وهانوَ ڪنِ، هر ڪنهن هانوَ ٺرن،
ڏِسن ڏيهہ مبارڪون، ڏمَر، دهل وڄن،
”تِهان پوءِ مرن، سڙي، انهيءَ سور ۾.“

○

ڪامن پلي ڪَر، نٿون نِينهن نِڪاريون!
نٿون دور نيون دليون، نٿين ناز نظر،
ايرادو ”استاد“ جو ٻهتر ڪان ٻهتر،
حسن، هيج، هنر، آجُون موجُون محبتون.

○

ياڻ: غرور، تڪبر. پڙاس: ساڙ، ڪينو. جڃ: ڳِڪ، ميڄو، مصيبت.

www.sindhsalamat.com

# دلبر جو دربان

○

دِلبرَ جو دربانُ يا دوزخ داروغو؟
چيتي جو چوغو، ڪُلو ڪاريهَرُ متان.

○

دلبرَ جا دربانَ يا دوزخَ جا دربانَ؟
ڪارا تارا ڪانَ، ڳاڙها دوڏا چيِنيون.

○

ديدون ٽِئي دربانَ يا دوناليون گوليون؟
ٻوڙيون پتيون ٻاهران، ٻاجهُون جا ٻوليونَ؟
ڳتا پيا ڳوليُون، پهچُون ڪاتان پيارَ ڏي.

○

دلبرَ جا دربانَ، مَچُ مِنتون ۽ ميڙُون،
ڇڏِ اوچون چيڙون، تو ڇو چاهَہ ڳليون جهيلون!

○

دلبرَ جا دربانَ، مان تُنهنجا پيرَ چُمان!
گهيرو ڇڏِ گهُمان، آجو باغ عجيبَ جو!

○

دلبرَ جا دربانَ، تو ٻانهون آءٌ ٻَدان،
واهُون ڏي نہ وڏان، اڳتان درسن دوس جو.

○

نرجا نگهبان! سَمجهين پو بہ مُڙين نہ تو!
هُتان وچُ وراڪڙا، هِتان تِک طوفان،
ڪيئن ٽا تيرَ ڪمانَ، روڪِنُ ڪِرٽا عشق جا.

---

اوچون چيڙون: ڪميٽپايون، خسيس ڳالهيون. نِرجا: پَڪا، بي لڪا.

www.sindhsalamat.com

○

چريا چوڪيدارَ، چاهتَ تي چَونڪِي رکين!
پَهري مان پڪڙيو وچي حُسن جي هُبڪار،
چيريو نِڪرن چوڪسي، اُهاءَ آهِن آر،
تو واري تلوارَ، روڪيندِي چا روشني!

○

تُنهنجا نَوان طورَ، نِگهبانَ نِڪورَ جي!
سِر سُوڌو مان گهورَ، جي تون جانيءَ گهٽگهرو.

○

چوڪيدارَ، چَمن ۾، گُلن چينٽا ڳورَ؟
سُجهن سَجڻ سِيم ۾، ٻگهڙ، سيڙهون، سورَ،
مارن ڪونجون، مورَ، هِيسن روجهُون، هرڻيون.

○

چوڪسي: نظرداري، سنڀال. گورَ: آجا، آزاد، ڇڙواڳ.

www.sindhsalamat.com

# هٿ ۾ ڏيئي هٿ

○

ويجهو ٿيءُ وَٽانءِ، سُورَ ورهائي سانورا!
مَهتي مايُوسيون مِٺا، آسُنِ ساڻ اُگهانءِ،
اوتي ذاتِ ڏيانءِ، جنيڪا مُنهنجي جوتِ ۾.

○

اوري آءُ اُگهانءِ، آنسُو، آسَ مِنيءَ سان!
سڏڪا سُرهي ساهَ مان، پَلٽي سَڀُ پيانءِ،
سوري سُورَ ڪيانءِ، جانِي جيءَ جُٺي منجهان.

○

اوري آءُ اجان، وِٺي تي ويري ٺٺي!
سوڙهي تنهنجي سَگَ سان پيلا اڳَ پيچان،
ويڙي ڪين ويان، توڙي موتُ ميان ڪٺي.

○

هَٿ ۾ ڏيئي هَٿُ، ويتر ويجهو ويهُه،
مَنهُن "مَن - مراد" جو، پريَم تنهن ۾ پيهُه،
تنهنجي منهنجي تانگهه جو ساڳيوئي ساٿيهه،
ڏوريون گڏجي ڏيهُه، سَنگت، ساٿ سگهو ڪري!

○

هَٿ ۾ ڏيئي هَٿُ، ڏاڍو ڏي ڪو ڏڍُ!
وَهيو ويري وقت ڏٺي وَڏِن مٿان وَڏُ،
ڪَرت متي مان ڪَڍُ، واهَر ڪَر، ويجهو اچي!

---

آسُن: اميدن، آسرن.

www.sindhsalamat.com

○

هٿَ ۾ ڏيندي هٿُ، جرئت يار جهجهي ٿئي،
ڦيٿو ڦيٿي سان جُڙي، ٻوڙي جيوت رَٿُ،
وِٺي آ وٺرت، وصل، وٿ وڏي پرين!

○

هٿ ۾ ڏيئي هٿُ، محبت مرڪايو!
جرڪي جيڪو جندڙو، ويتر جرڪايو،
پال نہ پرڪايو، جيتر جان جهان ۾.

○

هٿ ڏي سيري هٿ، سچي سِڪ ڏي سِرُ!
اڪين اڪين ڪان رکيو ناهہ "بخاري" اِڙُ،
تو لئہ وٺي تِڙُ، مون لئہ موت مفاصلو.

○

هٿ ۾ پيڙي هَٿُ، محبت ڪر مضبوط،
مومل جي ميلاپ سان راڻو ٿئي رجپُوت،
وهم وڏيرو يُوت، پر ۾ ويهہ پڇي وڃي.

○

هَٿ ۾ پَني هٿ، پرين حال پُڇيا،
ڏارَ "بخاري" ڏکَ جا هڪڙي ميچ مُڇيا،
توٽي ڪين ڪُڇيا، اَڇي ٻاڇ وڏي ويا.

○

هٿ ۾ سوگهو هٿ، اچا اڳتي اُڙ،
ٻيٽو، ٽيٽو ٻرُ، جهيٽو جهَٽ جهُريو وڃي.

---

وٺرت: ٻي مطلب، اجائي. پني: ڳنڍي، ملائي. ٻاڇَ: مرضي، خواهش.

www.sindhsalamat.com

○

هت ۾ اردو هتُ، جُنگ ”بخاريَ“ جوڙ،
پٺجي ويو پرمار ۾ ڏاڍو ڏنگو ڏوڙ،
ماڻهو لوهَہ – مروڙ، موڙي سگهندو مامرا.

○

هت ۾ همدم هت، سمجهيم سگهہ، سَمڪ،
چار ٿي پار چَمڪ، نِڪري نينهن نڪوربجي.

○

هت ۾ سُونهون هت، هاٿي هلندو هَلُ!
پانهون پانهن سانُ مليون پيئ ”بخاري“ پَلُ!
جانِي گڏجي جَلُ، جيون – جوت جهجهي ٿئي!

○

هتَن چميا هت، اولانبيون تيون آگريون،
ڪنهن کي کهڙي ڪت، رڱين آڳ لڳي چڪي.

○

هت ۾ تامي هت، اُدَم، عَزمَ وڏاءِ،
اسان سان ”استاد“ چئي اُونهون عشق ڪماءِ!
نشانبر نياءِ، دلبر، دِل جي ديس سان.

○

هت ۾ همّت هت، جوپ ڪريون جُرئت،
پٽون تي ”استاد“ پيا، پيار اڳيان پربت،
محبت ۽ محنت، موڪيندي سپ مامرا.

www.sindhsalamat.com

○

هٿن سان گڏ هانوَ، مَلهڻ پوءِ مهانتا،
آزاديون استاد جي ڏورِن ڏاتيون، ڏانوَ،
هي جي نُوري نانوَ، سي سڀ سات سُهائتا.

○

هٿن سان گڏ هيجُ، رُجون ڪجن ريجَ،
ڏِجن ڏيهَنِ ڏيجَ، موجون، ڪيجَ، مبارڪون.

○

دلبر، ديد ۽ دِل، شامل شوقَ، شعور سان،
آگاهيون ”استاد“ چئي، ساگر ڪان ساحِل،
منزل تي منزل، سِڪڻ سانده سرسلا.

○

مهانتا: عظمت، وڏائي. ڪيجَ: خوشيون.

www.sindhsalamat.com

## وايون

نِينهَن نَئين کي هَٿَ ۾ هَٿَ ڏي، سوچج سُونهن سُڄاڻ!

هاري تُنهنجي لالَ ڳَلن تي، هيڏِي ڪَنهن هيڏاڻ؟
سوچج سونهن سڄاڻ!

ٻُرڪي مکڙي مُکڙيءَ تي چو؟ واءَ وَري پيلاڻ،
سوچج سونهن سڄاڻ!

سوڳِي ڪيئن تِي هيسَ هوا جي، سَنگهر ۾ سُرهاڻ؟
سوچج سونهن سڄاڻ!

اِيندي پَر ڪنهن عِشق پڪي سان، ڳَل ڳَل تي ڳاڙهاڻ،
سوچج سونهن سڄاڻ!

هَٿُ هَٿَ ۾ "استاد بخاري!" سَڀُ ڪُجھ ساٿيءَ ساڻ،
سوچج سونهن سڄاڻ!

●

www.sindhsalamat.com

●

اَڪ اَڪ سان اوريـنِ، جانِي، آءٌ اُنهن جي پانهي!
آءٌ انهن جي پانهي!

آهن ڪي جي تفريحن ڀسان، تڪليفون تورين! جاني،
آءٌ انهن جي پانهي!

هو جي ڪاري رات ڪِنيءَ جي، ڪارنهن ڀيا ڪورين، جاني،
آءٌ انهن جي پانهي!

راتو رات تَلاشـون تاتِيِ، ڏِينهن ڏِنِي ڏورين، جاني،
آءٌ انهن جي پانهي!

اَهنجاڻِن جي ڏُڪَ مان ڏاڍگا، سَهنجاڻُو ن سورِنِ ، جاني،
آءٌ انهن جي پانهي!

پيلا، توڙي پيمَ، تڏهن بِي، پيند ڪري پورينِ، جاني،
آءٌ انهن جي پانهي!

ٽاٽي ساڻ ٽُرڻ جي بدڙان، ٽاٽي ڪي تورينِ، جاني،
آءٌ انهن جي پانهي!

آسڻ واسيُون هِيرون، ڏِيرون، چوڏاري چورينِ، جانـي،
آءٌ انهن جي پانهي!

جيءَ جيئنِ ”اُستاد“ اُهي جي! جهوراٽا جهورين، جاني،
آءٌ انهن جي پانهي!

●

ڏُڪ: سٽي جو ڀاهو، ڀاڪڙو.    ڏِيرون: دلاسا، دلداريون.

www.sindhsalamat.com

•

لفظن کي ڇڏ لالَ، ڀلو ٿئي،
ڳالھ ڪُلي ڪر دل جي!

مُنھن ڪان مَن جي مرضيءَ تائين،
ڪولي خولَ، خيالَ، ڀلو ٿئي،
ڳالھ ڪُلي ڪر دل جي!

عشق ڪَيَئہ اِحسانَ ڀڪا ڀا،
ڀانئين ٿو ڀَنبال، ڀلو ٿئي،
ڳالھ ڪُلي ڪر دل جي!

ڪالھ ڪَھي ويو، ڏُور سياڻي،
فِڪر ڪري في الحال، ڀلو ٿئي،
ڳالھ ڪُلي ڪر دل جي!

سونُ سڻو پَر سيٺن سان ڳَڏ،
محبت مالا مالَ، ڀلو ٿئي،
ڳالھ ڪُلي ڪر دل جي!

وينجھارن جي جيءَ ۾ جَلسا،
پندا پيارَ پندال، ڀلو ٿئي،
ڳالھ ڪُلي ڪر دل جي!

پَڏَ ۾ پُستڪ اوتڻ وارا،
پَل ۾ ڀالِن سالَ، ڀلو ٿئي،
ڳالھ ڪُلي ڪر دل جي!

پَڏ: هڪڙي اکر وارو آواز، رڪن، ٽڪڙو حصو. ” پُستڪ: وڏو ڪتاب.

www.sindhsalamat.com

اُن ڪان اڳ جو ڇارَ، ڇبرَ تين!
ڇمڪائي وٺ ڇال، ڀلو ٿئي،
ڳالهہ ڪُلي ڪر دل جي!

اُن ڪاڻ اڳ جو ڀاڻ، ڀتر تين!
ڀُورَل ڪر ڪي ڀالَ، ڀلو ٿئي،
ڳالهہ ڪُلي ڪر دل جي!

ڀنهنجا ڀيارَ سَنيار "بخاري"!
ڀَر جا ڀاپ نہ ڀال، ڀلو ٿئي،
ڳالهہ ڪُلي ڪر دل جي!

•

www.sindhsalamat.com

•

لِيکَنِ مَنجهه لِکين،
سو تون ڪيئن نہ سِکين، مون چوءِ: ماڻ ميان، هي جو هاڻ ميان!

جَنم جَنم ۾ جِت ڪٽ پِتکين،
تاڻي وَٽ نہ ٽِڪين! سو تون ڪيئن نہ سِکين؟
مون چوءِ: ماڻ ميان، هي جو هاڻ ميان!

نَرڳ سَرڳ جي ناسُورن ۾،
چار ڙِي پَهر چڪين! سو تون ڪيئن نہ سِکين؟
مون چوءِ: ماڻ ميان، هي جو هاڻ ميان!

سُهٽيون، سونيون تنهنجي تَر ۾،
ڍَڪليُنِ لاءِ ڍڪين! سو تون ڪيئن نہ سِکين؟
مون چوءِ: ماڻ ميان، هي جو هاڻ ميان!

سيڪي ساڀيان هوندي دل کي،
دوکي ڏانهن ڍِڪين! سو تون ڪيئن نہ سِکين؟
مون چوءِ: ماڻ ميان، هي جو هاڻ ميان!

گُوندر ۾ غلطانَ "بخاري"،
ڇَنَ ڇَنَ ڏي نہ ڇڪين! سو تون ڪيئن نہ سِکين؟
مون چوءِ: ماڻ ميان، هي جو هاڻ ميان!

•

---

لِيکَن: تقديرون، لکتن. ڍڪليُن: لڪلن، ڳجهين.

www.sindhsalamat.com

# موڪي متارا

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

## سري ري نہ سري

○

آمرت، آمرس، سومَ رس، هڙني اِهو هنڌ،
جُونگي، جاني، جندڙي، سيني جو سوگنڌ،
ڪَلا، ڪوتا، ڪنڌ، سِڪن سونهن سَرو ملي.

○

هيڏانهن مرڪي مُنڌ، هيڏان مَهڪي مَڌُ،
تڪي طرف ٻنهي ٽٽي اندر اڌواڌ،
اُتي، اڳتي وڌ، پائج پيچ پريتڙو!

○

ڪالهوڪو ڪڪوهُ، اڄوڪا ڏوڪي چُڪا،
اڄوڪو اِنبوهُ، سِپاڻو سوچيو وجهي.

○

سانوڻ برسي چَر ڪري، پارا پلٽي پوهُ،
مُنڌ نہ مٽي موهُ، مُدي تي ملهبي هلي.

○

سَرو، سُر ۽ سِرُ، واءُ سَري ۾ وترو،
ڏڙ، سِپيءَ سوڌو ڏجئين، تو جي مِلي تِرُ!
سامِيءَ تائين سِرُ، ميخاني ڏي مُنهن ڪري!

○

سَرو توڙي سُرُ، سُونهن ٻنهي ساهہ بسين،
جيئڻ ڪارڻ جهرُ، مرڻ پوءِ مُنهانٽيو.

---

آمرت: آب حيات، اڄامر. آمرس: انب جو رس. سومَ رس: جيڪا آريا استعمال ڪندا هئا.
ڪَلا: فن، هنر. ڪوتا: شاعري. سَرو: شراب، مڌ.

www.sindhsalamat.com

○

سَري سان ڳَڊ سُر، سنڌو، سرسوتي ڪني،
جيڏي، جامُ اچي مجي، پيئي، جيئي اُرُ،
ٻنهي وچ ۾ ٻُر، جهِرڻيَ ۾ جيئن ترورا.

○

سَرو آچي سُر، ٻو چا ڳُھرجي پيار ڪَي؟
وڪين، اڪئين ونگجين، سِڪڻ سان ئي سُر،
پيئڻ ڪارڻ پُر، ڇهوري اُڃَ جيئڻ جي.

○

سرو توڙي سُر، سَهج ٻنهي ۾ سونهن جو،
ويڙهج وڏِ وجود ڪني عجيباڻو اُرُ،
تانگهُنِ سوڌو تُر، پئجي نيڻ - پٽن ۾.

○

ساقي جاڻي سُرُ، ڳالهه ڳُڻائي ڳت جي،
گهُوڙي گهُرج نه سمجهي، گهُرجي ٻو به نه گهُر،
ڪوجهو ڪج نه ڪُر، پيلي اُڃ پَرم جي!

○

جهَلي هَٿِ جَمنُ، اتيو خيال خام ڏي،
"ڪانئر جي تون ڪوپڙي؟ يا ڪو گهوٽ گهَمَن؟"
"يا تو ۾ ڪو طائفو؟ يا طرحدار تُمنُ؟"
"يا تون ڪنهن جو مَنُ؟" يا تون رهزن راڄ جو؟"

---

سرسوتي: نديءَ جو نالو، راڳ ۽ فن جي ديوي. گهمن: بهادر، پهلوان.
طائفو: فنڪارن جو ٽولو، ناچو ٽولي. تمن: وڏو سردار، اِبوهم.

www.sindhsalamat.com

○

سونيي، نوري، بُوبنا، مان سهٽي، سسئي،
پيدي بنجي اوچتي پُٽڪي پئي پيئي،
سرلي سُرت سئي، گهِري پريت چُمي گهٽي.

○

پَلي اُج پِرم جي، شال نہ مري شانُ،
پني، مَنگي پيئجي، ڳچيءَ ڳهجي پانُ،
پنهنجو جام جوانُ، پاڻهي ڇو نہ ڇني وٺي!

○

سَرو ٿئي سونهن يا ٿئي سونهن سرو،
پيئان پوئين پَل ٿئين، تَڪي تِڪ ترو،
هجان هِڪ ڪرو، سدا ونجهو سونهن جي.

○

مُرڪ، مِهر، ماڻو، ملائي ڏي مَنڌ م!
ديدن سان ڌهرو هجي دِل وارو داڻو،
ساغر سان سَنيري وجي، جيءَ جُٽو ساٽو،
نينهن، نظر، ناڻو، سِر سوڌو صدقي ڪريان.

○

چِڪڻ سان ئي چوٽَ، چُرڪ لڳائي چاڪ ڪي،
رڳ رڳ سُور، سُرور جي لڳي لوٽ ۽ پوٽَ،
پُڏاسون پرڙوٽ، رَڙي رنج پيچي ويا.

---

سونيي: سونيتي. بوبنا: جراڙ جي يار. پيئي: ڳهڳهي (پاڻيءَ جي).
پانُ: ڪانُ، تيرُ. چُرڪ: سَرڪي. چاڪ: زخم، ڦٽ.

www.sindhsalamat.com

○

پيتي ري پرکڻ، ماڻهو اوکو مامرو،
پيالي تي پيالو هلي، جوش لڳي جهُولڻ،
چاهه سچو چُوٽڻ، پاڻهي گوڪُ پياڪ جو.

○

پيئندي پَٽ ڀه تي، چاهت چُوٽئين اوچتو،
پنهنجي گهڙي پيار جو وينو پوٿ پٽي،
سوچي، ڳالهه ڪري، لُڇي، سترَ هانءَ سٽي،
هر هر هٿ وٽي، وِسڪي، چَپ چٽي وجهي.

○

سَري ريءَ نه سَري، ساقيءَ ريءَ سري وڃي،
تاسارو تڙپان، ڏِڪان ڏيڙ ڏاندي ٻري،
پريڻءَ پنڌ پري، پيئان، مانَ پُڄي پَسان!

○

سهڻا سورج ڏڄ، سانجهيءَ ڪي سورج ڪٽي!
پياري پوءِ پسج، جوت ٿي جوت جهان ۾.

○

سوچي سوچي چڙ، سُوري سيج، سَري ڏي،
ڏُهرو روپ ڏَهر جو، سانجهي ۾ ساجهڙ،
ٻنهي پاسي ٻڙ، سِجُ سريڪا سوجهرا!

چُوٽڻ: پنهنجو راز پاڻ کولڻ، باسڻ. گوڪ: ٻُور، زنجڪ. پَٽ: پيالا، جام.
پوٿ: پستڪ، وڏا ڪتاب. ستر هانءُ سٽي: سترءِ سيني تي هٿ هڻي.
ڏُهرو: ٻتو. ڏَهر جو: زماني جو.

www.sindhsalamat.com

○

موکي، نيٺ مَرون، ڪنڌ لڪايون ڪيترو!
پيئون جِيئون گوڙ تي، پنهنجي چاهَہ چَرون،
ڪهڙي ڏوهَہ ڏرون؟ پينگهون، جهُوتا پانهنجا.

○

”پهرين جيوت جوت ڏي، جهجهڙ تي پوجهُر.“
گونگي شمع گُر، ٻَرندي، ٻوليندي وڃي.

○

تنهن ڪان اڳ جو ياڻ تي، ساڻي ياڻ پُرون،
اوتي جام جمن ڏي، چاڙهيون چاهہ چُرون،
پهڪون بيلهہ ٻرون، ڳايون، رانئيون روح ڪي.

○

تنهن ڪان اڳ جو روڳجي، ڳگجي نيٺ ڳرون،
اچُ، مچايون چاهہ ڪي، پاري پوءِ ٺرون!
تاڪي ڏُنڌ ٺرون، تان ڪِي جوت جئي پئي.

○

گوڙ: آجو، آزاد. رانئيون: رڳيون.

www.sindhsalamat.com

## وايون

نوان نوان سونهن نظارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

مستي مُند ملهار ۾،
موڪي، مَند، متارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

ساگر، اوتِ صراحيون!
صحرا ساهَہ اُجارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

پيئڻ، ڪائڻ پَهريان،
پاڇي پوءِ پسارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

دنيا دوڙ، دغا تہ ٻِي،
دنيا ڏيک دُلارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

جيوَن، جاني جُوءِ ۾،
آڇي ڪونہ اُڌارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

محفل ماري مَند ڪر!
قاتل زهر ڪسارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

دُنيا، ٻيس ٻہ – ٻولڙيا،
ٻَڌي، سمجهَہ ٻتارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

"استاد" آهن ديد ۾،
اُو جي دَور اُجارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

●

پسارا: واڌارا، نظارا، مشاهدا. دُلارا: پيارا، لاڏلا. ٻَہ – ٻولڙيا: ٻہ ڳالهيون ڳالهائڻ وارا.

www.sindhsalamat.com

•

جيوَن َ ناهه جوابُ، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

هيءَ مَئي مستي، هيءَ لئي لستي،
جوين راڳ رباب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

شوق. شفق تي جُلڪيو ڳل تي،
شيشي منجهه شراب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

پاڻيءَ پاسو، تڙپي. تاسو،
هئه هئه هيءَ حجاب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

غوطا ڪاوان، تاريون پايان،
سمجهان ڪيئن سُراب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

ڪاهڪشائون، تڙڪا، چانئون،
سيڪجهه قرب ڪتاب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

جيئن جرڪائي، تيئن جرڪائي،
شعلو آهه شباب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

چمڪيس چوليون، جهوميس لهرون،
ها، مان هوس حُباب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

بي حد عشق "بخاري" آهي،
ناهي حُسنَ حساب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

•

هونڊو: دولت، ملڪيت. هيج: شوق، چاهت، محبت. سُراب: رَڃ. شباب: جوڀن،
حساب: پاڻيءَ جو ڦوٽو، بوڙيو.

www.sindhsalamat.com

•

تاسـاري سـاري،
آءُ اُجاري ٿَـرَ جي واري.

تَتل ريتِ،اُتل برسـاتون، تاس پَلر پيـاري،
آءُ اُجاري ٿَـرَ جي واري.

ساگرُ بادَل ۾ پيو گَـرجي، پايَل پَٽهـاري،
آءُ اُجاري ٿَـرَ جي واري.

اوَ مَٽهيارا تو لئہ مَاندي! ڪـائي مٽهياري،
آءُ اُجاري ٿَـرَ جي واري.

منهنجي پريت پڳهاري تُنهنجي، ڪاوَڙ ڪوٺاري،
آءُ اُجاري ٿَـرَ جي واري.

بـاھہ، پلي چَٺو اَئِـي ڙي اديون! بِرھہ نہ بيـماري،
آءُ اُجاري ٿَـرَ جي واري.

سِنڌُو سَرتِي، سانگهَ جيڏِي، سـاگر سيـن ياري،
آءُ اُجاري ٿَـرَ جي واري.

اديون ڙي "اسـتـاد بخـاري"، ٻارِي دِل ٺاري.

•

---

ڪوٺاري: سون، چاندي پڳهارڻ لاءِ سونارن جو برتن. سانگاھہ: ٿر ۾، ننگرپارڪر پاسي ڍنڍ.
جيڏي: سهيلي.

www.sindhsalamat.com

●

موڪيون، ميخانا، جيئن پو تِيئن توانا،
موڪيون ميخانا.

تاڙيخاني تي تڳن، دانا ديوانا،
موڪيون ميخانا.

فرزانا فِڪري پيئن، مِرگهي مستانا،
موڪيون ميخانا.

پَنَ - چِٽٽي پَرويز ۾، گُلبُو ئي گانا،
موڪيون ميخانا.

ميرانجهي موسُومَ ۾، گاڙهانجا ڳانا،
موڪيون ميخانا.

چاهتَ، چنگ، چَنجُورَ سان، پينون ۽ پانا،
موڪيون ميخانا.

اوتايو اِنصاف سان، پُورا پيمانا،
موڪيون ميخانا.

اديون ڙي "اُستاد" جا، اُجرا افسانا.

●

---

موڪيون: موڪيءَ جو جمع. موڪيون ميخانا: ميخانا ڪامياب ڪريون، ميخانا ملهايون.
تاڙيخاني: ميخالي. فرزانا: ڏاها، سياڻا. مِرگهي: چريائي، بيماري.
پَرويز: رسم، ريت، دستور.

www.sindhsalamat.com

# موکي تنهنجي منڌ ۾

○

موکي تنهنجي مَنڌ ۾، جنم جنم جا جَلَ،
صدين جي سوداء کي پلٽي ڏي کي پَل،
چوچي چڌج چَل، ويلو هـتڙان ويندڙو.

○

ڏينهان ڏينهوکي پيان، راتيان راتوکي،
تڙکو تنهنجي تات تي، چاهت چاندوکي،
ريتِ نہ مون روکي، ساقي، پريت پيئڻ جي.

○

موکي، تنهنجي مُک ۾ شمع، شَبُو بَئي،
پتنگ تيان، پوپٽ تيان، چِتو ڏيج چٽئي؟
ڏوٽي ڏات ڏئي، بيٺو ڀهڪايو چِڏين.

○

شمع تنهنجو شَمُ، گهاتي دونهين گهيريو،
اکيون تنهنجو آلڙيون، شَبوء تي شبنم،
گهُسي آيو غم، خوشيءَ هاٿي کيج ۾.

○

موکي تون ميخوار، متارو ميخوارُ،
اڳئي عشق الهوت پيو متان سونهن –خُمارُ،
جهومي اِج جهان جو ڪُل ئي ڪاروبار،
’ساغر ۾ سنسار‘، چوڻ چارو ناهہ پنيو.

---

چوچي: سست، ڪاهل. چَل: دولاب، دغا، نخرا. شَبو: گل جو قسر. ڏوٽي: پيٽي.

www.sindhsalamat.com

○

عقل ۾ اڌ هوش ۽ عشق ۾ وڌ هوش،
شمع، شيشا، جامَ ڪن ڪيڪارون خاموش،
جوانن جو جوش، مِڙي ميخاني ڳِھڙيو.

○

چوڪيءَ ڪان چوڪي، موڪي، مون کي ڏيج تون!
ڪالھوڪي ڏوڪي ڇُڪس، اوتج اچوڪي،
ڇُلون چانڊوڪي، مِلائي مُرڪي ڏجئين.

○

ميلاپي ماٺو، ملائِي ڏي مَنڌ ۾!
گھڙيءَ لئہ گم تي وجي ٽاٽو ۽ ٽاٽو،
هُڳائن هاٺو، سياٽي سوڏو وتان.

○

سوچُن ۾ سپنو جيئن پيالي ۾ پُونم،
موڪي مرڪي مُهت ڏي، غار ڪريون اڄ غمَ!
جامَ اندر ڪو جَمُ، سا ڪا سُرت نہ ساھہ کي.

○

ڪامڻ، ڪٽي ڪَرُ، گھُوگھي، گھُرَ نہ هر هر!
انگورن انگي مُغي، سَري جو تون سَرُ،
اوتج اُجامَرُ، اِتانِ ئي تي اورتي.

○

تمڪن ٽانڊاٽا، گھچلي گھاتيءَ ٻات ۾،
ٿُلڪن ڪاري نِير تي ڏنگين جا ڏاٽا،
هيڏي هول، هراس ۾، هُن جا هاواٽا،
موڪي، چڌ ماٺا، ”ڏئو ويندو“ ڏي پيان!

---

پونم: چوڏهينءَ جو چنڊ. غار ڪريون: گم ڪريون. غم غلط ڪريون. جمُ: موت، اجل.
ڪامڻ: سهڻي ناري. مُغي: نوجوان ساقي (ڇوڪري). اجامر: آب حيات.

www.sindhsalamat.com

○

چوليون ٿيون ڇُلڪن، ڇُهندي توکي ڇرڪٽي،
ساغر ساگر، ٿهڪڙا، ڪوليو سِرُهه ٿُلڪن،
اوِلاڪن، اُلڪن، ٻيڙا ڏُور ٻڏي ڇڏيا.

○

هُن پَر تنهنجون آگريون، هِن پاسي منهنجون،
ساغر، ساگر تي ڇُڪو اوقيانوس وِڇِئون،
اتئون لِيڪ اڳيون، سمجهِي سِير، سڪون پيا.

○

هڪڙي هنڌ هجون، وچ ۾ پَنڌ وهم جا،
سهسين ڪوهه پري سُجهون، چرڪيو انگ ڇُهون،
ٻيئي ٻار ٻُڏون، سمجهون پاڻ سُڪيءَ اچا.

○

هي جي هورَ، حيا، سڪٽا سنسا سامهان،
وڪري وَهم ويا، پيتي جام پزيب جي.

○

اپريا انگ امنگ جا، نِڪريا ڏانوَ، ڏيا،
ڪيڏا قرب ڪيا، مون سان ميخاني ميان!

○

هي جو هو بہ حجابُ، اوتيو آبُ، اُتي ويو،
شَڪي شِيڪو دُور ٿيو، بچيو شوق، شباب،
ساقي، منهنجو خواب، سُرڪيندي ساپيان ٿيو.

---

اوقيانوس: ائٽلانٽڪ وڏو سمنڊ. پار: تار پاڻي، آوهاڳ پاڻي.
شيڪو: حقارت، حذر، حجاب.

www.sindhsalamat.com

○

رڱون برف، رجاءِ، ڳنيتي شعلا شوق جا!
ڳاڙها لِڳ ڳڳاتيا، مگر مَچ مچاءِ،
مُونِ تو: وَڄُ، وڄاءِ! هتان وَڃهہ وهيو وڃي.

○

ڪوسو پيارُ پيار، ساقي، سِيءَ رُهِيءَ ۾!
چوڪس چونڪي چاهہ تي، ڪنڪو خوف سمهار،
جوڏو جوش ايار، ڳيدي هوش هَپي پلي.

○

پَلتج اڄ پارا، هارجِ سردي سيج تيَ!
موڪي، گهوگهي گود ۾، مَچَ اسان سارا،
سيءُ، رُهِي، سيارا، پرينءَ سين پيارا لڳن.

○

پارو ڪڙڪي پوهُہ، چَنو تالُهہ تنپي چڏي،
موڪي، مَد موجود پو ڏوڪڻ ڪهڙو ڏوهہ؟
جِتي ڇهاءَ – چوهُہ، اُتي مَچَ مچيو پوي.

○

”اڄ نہ پوان ڪڏهن پوان“، سهڪي چيو سيءَ،
”اڄ نہ پيان ڪڏهن پيان“، جهومي چيو جيءَ،
هئہ هئہ مهل هيءَ، موڪي، مَدَ، ملاپ جي.

---

رُهي: سخت سيءُ، سنهي بوند ۽ ٿڌيءَ هوا واري سردي. هَپي: هني، ڊپجي، ڪهنجي.
چنو: چپر. تالهُہ: سخت ٿڌ.

www.sindhsalamat.com

○

ڪو پَلُ ڪيپ خيامُ، هونئن سدا سقراط مان،
تيڏِي وڏي ترشنا، جيڏو پيتم جامُ،
منجھ ڪاڻ مدام، مَلهجڻ لاءِ مُني صدي.

○

هَستي، مَستي، نيستي، مڙئي وَر ماٽيامَ،
جيڏيون جيوَن جامَ، پل پل پياري ترشنا.

○

ملڪ مڙئي محفل، هڪڙي، تنهنجي هيجَ جي،
تڙپي ديد ۽ دِل، پِسان، پايان ڪيترو!

○

ترشنا: تاس، اُڃ، خواهش.

www.sindhsalamat.com

# وايون

چاهت سُرڪَ چڪِي، چَڻ ڪِني باڪَ بڪي
پيارا، پيئبِي، پياربي!

جيوَنُ جوڳُ نہ روڳُ جِي، ڀهڳُڻَ ڀانهن ڀڪِي،
پيارا، پيئبِي، پياربي!

دَريا وارا وَهڪرا، دِل هيءَ ناهہ دڪِي،
پيارا، پيئبِي، پياربي!

هُونديون هينئر، هاڻ جِي، صديون ساڪ، سڪي!
پيارا، پيئبِي، پياربي!

ڌوڏيا ڏارَ جمارَ جا، اُڏريا پيارَ پَڪي.
پيارا، پيئبِي، پياربي!

هووَڻ. هووَڻ هارَسين، ياري يارَ رَڪِي،
پيارا، پيئبِي، پياربي!

ٽاٽِي، ٽاٽِي، جاڻ ڪي مون ڪا مَهڪ مَڪي،
پيارا، پيئبِي، پياربي!

ناسُوري "اُستاد" جي، لوري ڪنهن نہ لڪي،
پيارا، پيئبِي، پياربي!

•

---

دڪي: ٺڪر جي ننڍي چٽري. ڌوڏيا: لوڏيا، جهنجهوڙيا، لڏيا. ٽاٽو: زمان.
ٽاٽو: مڪان. ناسوري: بيحد شوقين، نہ ڇڏڻ وارو، خفتي.

www.sindhsalamat.com

●

تَـڙپُون ٿُون ۽ مان، مُوکِي، ميخانو آکيو!

سِپنو ڦاٽو سانتِ جو، راتِ رِتيءَ واتان.
تڙپون تون ۽ مان.

ڇَتِي ٽاٽي ٻيٽ تي، ٽِـٽيهر ’ٽان ٽان‘.
تڙپون تون ۽ مان.

راڳي ڪاٽان راڙ ڪئي! پاڻي ۾ ’پان پان‘.
تڙپون تون ۽ مان.

اچي پِئي اوڳي اُجان، موڳن مان ’مان مان‘.
تڙپون تون ۽ مان.

اُتَ ٿِـئي ”استاد“ ڪا اوراڻ، پاران!
تڙپون تون ۽ مان.

●

---

اکيو: ڏِسيو. ٽـٽيهر: ڍانڍي پکيءَ جو قسم. راڳو: شينهن (چيتو). پان پان: ڪنئڻ، مينهن جو خوف کان آواز. مان مان: الڳ الڳ هجڻ جي وائي، اجائي آنا. اوراران، پاران: هن پار کان هَن پار کان. دريا جي هن طرف کان هَن طرف کان.

www.sindhsalamat.com

●

ڏوڪِ تہ ڪريون ڏوٽَ! ڪول، تہ نڪرون خولَ مان!

چَن چَن تارَن چانوَ ۾، آڱڻ تارَن اوٽَ.
ڪول، تہ نڪرون خولَ مان!

ڏوٽين ٻاريا ڏيئڙا، ٽِمِ ٽِمِ ڏونگرَ چوٽَ،
ڪول، تہ نڪرون خولَ مان!

ڪڪرن جي ڪڙڪاٽ ڪان، ڇيٽن ۾ ڦڙڦوٽَ،
ڪول، تہ نڪرون خولَ مان!

”ڏِنو ويندو ڏينهن ٽٽي،“ ٻيلي ڏي ٻرڙوٽَ،
ڪول، تہ نڪرون خولَ مان!

ساوُ سالَ صِلو مِلي، پَلڪَن جي پالوٽَ،
ڪول، تہ نڪرون خولَ مان!

اوتِي جوتِ ”استاد“ تي، جانِي تنهنجي جوتَ،
ڪول، تہ نڪرون خولَ مان!

●

ڏوڪ (اصل شايد ڏوگهہ): تمام گهڻو پيءُ ۽ جلد پيءُ! صِلو: نيڪ بدلو، انعام.
ڏوٽ (مصدر ڏوٽڻ): جهَوم، جهَل. جوتَ: (مراد آهي جهولي، قرب، ويجهڙائي).

www.sindhsalamat.com

# سري تي سايو

○

سَري تي سايو، ساقي، تنهنجي سُونهن جو،
سايي سُوڌو ٻي ويس، ڇاتيءَ تي ڇايو،
اِئين تنهنجو عڪس مون لُونءَ کي لايو،
اکين ۾ آيو، ساڳيو سُرخ سُهاءُ تي.

○

جامَ وجهي جهاتي، گهُور گهڙي وئي اڳيري،
هڪڙي چولي چرڪٽي، ٻي مَوجي مَدماتي،
هڪڙي سُرڪَ سنجيدڙي، ٻي جا جَذباتي،
اُجي دل آتِي، چاهت کي ڇُهتي وئي.

○

جيئن تو ڇُهيو جامُ، حُسن وَنديِ هَٿ سَين،
تي پيو روپُ شراب جو گلابي، گُلفامُ،
منهنجو تَنُ، تمامَ، سُرڪيِ، سُرخُ اُهاءُ ٿيو.

○

سِڪڻ ۾ سُرڪارَ، ساغَرَ تي سَرَ سَرَ هوا،
چَپن ۾ چُرڪارَ، لهرُون ڇهڙي لالَ تي.

○

چَپين چُپ چُپات، لُونءُ لُونءُ ۾ لَهرا،
ڇهرا چاهَ وتن جا، چُرڪَ ڪيا ڇَهرا،
ساپيان ۾ سرگوشيون، سَپن ۾ سهرا،
پاڻ مٿان پَهرا، اُمنگ اورانگهي ويا.

---

سايو: اولڙو، عڪس. مَدماتي: نشيلي، خماريل، شرابي.
حسن وندي هٿ: حسين هٿ، سهڻي هٿ. سرگوشيون: سَرِبات.

www.sindhsalamat.com

○

تِيئِين تَڙپِن چَپ، جيئَن جامُ ڇُهين مِنا!
سِڏو ڇُهندي سُونهن کي، ڏُوهِن پنتي ڏَپ،
ڏِينمر تہ نرن نَپ، ٻَرن چَپ تِڪُون تڪيو.

○

ڪَيچَ ۾ ڪارائيءَ، گهاگهائي گهُوگهِي جهَلي،
ساري سُونهن سَميٽجي سيني ڏي آئي،
جيتر جهُڪِي جامَ ۾ پيتم پلٽائي،
ايتر آتائِي، صُراحي سُرڪِي ڇُڪِي.

○

گوري پيار گهٽو گهٽو، اَڄ اَتمر دِل ڳوري!
پٽر جهڙي پيڙ ٿئي، هَوا ڪانَ هَوري،
اَنوکي اَوري، مَنجهان، مُنڌ ڪڍينمر تون!

○

ڏاڙهُون رَنگو ڏي پري، تُون ڏاڙهُون ڏاڙهُون،
پَئِي تي دِل درياهہ ٿئي ڇُهڻ لئہ چاڙهُون،
تون مان پَئي ماٺهو، ماٺهوءَ موهہ، چوانَ تہ چا؟

○

اکين ۾ اُوشا لڳين، وَرن ۾ وِينَس،
اُهاءَ انگ اُمنگ ۾، ڇُپين وسي چَس،
رُجهي چا چا رَس، پيتم تنهنجي پريت مان.

○

ڪٿوريون ڪيرون ڏِيَن، هِيرون پائن هار،
سنچڻ تنهنجي سُونهن جي برسي روز بهار.

نَپ نرن: زخم پرجن. باهِ اجهامي. اُوشا: صبح جي ديوي، (خوبصورت).
وينس: زهرو، شڪر گرهہ، (چمڪندڙ چهرو).

www.sindhsalamat.com

○

محفل موجَ مَتي، سامهون جهُومي اُڀ، پُون،
تون جو منهنجي هَنج ۾ تارا، چنڊ، ڪَتي،
بِره آهه بَتِي، ساڻ سدائين سوجهرو.

○

محفل چا نه مَتي، جهُلي ڪَتي، ڪيتڪي،
وڻ چا، ويءَ چا، واٽ چا، بَستي واسَ وَتي،
تُنهنجي رنگ رَتي، منهنجي آسَ انگي چڏي.

○

محفل مست مَتي، جهومي ساندهه زندگي،
صديون هلي ميڪشي، ڪِلي ناهه ڪتي،
پنهنجي پُهُ پَتي، سمجهيم سرس سمونڊ ڪانڻ.

○

جهنمي جامَ ۾، جُوالائي جوشُ،
متان هستيءَ مان وجي همالي جان هوش،
پرتوي تي پوش، نئين پريت نِنگي نه ٿئي.

○

نه ڪو شوق شراب ۾، نه ڪو نشي نينهن،
محبت تنهنجو مِينهن، ڪڙڪيو وڄ ڪڪر ري.

○

موکي، مئي مُڪي، تو جا بَتي بَٽَ تي!
چڪي تنهنجي چاهه ۾ اُتان ڏينم چُڪِي،
گهُوگهي اوت اُڪي، ڳُٽ ڳُٽ ڳيتي ٻي وجان!

---

ڪَتِي – ڪيتڪي: (مطلب آسمان زمين). ڪلي: چمڙي مان ٺهيل پائيءَ رکڻ لاءِ ڳوٿري.
پُه: ماڪ ۽ ڪڙو پرٿوي: ڌرتي، پون ماتا. بَٽ: بَٺيءَ تي.

www.sindhsalamat.com

○

سُرڪيون ۽ ساغرَ، اُلٽو اُڃَ وڌيو وڃي،
ٻاهر، اندر ٻرَ، وو ڪو مينهن وسي وڏو!

○

گهڙي ۾ گهُنڪي چڏيان، گهوگهِي اوري ڪَرا
مَٽجي مَٽڪي مان ڪِٽي، ڇَرڪي رهندو ڇر،
دُنگن ۾ دِلبَر، مون ڪي ڇيڪَ ڇڏين نہ ڇو؟

○

ڪُپو ڪنان ڪَنِ، آڇيو، اُٿلين ايترو!
ساقي، گِهوگهِي سُرڪڙي، هِتڙي دُنگ هُجن!
ميخانا اڪجن، جُونگي، جُوهَ ٻُڏي نہ ٽي.

○

آڇي ماٽوڙو، موکي، مَرڪ نہ ايترو!
مان جو پلٽي پي وڃان ميخانو پُورو،
تو لِيکي کُورو، دِل ۾ دوزخ پيو ٻري.

○

ماڪَ منجهان پُورَتَ، ڪاٽي مِينهن پياڪ جي!
پلٽي ڏي پَٽ پَٽ ۾، وِڃ وِني صُورت،
اوهيرا الفت، اندر آڳ اُجا ڏيڪي!

○

گهُنڪي: ٻَٽ ٻَٽ ڪري پي (چڏيان). دنگ: وڏا مٽڪا، شراب جا وڏا ٿانوَ.
ڪنان ڪَن: ٽپڪار. ماٽورو: مٽڪو. اوهيرا: مينهن جا ڇڇڪا، برسات جا وسڪارا.

www.sindhsalamat.com

# وايون

ساغر سُرها ساهَه، اِو، سجني، تنهنجا سانديا!

ڏيئي تجلا ڏِيل تي،
آڱنڌ تي اونداهه، او سجني، تنهنجا سانديا!

چرڪيئن چمڪيون چوڙيون،
ٽاٽي ڪاڏا ٽاهه، او سجني، تنهنجا سانديا!

ڪَڪڙا: ڪِرڪِر، ڪِينرا،
باقي قربَ ڪپاهه، او سجني، تنهنجا سانديا!

اُڪندئي آڙاهه ڪي،
ديدُن ۾ درياهه، او سجني، تنهنجا سانديا!

ڏوڪيمر ڏينهان راتيان،
تاهمر تاس اتاهه، او سجني، تنهنجا سانديا!

اوتي ڏي ”استاد“ ڪي!
چپين، چشمين چاه، او سجني، تنهنجا سانديا!

●

ڪڪڙا: ڪپهه جو ٻج، جو سخت ٿئي ٿو. ڪينرا: (مطلب کپي، ڪل ڪل).
ڏوڪيمر: ڏوکير، پيتر. تاهمر: تنهن هوندي به.

www.sindhsalamat.com

•

أڪتڙي أڪتڙي زندگي،
أجتڙي أجتڙي زندگي، سُرڪيءَ سُلجهائِي.

آڏيءَ ڏاري آسَ ڪي، اوٻاسِي آئي،
سُرڪيءَ سُلجهائي.

اُمنگَ انگَ اُتي ڏِني، آڳيان انگڙائي،
سُرڪيءَ سُلجهائي.

چمڪي چمڪي چَمڪٽي، چاهہ گهگهي ڇائي،
سُرڪيءَ سُلجهائي.

ڏُنگَن، ڏؤرن ڪي وِڏي، ڇَتڙن ۾ ڇائي،
سُرڪيءَ سُلجهائي.

اِڇّا ڇير ٻڏي نَچي، جامَن جهُومائي،
سُرڪيءَ سُلجهائي.

جانِي، جوبَنَ، جامَ سان، ”اُستاد“ آجائي!

•

---

انگڙائي ڏيڻ: آرس ڀڃڻ. ڏُنگن: شراب جي مٽن، پيالن.
ڇتڙن ۾ ڇائي وڃڻ: وارن ۾ ڏوڙ وڃڻ، مات ڪرڻ، جيتڻ، ٻيڙو ڪرڻ. اِڇا: آرزو، تمنا.

www.sindhsalamat.com

•

(تَڻ تَڻ)
(تَڻ تَڻ)
تَڻ تَڻ تند تَنبُورُا موڪي، گهُوگهي ڪَڻُ ڪَڻُا!
موڪِي، گهوگهي ڪڻ!

ماٽيون مؤج رَچُون، وَچُون!
روڙيون روچ رَنجُورُ موڪي، گهوگهي ڪَڻ ڪڻ!

ڪيسين ٿهر ڪلور جو،
آنگن منجهہ آنبورُ موڪي، گهوگهي ڪڻ ڪڻ!

اڪئين ڪيپَ نوان ڏيون!
ڪيتين پوڪ اتڪُورُا موڪي، گهوگهي ڪڻ ڪڻ!

ڏوريون پيمن، پريت لئہ،
چوريون چنگ، چنجورُ موڪي،گهوگهي ڪڻ ڪڻ!

آتئي اڄ "استاد" ڪي،
الائي ڪهڙو پُور، موڪي، گهوگهي ڪڻ ڪڻ!

•

---

ڪيپَ: خمار، نشا.

www.sindhsalamat.com

# ڪاڪ ڪلالي ڪُوءِ

○

مومل ڪي موکي چوان؟ موکيءَ ڪي مومَل؟
پُوري ڪاڪِ، ڪَڪوهَ جي ڪنهن کي ناهي ڪَل،
ٽاٽي کهڙي ٽَل، ٽاٽو ناهه ٽڪو ڇو؟

○

ڪاڪِ، ڪلالي ڪُوءِ، ڪافَ ٻنهي ۾ ڪُوپَ جو،
ڪَلجي نئين خوشبُوءِ، ڪرڄي تازي روشني.

○

خوشي ورني خُوءِ، غمگيني گهيري ڇڏي،
روئڻ رُوءِ ٻروءِ، مُرڪڻ کي ماندو ڪري.

○

ڪاڪِ، ڪلالِي ڪُوءِ، ڪافُ ٻنهي ۾ ڪوڏ جو،
حُسن، عِشق، هڳاءَ جي هِتي هردم هُوءِ،
جانِي، جيوَن، جُوءِ، مَچي، رَچي ماڻجي!

○

موکي، مُنهن مومَل، هَئه تون ڀهڙي هُرتڙي!
لونئي کي ڪوني وَنين، ٻانهون ڏيئي ٻَل،
چُوسين زهَر ڇپن سين، ڳُٽيون ڳارنِ ڳَل،
دِلداريون درمل، تون ڏِينِ، توکي ڪير ڏئي؟

---

ڪڪوهه: شراب، مَدَ. ٽاٽو: زمان. ٽاٽو: مکان. ڪلالي ڪُوءِ: شراب ٺاهيندڙن ۽ وڪڻندڙن جي گهٽي، جاءِ. ڪوپ: ڦهر، ستر. ڪوڏ: شوق.
هرتڙي (پاڻ هرتڙي): خودمختيار، پنهنجي راءِ تي هلندڙ.

www.sindhsalamat.com

○

موڪي، مُک مومَل، توکي آکِ لکي چُڪي،
مَرڪي مهمانن کي جرڪي پيارين جَل،
خوشيون خوشبُو ڪَل، اَندر آڳ اُلانبيون.

○

پَميي ڪڻ پَيِئُي، پي ۽ پيار پنهونءَ ڪي!
موڪِي توکي ڪير چئي، سُهٽي تون سَسُئي،
هٽج پنهنجي هيجَ سان، منهنجي مَنجھ مُئي،
ڏوپي دَرد ڏِئي، جرڪي جوت نئين سنئين.

○

دِل هوندِي دولابُ پر، رُوپُ ڪتي دولابُ؟
تنهنجو قرب ڪچو ڪٽي، پڪو شوقُ شبابُ،
رَچڻ، مَچڻ ساپيان، خام نہ هيءُ ڪو خوابُ،
هوندِي سِڪَ سُرابُ، پيتئہ، پيارِيئہ پو بہ پئي.

○

بابل جي قاتل، ڪامَڻ، ڪامڻ ڪر پلي!
منهنجو مَنُ ملائِڪُ، موهي ڪَرِ مائِل،
تِنڙڪي تي تہ ڏسان مان شبابين شامل،
هنڙئي تي حاصِل، وِتي وچ رهي نہ ڪا!

○

هِينئڙو هو هارُوت، مَنڙو هو مارُوتُ،
منهنجو روح فرشتو، مون سمجهو مضبوطُ،
ٿِڪُل ٿئي تي ويو قُوتُ، ننگِي، نازَ نِهارَ جو.

پپيئي: ڪهوکهي. بابل جي قاتل: اها خوبصورت عورت جنهن ملائڪ منجهائي وڌا.
هاروت ۽ ماروت: اهي بہ فرشتا جي حسينا تي فريفتہ ٿي پيا.

www.sindhsalamat.com

○

موکي تيءَ نہ مَرَ، گوڏا چَتِ نہ گھگھہ جا،
تي ويا تنهنجي تانَ تي ڪيئي وَهَمَ' ٽَڙمَ،
ٽُون تان نورُ نئين جي، ٽُور پراٺا تَمَ،
پوري پَجِ پرمَ، ڪُهنا تانوَ ڪلالِڪا!

○

موکي تيءَ نہ مر، جانبَ جَل - پَري تون!
مِهري ڪُومَل ڪَل جي، ٿهري تنهنجا ڪَمَ؟
جامن اندر جَمَ، ڳيتايو ڳاريو وجهين!

○

موکي، ڊؤنگ 'ڍِلاٿلا' سَڙهيا "سيمسَنَ"،
هو گَد گَد تنهنجي گود ۾، تونءَ ٽُنبين تَن جا تَن،
هو مَنگن توکان محبتون، تون ٻَنگي وجهين ٻَن،
پول وِڏا جي ٻَن، مونکي مشڪل تَن جو.

○

سورهيہ "سيمسنُ"، صورت گود سُتو،
ڪَپيس ڪُپت سان ڪلا، تي پيو پيمُ پُٽو،
چوريءَ چَندَ چُتو، ڦاٿو ڦندَ، چُتي ڪتان!

○

موکِي تون مَڪريل، ڊوهي چڙ تہ "ڍلاٿلا"،
سورهيہ سيمسَن جيان ڏِگَ ڏَڪيئہ ڏاڙيل،
گهَرڙايئہ گهوڙيل، ڏوڏاري دوکي هٿان.

---

ٽڙمر: ڪنا، ڳڏ، سٽيل. • ٽور: وهي، ٿهي، چمار. ڍلاٿلا: خوبصورت عورت جنهن سيمسن سان ويساهہ گهاتي ڪئي. سيمسن: (انجيل جو ڪردار) غير معمولي طاقت رکندڙ پهلوان. گهوڙيل: گهوڙي چڙهيل.

www.sindhsalamat.com

○

مٿان مَهڪن مَٽَ، هيٺ تليهر تَرَ ۾،
ڪکوهہ اندر ڪَٽَ، ڪُپٽِ مَنجهہ ڪلال تون!

○

مٿان پَدر پَٽَ، سُهٽي پَسجين سادڙي!
اَندر وَڪڙ وَٽَ، ڪاريهر چڻ ڪَندِ ۾.

○

چَپين مٺي چَٽَ، سوچين سانپين چُوچڙيون،
لِڳن مٿان لٽَ، وِڏءِ لالَ لبيسَ جا!

○

گهڙيءَ گهِرڪائين، گهڙيءَ گهاگهايو ڇڏين،
اوچُون اوڳاڇين ڪڏهن ڳُوڙهيون ڳرڪائين،
موڪي مِرڪائين، چَرڪي جيَ، چَپن کي.

○

گهٽو ئي گوري، جهومي آندءِ جام کي،
سري تنهنجي سپ پيو، چَندي، ڪو چوري،
ڇهندي ئي ڇوري، وڏيندو وهندو ويو.

○

ڪٽي اناپورنا، ڪٽي تون ڪالي،
ناري ديوي پيار جي تو پيڙ ڪٽان پالي،
اسان اڙيالي، موڪي، تنهنجي ماڙ جا.

---

تليهر: نانگ. ڳوري: سهڻي، پوري. (سوتهن، مهر ۽ مروت جي ديويءَ جو هڪڙو نالو).
چَنڊي: نياڳي، نهس (ناريءَ جي ڏکوئيندڙ روپ جو ديومالائي نالو)
اناپورنا: (ڪاليءَ جو ضد) عورت جو محبت مروت وارو روپ.
ڪالي: موت، تخريب جي ديوي (عورت جو منفي روپ).

www.sindhsalamat.com

○

ديدن ۾ درگا نہ تي تڪڻ ۾ تارا،
آڇج اناپورنا، اُجامر آرا،
اسان جا آرا، مڃين تان موکي سُهين!

○

حسينا هيلن، سونيتيءَ جي سونهن تون!
پوڄا تنهنجي روپ جي اولهہ، اوير ڪن،
پُڙڪو پُونءِ آين، پاروتي جي پيار جو.

○

موکيءَ مَنديو مَنڊُ، چاڙهيو ڪڙو چاهہ جو،
پهرين ٻُڪي پيار جي، جوتيو جذبن جنڊُ،
جيڪو تڪجي ڏنڊُ: جهُومِي جامر پَرِي ڏئي.

○

سَرمد ڪان سقراط ۽ موکيءَ ڪان تہ خيامَ،
هڪڙي شام گڏي چڏيا مون سان هڪڙي جامَ.

○

دنيا، تنهنجي دؤر ۾ جَمر ۽ جَمر جا جامَ،
ڪڏهن منجهہ مُقامَ، ڪڏهن ڪُوءِ ڪلالڪي.

○

موکِي توکي آکِجي، سوکِي، اوکِي سِنڌ؟
پَئي تِي جَمر ۽ جَمر ڏِين، جوڙِين، جهورين جِنڊُ،
رِنـدن مان ڪو رِندُ، ماٺي مُندَ مَلهِي هـليو.

---

درگا ۽ تارا: (ڪاليءَ جا ٻيا نالا) دک درد، پيڙائن جون ديويون. اُجامر: آب حيات، امرت ڏارا.
هيلن: يورپ جي حسينہ، جنهن تي ٽراءِ جي جنگ لڳي.
سونيتي: سنڌ جي جنهن تي وڏو چڪر هليو. پاروتي: شو جي زال. (تعمير ۽ تخريب، پيار ۽ پيترا جو گڏيل روپ.) تَر: تائين.

www.sindhsalamat.com

○

موڪي، دُنيا آڪجين، دانا، ديواني؟
مَڙهِي، تنهنجي مَنڌُ ۾ جُڳ جُڳ جواني!
مَـئُـہُ يَـئُـہُ مهماني، جاري تنهنجي جُـڳ ۾.

○

ڏاران سوچَ سَرو، مارو بنجي موڪيَؤ!
لوپي لِيلا جو ڪڍيو، تڪي ڪيپ ترو،
ٻانيڻ ڪي بہ ٻَرو، باڍي بيهوشيءَ ڏنو.

○

مئہ: مستي، غرور. يئہ: ڏپ. ليلا: چنيسر جي زال. ٻانيڻ: سسئي. باڍي: شراب.

www.sindhsalamat.com

## محفل تي ميدان

○

ديسي، پرديسي هِتي، پرديسي، ديسي،
هيءَ تو ڪُوءِ بنائي ڪلالِڻ ڪيسي؟
آهيان آبيسي، آديسي اوڇي نہ چَئہ!

○

محفل تي ميدان، تيو ڇنڇرو ڇوراهو،
ساهو، ٻي ساهو لڳي، واهو، ٻي واهو،
ڏاڍو سو ڏاهو، ڏاهو سو ڏوهي وڏو.

○

محفل تي ميدان، تيو چارو ڇوواتو،
مڇرجي "سَچَ پچ" وڏو، سَنسن ۾ ساتو،
مروڙيو ماٿهن مِڙي، ڳاراٽنِ ڳاتو،
"ڪوهيڙو ڪاتو"، ڪِرٽو ڪِرٽو هُوڪرا.

○

محفل تي مانار وئي، بيتائي بوتا،
گُر گُر ۾ گوتا، لهرن ڪاڏا ليٽڙي.

○

محفل تي مانداڻ وئي، نغما تيا نالا،
روئيَ نڪتا روح مان آلاپ ٿي آلا،
سرگمَ – سُرَ قلوڪٽا، چَمر چَمِر ڪيَ چالا،
تارونءَ تي تالا، سوچون قاٿيون سَنگهرين.

---

ڪيسي: ڪهڙي. آبيسي: دل وارو، محبتي. آديسي: فقير، مٿو ٽيڪيندڙ فقير.
ڪوهيڙو ڪاتو: ڪوهيڙو ڪنجي ويو، بيتائي: راڳي، گلوڪار، شاعر.
گر: لئي، تال جي لئي. نالا: دانهون ڪوڪون. چالا: لڦون، قلوڪٽا.

www.sindhsalamat.com

○

محفل تي مانداڻ وئي، نغما تيا نالا،
اُلون، اوبالا، چيخن ماڻ چمڪي پيا.

○

محفل تي مانداڻ وئي، نغما تيا نالا،
پيرون سُر پيڪڻ لڳا، پيمر ٻٽيا پالا،
اوزار ۽ آلا، دوتارا دُهليون تيا.

○

محفل ماٺ مُقام، ڪنڌَ ڪُٻا قبرون،
خيال ۽ خبرون، دعائون، درود تيا.

○

محفل ماٺ مقامُ، پاندا پنپ ٻنيون،
ٻاٺون ڳاٺ اُپيون، لُبيون، سِسيون لاٺَ جون.

○

محفل ماٺ مقام، پاندا پنپ ٻنيون،
چٻرا، ونڊَ ورهاستون، چمڙا ڪيڏ، خوشيون،
سوچون سانت مُنيون، متيون مَنجھ مُبسي ويون.

○

ميخانو مَرگهٽ بڻيو، ماتا گهيريا موت،
گهُوگهين ۾ گهوگها، گهُٽا، ڇامَن ۾ جمدوت.

○

متڪو ملڪ الموت تيو، ميخانو مرگهٽُ،
قدامت جي ڪَٽُ، ڪلالڻ جي ڪُوءِ تي.

---

اُلون: ٻاه جا الا. اوبالا: تهڪا، ٽِڇڪا، پڙڪا. پيرون، پيمر: راڳن جا نالا.
آلا: هٿيار، اوزار. ٻنيون: قبرون. مرگهٽ: مساڻ، شمشان.
جمدوت: ملڪ الموت، موت.

www.sindhsalamat.com

○

مٿڪو ملڪ الموت ٿيو، ميخانو مرگهٽُ،
اڱڻَ اڱرَ ٻاٻرا، ٽانڊا - ٽانڊا پَٽُ،
جيڪو چِلهو چَٽُ، هاٺوءَ هَٿ هڃي ويو.

○

ميخانو، مستي، مِهر ٻنهي ۾ محبتي،
پيئڻ، پيارڻ ڪان متي اٿئي ڇا ٻَستي،
هُيئه ڇا اڳ ۾ پلا، هوندءِ ڇا هستي؟
سُرڪ ڪٿي سستي؟ جَمنُ، جيوَن تي مليو.

○

ميخانو، مستي، موج ٻنهي ۾ محبتي،
پيتي سان پَلٽو لڳي، پيئڻ بِن پستي،
لوڪ لقا لستي، جاني، جوڀن، جام سان.

○

ناز پريون نظرون، اچليون ناري نينهن تي،
نيٽن، نيٽن ڪي ڏنيون خوشبويون خبرون،
سُرڪيون ۽ سَڪرُون، ميخانو مهڪي پيو.

○

جيوَن جنهن جو نامُ، پُڇو تا تہ ٻُڌو پلا!:
جاني، جوڀن، جامُ، محبت، محنت مامرا.

○

چلهو: سست، ڪامل، ڍرو. ∘ هاٺو: ڏاڙيل، ڌاڪو، لٽيرو.
پلٽو: پلٽي راند، تلوار بازي. سڪرون: مٺيون، چميون.

www.sindhsalamat.com

## وايون

گهُوري گهُورَ اَگهُورَ، او! جامَ وجهِي جهاتِي.
ٿَجڙِي وقتَ وَٿاڻَ تِي، ڌرتِي پٿِي ڌاتِي.
هِلِي پٿِي هابيل تي، قابيلي ڪاتِي.
جيڪو موتُ پيئو جيئي، سو ڪو سُقراطي!
ڊوهِي سُونهن ڊلاٽلا، ڪاپائِي، ڪاتِي،
قلوپَطره ڪيتري، تانگهَه ٻِٽي تاتِي!
سُهِٽي، ذَمَ ڏنيي تہ بِي، پيئي پرياتِي.
سونِي، سَڌڙين سَٽَ ۾، چاهَه چُمي چاتِي.
سَسئي گِسڪي گهوٽَ ڏِي، چلجي پَئي چاتِي.
ڪيڏِي جَرَ جَرّاتَ ۾، موسمَ مَڌُ ماتِي.
آٿرندي "استاد" مُون، پريت رَتي پاتِي.
جامَ وِجهي جهاتِي.

---

ڊلاٽلا: سيمسن سان دوکو ڪندڙ عورت. قلوپطره: جڳ مشهور مصري راڻي.
سوني: سنڌ راڻي، جيڪا مير باگي جي ساٿياڻي ٿي. (اصل نانءُ سونيتي).
آٿرندي [illegible] بي چين ٿيندي، [illegible] ـدي.

www.sindhsalamat.com

●

سَندرا جهڙا سُوئا، سُونبا، موڪيون جهڙيون مَلهہ، آلاها!
مِيلي منجهہ ملهالا.

نِيلا حيلا، پِيلا پَکڙا، ڳاڙها پيلا ڳَلَ، الاها،
مِيلي منجهہ ملهالا.

رُٽو روڳي رُوحُ جَني جو، کِلٽي خالِي ڪَلَ، الاها،
مِيلي منجهہ ملهالا.

لِڳين لائي ڪول ڪٽي ڪَنِ، سينا سَندَنِ سَلَ، الاها،
مِيلي منجهہ ملهالا.

چُوسِنِ زهر چِپن سين سارو، پيئن قاتِل پَلَ، الاها،
مِيلي منجهہ ملهالا.

جو جو آيو گهُرج اگهايو، ڪنهن کي ڪابہ نہ جهَل، الاها،
مِيلي منجهہ ملهالا.

ڏوليل، ڏنگيل رولَ مَتارا، شُعلا، شُعلا شَلَ، الاها،
مِيلي منجهہ ملهالا.

اَندر هِڪڙو جذبو جهومِي، ٻاهر اُڏمن ڏَلَ، الاها،
مِيلي منجهہ ملهالا.

موسِمَ مِيريَ اُجري ٿِي پِئي، پيلي ٿيندِي پَلَ، الاها،
مِيلي منجهہ ملهالا.

لوڪ سڀي کي لوچَ "بخاري"، اُنهن جي اڄڪلهہ، الاها،
مِيلي منجهہ ملهالا.

●

ڪول: ويجهي، پير پر. شل: پگهريل، ساڻا. ڏل: ڏنب، ميڙ.

www.sindhsalamat.com

●

رَڱ رَڱ راڱا، هو!
يَمپيي ياڱا وو،
هھڙا ھاڃا ڇو؟

ڪُهَڙ آ ڪوءِ ڪلالِڪي، ڪَنول ڪانا، هو!
ھھڙا ھاڃا ڇو؟

محنت جنهن جي مامَ جِي، مانِي معنيٰ، ھو!
ھھڙا ھاڃا ڇو؟

بابا، ڀينر، ڀائرو! چاچا، ماما، ھو!
ھھڙا ھاڃا ڇو؟

اوءِ اڇي ”اسٽاد“ جي، ميريون مانجا، ھو!
ھھڙا ھاڃا ڇو؟

●

---

راڱا: ليڪا، نشان (وڍڻ لاءِ). يَمپيي: سهڻي، خوبصورت. ڪُهڙ: ڪنڊيون، سَر ٻوڙا جي جهنگ هٿجن. پر انهن کي ٻاهه ڏجي تہ اُن لڳل ٻاهه کي بہ ڪهڙ چئجي.
مانجا (مانجڻ، مانجڻ): مهٽي، ڌوئي صاف ڪريان.

www.sindhsalamat.com

## وٿو، وھ ۽ وات

○

نہ ڪو مان سُقراط، نہ ڪا سند ’گِريڪ‘،
نہ محبت: منطق، فلسفو، نہ مَست، مگن: محتاطُ،
وٿو، وِھہ ۽ واتُ، ڪھڙي ليکي قُربَ ۾؟

○

ڏُکيءَ دل لَئہ ڏِيَ، مَنگيَم مَحبت، مَڏُ ۾،
موکِي، وِڏءِ وَڏِ، ڪھڙي ليکي قربَ ۾؟

○

”وِھُہ تہ آھي وِھُہ“، مِلي توٺي مُحب کان،
قاتل مِنو ڪير چئي؟ گھاٽُو ناھي گِھُہ،
ڳالھہ ڳٽائي ڳُھُہ، متان پيار مَيارجي.

○

سادِي ھئي سوکي، اُتان اوتي تي سگھي،
مَتارن جي ماڻ کي موکڻ لَئہ موکي،
ووڙي ڪوڙي مئي وجي هوڏي ھَڏُ ڏوکي،
ٻاھر چاندوکي، اَندر اَند ڏکي وڏي.

○

مياڻ مِاڻ نہ اُھو، جنھن کي چَتَ چُکي ڏئي!
اُبتي ڪاتَ ڪُھو، ”سُبتو سُبتو“ پيو سڏي.

گريڪ: يونان جو ملڪ.  گھاٽُو: گھاٽيندڙ، خطرناڪ.

www.sindhsalamat.com

○

ڪَوڙا ڪَسارا، ڏوڪيندي ڪي ڏِينهن تيا،
اُگري ڪان اُگرا ڳتئون، ڪاري ڪان ڪارا،
موڪِي، تو ماري وڌا، مَت ڏئي متارا!
وِهُه پِي ويچارا، پيئڻَ پَتِ رکي ويا.

○

ميخاني ۾ محفلون، متڪي ۾ ماتم،
جيڏيون جيوَن جام، بينُون، نانگَ بغل ۾.

○

موڪي، ڪِلُ نه تِلُ! پاپڻ، چا تو پياريو؟
ڪَڙا پيتم ڪيترا، ڪُتِي هيءَ قاتِل!
جهڙو ڪُڪِ ۾ ڪِلُ، جهڙو اڪ، اَنبورَ ۾!!

○

ڪَکي ڪَتورو، ڪاتي ڪُهُتو، ڪاڪِڙو،
موڪي، چُوندَ چڪائيو، ڪو قاتِل ڪورو،
تڙپائي تورو، گهوري هَٿ گهُگهيءَ ۾.

○

وِهُ وَتيو وينگسَ، مُرڪي پنهنجي مَرگ تي،
ڏاهپَ ڏنگيس سَپ جان، چُوسيس رڳون چَسُ،
قلوپطره سان ڪيو هاجو حرص، هَوَس،
جيءَ جهڙي جيڪَس، هينئڻ ڪا سونهن هَجي به چو؟

---

مت ڏيڻ (محاورو): سزا ڏيڻ، مار ڏيڻ. ڪکي (ڪکڻ): ڏنگي، ڪاٽي.
کهُتو: گندو، زهريلو. تورو: تولو (وزن). مرگ: موت.
قلوپطره: جڳ مشهور مصري خوبصورت راڻي، جنهن آپ گهات ڪيو.

www.sindhsalamat.com

○

واهَرَ وِهَہ وِهاڻَ، ويري وِهَہ وهاڻَ،
ڇهرِيَ تي ڇَمڪاٽ، ڪُڪِين ڪاٺَ ڦهر جي.

○

اندر اوندهہ زهر جي، ٻاهر اُلري لاٽ،
موڪِيءَ ڪي موڪِي هليا، ڳاڙها اُوچي ڳاٽ.

○

ڪبو ڪوهہُ ڪَڪوهہُ، سَوا ساقيءَ سَٽ،
اُجيون اکيون اُن ۾ هيرايو جنهن هَٽ،
تان پوءِ کهڙي ڪَٽ، هَٽان هو ڏيندو هلي.

○

ڪهنو جيئن ڪَڪوهہُ، موڪي تيئن گهٽي گهٽو،
مِلي مَٽڪي ۾ ڇُڪو ڪو جو ڏَمڻ – ڏوهہُ،
عاشقن اندوهہُ، قاتِل زهر ڪَڪوهہ ۾.

○

سو ڪيئن سهانگو؟ ڪُسڻ بعد ڪڪوه جو!
ماٺهو مَهانگو، موڪِي، تنهنجي مَنڌ ڪان.

○

اِهين آجَل آنگهہ تي، آنگجڻ آٿانگو،
ساٿارينِ سانگو، مَٽا، هَٽ سَٽي ڏِبا.

○

ڪُسڻ ساڻ ڪَڪوهہُ، سَهانگو سو ڇو؟
موڪي ميخانو ڪَيُءَ، ڪيهَن جو ڪوڇو!
اِيءَ اوچَڻ اوڇو، لنڌِي لاهہ تہ لال تين!

ڏَمڻ: ٽانگ جو قسم. اِهين: اُٿيئن، بنا مقصد.

www.sindhsalamat.com

○

ڪُسڻ بعد ڪڪوهہ، سَهانگو سو ڪيئن؟
اِهو هُوندو هِينئن: ماڻهو مـرنڊو مانَ لئہ.

○

وِهہ وٺي آئي، جڏهن جيوتَ هَٿ تي،
سرخي ريڪَ ترِيءَ جي سُڪڙي تي سائي،
وِسلِي وَئي وائِي، چرڪي حِس ڇهون پيو.

○

مُلهہ مهانگو قطرو، مَد ڪان وَڌ ماني!
مُنڊون؛ رُتون مَنڌ سڀ جِيون سان جاني!
فاقا ڪن فاني، باقي قرب بچو تہ ڇا.

○

ملهہ مهانگو قطرو، مُوتو، مون بہ ميو،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ ڪاڻ جي ڪُسي سُک سَجو،
پولو، ياڻُ پَچو، سَولو سات تئي جي!

○

قطرو قاتل زهر ڪو قطرو تيو ترياق،
نسورو ناچاق تئي، چُڪي پيتي چاق،
منگي تو مشتاق، ساقي، توڪان سو سَرو.

○

وَڪڙُ، وِلوڙو، ڏنگيندي ڏاڍو ڏِين،
ڪاريهر ۽ ڪال ۾، ڪاف زهر ڪوڙو،
وِهہ ۽ وڇوڙو، واءُ بنهي ۾ ويل جو.

---

ريڪ: لِيڪ. وسلي: بگڙي. فاقا: لنگهڻ، بکون. پولو: پول، غلطي.
ياڻ: آپو، انا، هٺ. وَلوڙو: وٽ، پيٽ ۾ وٽ. ڪال: اجل، موت.

www.sindhsalamat.com

○

ڪَڙهج، پيج ڪَڙو، ماڻج هيجُ مِٺو،
سو ڪنهن سُک ڏِنو، ڏاڍو ڏُک سهڻ ري؟

○

هٿ ۾ وهه وَٺي، رت ۾ رَسُ امرتي،
اُجري جُوءِ اسان جي، ميري رُوءِ مٺي،
پيئڻ پاڙ پَٽي، جيڏيون، جاڙ جئڻ جي!

○

www.sindhsalamat.com

# وايون

وَتِي زَهرَ وَٽي، سوچي پيو سُقراط ڪِي.

گهرو گهوري شهر ڏي، گهُمي گهاٽَ گهَٽِيَ،
سوچي پيو سقراط ڪي.

ڪنهن تي باٽَ ڪَٽِي پٽي، ڪنهن تي لاٽَ لٽي،
سوچي پيو سقراط ڪي.

ڪنهن جي پيڙهه پڪِي لڳي، ڪنهن جي پاڙ پَٽي،
سوچي پيو سقراط ڪي.

جنهن جي سوچ ڪَتو ڪري، تنهن جي ڪوٽ ڪَٽِي،
سوچي پيو سقراط ڪي.

اندو ڪيٽُ يقين جو، 'چو چا' سُرت چٽي،
سوچي پيو سقراط ڪي.

سو مون سِٽ سچي ڪري، ساري عُمر سَٽِي،
سوچي پيو سقراط ڪي.

اٿين ٿِي "استاد" تون، هاري راندِ ڪٽي.

●

www.sindhsalamat.com

•

سُرڪَ سِڪين جي سَچُ، سِيس سهائي اچُ!
او اچ اچ!
سيس سهائي اچ!

موڪيءَ مَنڪن ۾ رکيو، مٺي ۾ ويڙهي مَچُ،
او اچ اچ!

پيالا شعلن مان پري، پي پي، دِل تي پَچُ!
او اچ اچ!

سُوريءَ واري صحن تي، نعرو ماري نَچُ!
او اچ اچ!

ڳاڙهِي، ڳاڙهيءَ جي هٿان، ڳيتي، ريتو رَچُ!
او اچ اچ!

ماٺيم، موڪيم کو کٽو، ڳوليم، ڳايم ڳچُ،
او اچ اچ!
سِيسن سهائي اچ!

•

www.sindhsalamat.com

●

ڪيڏيا ڪاتا ها، ٿڙڪيا ٿاتا ها هتي:

بورائي جي پير ۾،
رهزن راتاها! ٿڙڪيا ٿاتا ها هتي.

ڇن ڇن توتي اوچتا،
ڇاپا ڇاتا ها، ٿڙڪيا ٿاتا ها هتي.

ميخاني ڪي مُهتمر،
لينگها لاتا ها! ٿڙڪيا ٿاتا ها هتي.

ويرو وير وهانوَ ۾،
ڏوها ڏاتا ها! ٿڙڪيا ٿاتا ها هتي.

جورا تازي جوت جا،
پورب پاتا ها! ٿڙڪيا ٿاتا ها هتي.

مون ڪي نغما ماڳ جا،
ڳاڙها ڳاتا ها! ٿڙڪيا ٿاتا ها هتي.

ماٺهو آجيءَ موج لئه،
”استاد“ آتا ها، ٿڙڪيا ٿاتا ها هتي.

●

---

بورائو: سونهون، واٽ واقف. پير: نمونو، ڍنگ، روپ. مهتمر: بندوبست ڪندڙ، انتظار ڪندڙ.
لينگها لاتڻ: داغ لڳائڻ، ڌبو لائڻ. ويرو وير: وقت بوقت. ڏاتا: ڏاوا، رچيا.
جورا: وڪا، ويس. ڳاتا: ڳايا.

www.sindhsalamat.com

•

گهوٽَ گهڙن گهاٽِي، اوتي اُوچي ڏي اچا!
چمڪي چانڊوڪِيءَ جيان، ٻهڪي ٻهٻاٽِي.
آندر مان اُلري اُتي، ڏوڪيندي ڏِياتي.
پَل پَل جامُ ٿُباءِ، پي! مَهل اتئي ماتِي.
دِيدُون چار ڪريون، پرين، باريُون چوِلاٽِي.
پيڙي چاهت چيچڙي، چَنبيِنَ چيپاتي.
ڪاتِيءَ جهڙي هُوبَهُو، ڪالهہ آسان ڪاتِي.
تيسين جوتِ جهَجهي ڏيو، جيسين جهڙ جهاتِي.
گولا، لوڪُ لُٻي پيو! ڏِينهن هٿن ڏاتِي.
زبري زورَ جتئو هَنئي، لوءِ لوءِ کي لاتِي!
ڳولي ڏي ”اُستاد“ کي، اڳتي آڳاتِي.

•

---

ٻهٻاٽي: سَرهي، خوشبودار. چوِلاٽي: چٽن لاٽن واري روشني. چيچڙو: ڪهاٺو.
چنبيِن: واڍن، رسين. (جي هڪ ئي وقت ڪاتي ۾ ٽنگ ۾ ڪلا ٻڌل هجن.) گولا: ڌرتيءَ جا گولا.
لاٽِي: ناڪيلي (اُٺ واري).

www.sindhsalamat.com

## پيئڻ پيارڻ پُن

○

پيئڻ، پيارڻ پُن، جيئڻ پاپُ پيئڻ ري،
هُئڻ، حُسن، عشق جو سَهجُ سري ري سُنُ،
گيتي تُنهنجو ڳُنءَ پيتي تو پڌرو ٿئي.

○

ڏينهُن اُهوئي ڏوهُ، جيڪو جاني، جامَ ري،
پيئان، پياريان او پرين، ساندهہ قرب ڪکوهہ!
تو بِن مون کي توهُ، ساقي سُونهن، سُجهي نہ ٿو!

○

سُرڪڻ سڪَ ثوابُ، هارڻ ڏوهُ وڏو ميان!
اڳيان عشق اُمنگ جو، وتندو حُسن حسابُ،
جوين ڏي نہ جوابُ، پڇاڙيءَ پڇتاءُ ٿئي!

○

گونگو گنجُ گواهُ، سَخي ناهين ساقيا!
ڇُلڪيو آچين چولڙي، اٿئي سَمنڊ اٿاهُ،
سڙي صحرا ساهُ، ساحِل لب لبيا تہ چيا!

○

محفل، مَدُ مَٿو، مَستي، تنبَ، تنبورَ،
تُڙڳي تِکيءَ تانگهہ ۾، اُجو شوقُ، شَعورُ،
موجُن مَنجھہ مَلورُ، اُپڙيو اوپارو هلي.

---

پُن: خير جو ڪم، ثواب.   سُن: ساڻو، ٻي حس.   گيتي: دنيا.
مٿو: جام، تمام گهڻو موجود.   تُڙڳي: ٽٻي، وهنجي.

www.sindhsalamat.com

○

موڪي، مَدُ، ڪَدُو، ڪيڏي سونهن، سُگند اوا
گونجي آدَ جڳادَ جي گهري گفتگو،
ديدن ۾ دارين جون حدون ڏوبَدُو،
ڇهه ئي پار ڇُهاءَ ڪي رَهڙن رُوبرُو،
جيوَتِ جُستجو، اَجامَرُ اُو جو ملپي!

○

چنچل موڪيءَ چالَ، اَجهل عشق الڙ جو،
هو پئي ڇُهندي چال ڏئي، هي پيو تڪي تالَ،
ناري، ساغر نال، ڳيرو ڳالھ نہ نبري.

○

نوڙي نگاهون، اُچليون ناريءَ عرق تي،
جَمن ۾ جرڪڻ لڳيون ٻٽيون ٻہ باهيون،
اچج اوراهون، پلٽي ٻيئي پي وچان!

○

سُرڪڻ ۾ مُرڪڻ، مُرڪڻ ۾ سُرڪڻ ملپي!
ڦـٽڻ ڦوهہ وهيءَ جو، ٻُورُ نئون ٻُرڪڻ،
ڪاوڙجڻ، ڪُرڪڻ، ڪهڙي ليکي قرب ۾!

○

تارن نيري نڀ تي آچي چارَ چتي،
چندُ سڙي سگريٽ تيو، رات آ رڪوتِي،
ايڏو آءٌ اپاٽڪو، تاٹو چاڻ تـتـي،
موڪي ڪول مَتي، مُرڪي پيار مُبارڪون!

---

اَجامر: آب حيات. الڙ: سيڪڙات، نئون جوان.
رڪوتي: ايشتري. تَتي: بارَ چَتي، ڪاٽي لاش ڪڻ جي.

www.sindhsalamat.com

○

تو بن ڪهڙو توهه، مستي، هستي، موهه!
ڏاهپ، ڏانءُ ڏيار مان ڏوڪڻ ناهي ڏوهه،
اونداهو آنڌوهه، پيتي جوت پتون تئي!

○

سُرڪ پيون ساغر، چرڪ نه شوق شباب ڪان،
گهڙ نه گهڙون ساگر، ٿڙڳ نه ٿڙڳون تار ۾!

○

سناٽي جي سير تي خاموشيون چوليون،
تڙين چپ چپات ۾ بڙها بُت پوليون،
ڪول، پيون، ڪوليون، دروازو نئين دور جو!

○

ڏيار: ڏات.

www.sindhsalamat.com

# وايون

ساري عُمر سَرو، پيئو توڙَ – تَرو!
ضايع ٿئي نہ ذرو!

ڪُشتو جوڙيون ڪَنتري، ڻاهيون ٺيڪ ٺَرو!
ضايع ٿئي نہ ذرو!

ٺيڪيو ٺيڪَ نہ ٺينءَ تي، ٻيهو ٻُونءِ ٻَرو!
ضايع ٿئي نہ ذرو!

ڪولٻي لاٽَ اکيون، ٺَرو، ٻُوٽي نيڻ، ٻَرو!
ضايع ٿئي نہ ذرو!

موتِي ميرو ڪير چئي؟ گوهرُ ٿئي نہ گَرو!
ضايع ٿئي نہ ذرو!

پرکي ٽاڻي ڪَسوٽِي، کوٽو خواهہ کَرو،
ضايع ٿئي نہ ذرو!

سانگي منهنجي ساهہ جي، وانگي واسَ ورو!
ضايع ٿئي نہ ذرو!

ماضي، حال، مُدام تي، پنهنجو پيارَ پَرو،
ضايع ٿئي نہ ذرو!

هرڪو اڳتي پيو هلي، چوهو، چُوٽ، ڏَرو،
ضايع ٿئي نہ ذرو!

آدرش آدم ذات جو، ”استاد“ آڳيرو!

●

ڪنتري: ديسي شراب. ٺرو: ديسي سادو شراب. آدرش: نصب العين، نمونو، آئينو.

www.sindhsalamat.com

•

پلڻي پيار پُجي! سانڍي ڪين سِڪائجي!

تون تان رينگين رُنگ تي، دِلڙي دُنگ أجي!
سانڍي ڪين سِڪائجي!

او، چو، آءُ أجو اچا؟ سنڌوءَ سِيرَ سُڄي؟
سانڍي ڪين سِڪائجي!

ڇڏيو عشق أڪنڊ جي، مون کي پڙڪَ پُڄي!
سانڍي ڪين سِڪائجي!

ڪوئي ڏيهہ ڏڄو نہ ٿئي، ڪائي ڏات ڏڄي!

•

پُجي: سخي، فياض. رينگين: ڪِرڪر ڪرين. رُنگ: ڇَڪو، ڏرو.
دُنگ أجي: مٽن جيٽري اجاري.

www.sindhsalamat.com

•

پيءُ پيارڄ پيارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.
جهُومر تہ جهُومن جارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.

پاتا ڪيڏا ٿُوٽِيءَ ٿُڙَ ڪي،
اُڏيهيءَ هي هارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.

جنڊِي ڏي ڏس جهُومر جهَرڪن،
ڪوريئڙي جا چارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.

گهُنگهڻ، لاڻِ ڪي پيو ڪائي،
چارَ ڪري چمڪارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.

لِنبَ گهٽي پر سيڪَ وڌايا،
ڏيديءَ يت ۾ ڏارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.

اوترُ تيز اُتي جي ڪاتان،
ٽِڙڪن ٿالهيءَ تارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.

گهير، گهٽيءَ وٽ وَر وَر گِيها،
ماڳ وڪوڙيو مارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.

"استاد"، آس اُداس ڪرين ڇو؟
اوتِج اُڌما آرَ، او يارَا مهل ملي آ پياري پياري!

•

---

جارَ: شوق، عشق. اُڏيهي: جيت جو ڪاٺ، ڪتابن کي کائي ٿو. جنڊِو: لانڍيءَ جو.
گهنگهڻ: جيت جو قسم، جو ڪاٺ کي کائي ٿو. (ڪاٺ سُرو). لاڻُ: لانڍيءَ جي وچ واري ڪاٺي.

www.sindhsalamat.com

## ڪاهوڙين ڪيڪار

○

مڙيئي ماجي، موڪي، ميخانو، مَئيون،
جاڻ آيا جاجي، متارا جي محبتي.

○

مَنهن محبتي، مَرڪي آڪج آجيان!
پهتا پاهَت تي اچي ماڻهو محنتي،
محفل هيءَ مَتي، پگهر، پريت، پتوڙ سان.

○

سوبي سِڪ سُوڌي، ڪري أيي آڌرياءُ،
”يَلي آئيو ڏر - ڏُٺيا، يَلي جٽيو ماءُ!“

○

اٿيو ڪري آجيان، صدين جي ساڃاهہ،
”هُجن سَوين.ساهَہ، مان تان، آن تان واريان!“

○

اڪٺين چوان آجيان، چَپين ڪريان چاهَہ،
سِڪڻ، سينو، ساهَہ، اُتن: سَدا آئِيو!

○

اٿيو آس نٿين ڪري، اوسرَ آڌَرياءُ،
سونهاري ساڃاءَ مان صديون وٺنديون .ساءُ.

---

ماجي: ’جاجي‘ جو ضد، ميزبان. پاهت: معاهدي جي حالت، موافقت.
ڏر - ڏٺيا: ڏرتيءَ چونڊيا، ڏرتيءَ جو انتخاب. سونهاري: سونهن پري، خوبصورت.

www.sindhsalamat.com

○

مارڳ محبتي، ڪاهوڙين ڪيڪار، جو،
اُن جي اَرڳ، اَمنگ سان ڏرتي رنگ رتي،
تڏي يان ڪِ تَتي، ڏوڪيو، ڏوريندا وتن.

○

يميي پَليڪارَ، اتي آڪ ادب سان!
اگڻ تنهنجي آئيا، سڄڻ سرجڻهارَ،
ميخانو موڪين پيا، ڪُلي ڪلاڪارَ،
مڙيئي ميخوارَ، متان پائئين پورڙيْ!

○

ڪلاڪارَ ڪلا، سُوڌا، تو دز سهڙيا،
سُپنيائون سُر، سُرت جا بيحد ڏور پَلا،
ايڏو آنڊُ اِلا! بَلا، بادي - ڏُنگ ۾.

○

هٿن ۾ هٿيارَ، نيٽن ۾ ناتا نوان،
پانا، ڏاتا، بيلچا، مُترڪا مَٽدار،
ڪاهوڙين ڪيڪار، ڪرٽي پونديءِ قرب سان.

○

وَستيئون ويرانا، محبت، محنت سات سان،
گُلي گُلِي گانا، آن جي گونجَ گلابَ جا.

○

سِيءَ ڪراين سارَ، ٽِپهري نِيري ٿَري،
ڏُولهہ تواري ڏُوارَ، ويندي وات وري پيا.

---

ارڳ: مرق، پگهر. پليڪار: آجيان، خوش آمديد. ڪُلي: ڪل ئي، سيئي.
بادي - ڏنگ ۾: شراب جي مٽڪي ۾. تواري دوار: تنهنجي در، تنهنجي اوتاري.

www.sindhsalamat.com

○

موڪيون، ميخانا، ماڪيون، ڪِير، رَسُون، چَسُون،
پينُون، چَنگ، پانا، ڪُوند اوهان جون ڪِيرتون!

○

ڏِينهَن ڏينهُون تِي ڏنگيو، مُندُن بنجي مارُ،
اوتج ڪو اوتارُ، پيتي پيڙ مري پوي

○

تڙپئون تارو تار، رڪيو آڳ رڳن ۾،
پلتي آڳ پيار، لوھُ ڪَتيندو لوھ کي.

○

مُلڪُ نہ محفل مَٽُ، ڪٿي جا نِينهن نويڪلي،
"مرسان مرسان سنڌ نہ ڏيسان"؛ حال نہ پر مان هَٽُ،
جاليان توسان جهَٽُ، باقي جيوَن پُونءِ جو.

○

مون کي آڃ نہ مَٽُ، موڪي، مَدُ مهراڻ تون،
ڏِينهن ڏني ڏيئو ڪٿي، چاڻو يا ڪو جٽُ؟
پڙهي پَدر پَٽُ، گهُرجي گهر پلا چو؟

○

جَلون سان جي جي چوان، ڏيان جذبن ۾ جايُون،
هِنئين هيجن هنجَ ۾ سيجُون سَجايون،
اڪين تي، آيُون، جينڏيون، منهنجون جيوَتون.

---

پينون: قلر. اوتارُ: اوتارو. ترياق، نوڙ. پڙهي: ملي، حاصل ٿئي.
گهُر: چَر، زمين ۾ جانورائو گهر.

www.sindhsalamat.com

○

ڏنيايا جي ڏاڏ، جَلايا جي جُوءِ،
ڪَلالڻ تو ڪُوءِ، مَچي پهتا مينڌرا!

○

خوشي ۽ خُوشبوءِ، اوتي ڏين اِتان جِتان،
رَچي ريتِي رُوءِ، مَتارا مهڪي هلن.

○

جيڏيون منهنجون جيوتُون، اڱڻ مون آيُون،
آرهايون اُڪڙي پڳيون، سهڙيون سَرهايون،
وِسنديءَ ورهايون، خوشيون، ڪِينءَ منيون پيري.

○

تاٻَن مُڙسَ تڪائيا، تچڪايا تاٽي،
تڙنديِ تاٻڙنديِ رسيا، تو تاٽي تاٽيِ،
ميخانو ماٽيِ، هاٽيِ جُوان جَري هليا.

○

ماڪُن مَنجهان موسمَئو، ڊَنڊُون ڪي ڊايُون؟
مِينهَن مَهڪايُون، ميخانيِ جون موسمون.

○

ميخاني جون موسمون، مِينهَن مهڪايُون،
ڪَڻ ڪَڻ جي آڪارَ ماڻ اوريڪُون آيُون،
ويرمَ ورچايون، ڪنئين صديون سَهجَ جون.

---

ڪِينءَ: صحت، سگهائي. جري: جوڌا، پهلوان. ڪڻ ڪڻ: ذرّ ذرّ، بوند بوند.
اُوريڪون: وسڪارا، وڏيون برساتون. آڪار: روپ، صورت.

www.sindhsalamat.com

○

ڳوٺاڻن ڳيرن، ڪهڙي ڪَل ڪلال جي؟
دلبا هُن جي ڏِنِ ۾ گفتن ۾ ڪي گُنَ،
پيري ڏياري پِنّ، ويري ٺاري هينئڙا!

○

ڳليون، جوڙا ڳِڳَ، ساڙو پارا سيم ۾،
ساغر سُوڏي ساٿ ڏي، سوڙها ڳنڍيون سَڳَ،
آءُ ڏڳائي آڳَ، سرديون، سُور پڳهاريون.

○

موڪي، هي ميخوارَ جُڳن جا جهُونجهار ٿِيا!
اوتي آتشدان ”مان، جامَن ۾ وجهہ جارَ،
آئي جيئيون آرَ، پنيت ٻار، ٻِتاڙ ٿئي!

○

صديون ڪُهني سار، تازي اڳ ۾ تاڙ ۾،
اوتي مَتَ اِتهاس جا، پلٽي مَت پيار،
موڪي، سَپ سنيار، ميخانو ڪيئن موڪجي؟

○

ٻُوساٽيل ماحول ۾، دُونهاٽيل بادل،
ميخاني ڪي گودڙي اونداهي پاتل،
ٻانهون، ٻوجهون، ٻَل، نِجهرڻ ڪان نڪري هلو!

○

هوائن ۾ هٺونڪَ، ڪاٽان ڪوسَ - گهرن جي؟
بينُن بدران ٻٺونڪَ، چو، هيءَ موڪي، چپرين؟

پيري: ڦيرائي، ڦِتو ڪري. ويري: ڪنهن وقت، بعضي. آتشدان: باهہ جي ٻني، چلهو.
جار: عشق، شوق، جستجو. ٻتاڙ: هل هنگامو، گوڙ شور. مَت: سمجهہ، پرجهہ.
هٺونڪ: اوسني ٻانس، بدبو.

www.sindhsalamat.com

○

ڪاسائڪي ڪُوءِ، تي ڪيئن ڪُوءِ ڪلالڪي؟
چو هيءَ ڇَتَ ڇپر ۾؟ بادي ۾ رَت - بُو!
وسيل هر وَستُو، ڇنئرا، ڇهرا، ڇاهتون.

○

ڏوڪيندي ڏينهن راتِ، ڏُور نہ تئي ڏوگهو،
لَڪُ نہ ڪو لوگهو، ڪلالائي ڪُوءِ ڪي.

○

ڏجهي، ڏاڍَ ڏهِي، موکي توڏي موڪليا،
قاتِل، تو تہ ڪُهي، ڪَرنگهر اُجليا ڪين ۾!

○

تڪڙا تاسَ تَتا، پُرجهئون ڪين پَراپتون،
سَري لئہ سُرڪي ويا، وو، هو زهر وتا!
مَتن وَت متا، هيَن جامَ هَتن ۾!

○

متارا مَتا، ساتي، سَت - سَري تي،
پيڙ تي پَڙڪي اُتيا، ڪاڪڙ تي نہ ڪتا؛
توڙي رَت رَتا، پيالي پَت رکي ويا.

○

---

ڇت: ڪڪڙ بدبو، ٻانس. رت بو: رت جي ڏپ. وستو: وٿ، شيءِ، چيز. ڏوگهو: وڏي اڄ سخت تاس.
ست - سَري: سچي سري، طاقت واري سري. ڪاڪڙ: چلڪا، ڪلون، خسيس.

www.sindhsalamat.com

## وايون

متارا مزدورَ اَپڇرَ تو دَر آيا!
تو دَر آيا اَنڇرَ آيا.

تَنبَن هَٿ ۾ هاڃَ هٿوڙا،
ڇَمڪن ڇَنگ، چنجُورَ اَپڇرَ تو دَر آيا!

ڏاگ لَٽن تي، ڏاڳ اَکين تي،
واڙين ٻُونگر، ٻُورَ اَپڇرَ تو دَر آيا!

ڪِلنڊي ڪِيڪارين ڪتوري!
روحَ اَٽن رنجُورَ اَپڇرَ تو دَر آيا!

هي پَل حال سَلِي وٿ تن سان،
صدين جا ٿَن سُورَ اَپڇرَ تو دَر آيا!

اوجارا ”استاد“ اِهي ٿي،
گهَري گهُرجي گهُورَ اَپڇرَ تو دَر آيا!

●

---

اَپڇر: پري، حور، سهڻي، اَنڇر: تمام گهڻا، جهجها، جام، ڏو، ٻونگر: ڪچڙا ڪونچ، ٻور.

www.sindhsalamat.com

●

جاتي ڪاتي جُڄ او، هو جي هِن هَنڌ هيروان.

نہ ڪي لولي لَنگهٽا،
نہ ڪا آبي اُڄ او، هو جي هن هنڌ هيروان.

سو مان ناهيان سَسُئي،
سِنڌُو ناهي سُڄ او، هو جي هن هنڌ هيروان.

تارا ناهِن تِرورا،
راتيون ناهن رُڄ او، هو جي هن هنڌ هيروان.

مَحبَت موکيا ميندرا،
مُورَ نہ ٿيندا مُڄ او، هو جي هن هنڌ هيروان.

تُوتئي مان ترياق تِيا،
پاپن پاران پُڄ او، هو جي هن هنڌ هيروان.

اديون ڙي "استاد" جا،
اِيهي اهم اُهڄ او، هو جي هن هنڌ هيروان.

●

جڄ: ڪاڄ، وهاڻ جي مالي. لولي لنگهٽا: ماليءَ جا بکيا. مڄ: ناس، نابود.
توتيو: زهر جو قسم. پڄ: نيڪ ڪم، سخا. اُهڄ: نشان، پار پتا.

www.sindhsalamat.com

●

مهمانِي مَرڪي، پيارين پاٽان جي پريِ!
جهاتِي پاءِ جهَروڪَ مان، جُوءِ سڄي جهَرڪِي!
سُرهِي تُنهنجِي ساٿَ سان، ماٿَر تِي مَهڪِي.
مُرڪِي پَئُہ نِي موهنِي! پُونَم ڪَر پَل ڪي!
تُنهنجِي تَن جي ريسَ تي، چاندوڪِي چَمڪِي.
جهَنڊو جهولِي جيت جو، ڦُوهَہ وَهِي ڦَڙڪِي.
عِشق ڏنا "استاد" کي، پنيرڪِي پَرڪِي.
مهماني مرڪي.

●

مرڪي: خوش ٿئي، فخر محسوس ڪري. جهروڪ: جاري، دري، سوراخ.
ماٿر: ماٿري، وادي. موهني: من موهڻي.

www.sindhsalamat.com

●

جَرڪِي جَرڪِي ڇانيا، تڙپي تَڙپي آيا،
تو پڻ تڙپايا!

گهَمسانن جي گهير ۾، طوفانن تايا،
تو پڻ تڙپايا!

تاسارا آرا ڪٽيِي، اوتاري آيا،
تو پڻ تڙپايا!

ميخاني جي مَهڪَ جو؟ ڇيڇيءَ جي ڇانيا؟
تو پڻ تڙپايا!

ٽنيَن، بُرجَن تيلهيا، ڳِليُنِ ڳل لايا،
تو پڻ تڙپايا!

اونداهيُن اُجلائيا، چاندوڪيُن ڇايا،
تو پڻ تڙپايا!

تنترجي، مَچري اُٿيا، ساڻ اتن سعيا،
تو پڻ تڙپايا!

ايرادا "استاد"۔ جا، گهايا، گهاگهايا،
تو پڻ تڙپايا!

●

گهير: گهيرو، چڪر. ڇيچي: بدبو، گندگيءَ جي ڌپ، بري بانس.
ايرادا: ارادا، قصد، عزم. گهاگهايا: اڪتي وڌيا، ڪڏيا، خوش ٿيا.

www.sindhsalamat.com

•

پيئنبدي پَئينبدَ پيا،
اڙجي آوندَ ويا، موڪي، موڪِ متارا!

ساغر، ساز توانا تازا،
رمزون، راز پيا، موڪَي، موڪِ متارا!

ڏيل ڏياتيون، لونءَ لونءَ لاتون،
ڏاتون ڏيهَہ - ڏِيا، موڪي، موڪِ متارا!

يا تِي ڪِرٺا يا تي جهِرٺا،
جهومي جوان جِيا، موڪي، موڪِ متارا!

ايندي تَنبيا، ويندي تڙپيا،
ٿهَرمَ ڪين ٽِيا، موڪي، موڪِ متارا!

محفل ماٺي هاٺي اُسريا،
خيرن ساڻ ڪِيا، موڪي، موڪِ متارا!

تَهيا پهتا پار ”بخاريَ“،
پوڙي رُوپَ ريا، موڪي، موڪِ متارا!

•

---

آوندَ: بي سمجهہ، سادا، بي ڏوهہ. موڪ: آجا ڪر، سرخرو ڪر. جيا: جيئا، زنده رهيا.
ٿهرم: ڌيرج، صبر، تحمل. ڪيا: مخمور، ميخوار. تَهيا: پڪا ارادا، عزم.

www.sindhsalamat.com

# وسڪي، جن، وُڊڪا

○

وِسڪي، جِنَ، وُڊڪا، جڙجن جَن جي جانِ سان،
اُنهن کي اُڊڪا، ٻوڏي کان وَڌِ 'ڊوز' جا.

○

وَندڄي پٿي 'وسڪي'، 'ڪونڊر' ناچَ - ڪلب ۾،
هڪڙي ڪوني ڪوٽسي، هڪڙي ۾ ڪِسڪي،
'ايور، نيور' کي چيو: 'اوڪي، نو رِسڪي'،
وِينگس چيلهه وَڪڙ ۾، ويتر دِل وسڪي،
خاص ڇُهاءَ ڪِسڪي، سَهڙيا، خاصَ حِصن تي.

○

ڪتي 'ڪِي ڪلبون'، ڪتي ڪُلف، ڪُنجون!
ڪتي مُنڊ ڏي مَنڊ ۽ ڪتي موت مُنجون،
پڇي وَسَ پُنجون، جُنيون توسان جُوءِ جون!

○

'هيروئن'، حشيش، موڪي، تُنهنجي ماڳَ ۾!
ڳٽتي ڳوٺاڻن لڳي، شهرن ۾ تشويش،
تاهم ڪنا تفتيش؟ وِڳهريو وِهُه وَڪر چو؟

○

پينگين وٽ 'بمبارٽ'، تاڙي، نرو، ڪنتري،
پيتي پيت ڦٽي وجهي، هڪ دڪ هڪ دڪ 'هارٽ'،
اُجو سچو آرٽ، اُگري آڳ ڳِهيو وڃي.

---

وسڪي، جن، وڊڪا: ولائتي شرابن جا نالا. ڊوز: (انگريزي شراب جو) هڪ وزن.
ڪي ڪلبون: (Key-Clubs)، هيروئن، حشيش: لشيداز شيون. تفتيش: جاچ، پڇا ڳاڇا.
هارٽ (انگريزي): دل. آرٽ (انگريزي): فن (فنڪار.

www.sindhsalamat.com

○

هنڌ هنڌ ’هيروئن‘، پنڊن ۾ پڪڙڻ لڳي،
’گهرڙن‘ منجهه گهِڙي چڙهي، ’پن ڪُشن‘ ۾ پِن،
ڏيليون، ڏيلا، ڏِن، ونڊجن وستيءَ وچّ ۾.

○

هر جا هيروئن، هر جاگهه هيرا،
آچن اُتر ڪان ڪَريو ڪَڪرَ اوهيرا،
ڪارا ڪوهِيرا، ٻَر، چڙَ وڃن چانئبا.

○

---

’گهرڙن‘ : جيو گهرڙن، خلين. پن ڪشن: ٽاچني گدي.
هيرا: طنز طور، هيروئن واپرائيندڙن کي ڪوٺيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com

# وائي

ميخاني جو مانُ نہ چاڻن، ڇيچ، وِچلا ويچارا،
آوارا، آوارا!

وِکُ ڇا چکندا، ڪوڪا ڪِلٽا، سَچُ ڀچُ سڪٽا سارا،
آوارا، آوارا!

خيرَ ڪتوريءَ جي ويـڙهي ۾، ڪِکُ ڪِنديڙن وارا،
آوارا، آوارا!

سُونهَن ڪٽي پَٽي ساهہَ تذيرا، شوق پَري شُوڪارا،
آوارا، آوارا!

موڪِي ويٺي ڳوڙها ڳاڙي، ساري مورَ متارا،
آوارا، آوارا!

گهُوگهِي، جُنگ جيالا ڳولي، جامَ مَنگي جهُونجهارا،
آوارا، آوارا!

ڌرتي توکي ويڙهي ويندا؟ وڀرَ پَريا ورتارا؟
آوارا، آوارا!

پــيلن کان بيزار زمانو، اجڪلهہ کي اوڪارا،
آوارا، آوارا!

آوارا "استاد" تِيـن مَــن! آئيـنـدي آسارا.

---

وِک: وِهُ، زهر. ورتارا (ورتارو): ڍنگ، ورتاءُ، برتاءُ. آسارا: سهارا، آسرا.

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

# دردن دوائون

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

# بيمارين جا پيد

○

بيمارين جا پيدَ، سمجهايو سُرتيا سگهن،
پڙهن پَنث نوان سنوان، ووڙن وِڇا ويدَ،
دردن جا دلدار ڪن، چندي، ڇاٽي ڇيد.
مرڻ ڪرينداميدَ، ندوري ناسُور ڪي!

○

ڏيهاڻا ڏاها، ويگن ويگاڻا ڪيا،
هڻن هٿَ سڄي تي روڳي راتاها،
وِهرا واءَ هڳاءَ ڪي پيارن واها،
مايا جا ماها، ڪايا قهر، ڪلور ۾.

○

ڌانهون منجهان ڌُڪَ، نِگي، روهَ رڳي ويون،
صدائون صدين جون اجان سيني سُڪ،
ٻاهر ڪيڏان ٻُڪ، ڌرتي هوند ڌُڏي وڃي!

○

سيم سموري سُور، سُور سموري سيم ۾،
اسان جي اِتهاس جو چمڪو چمڪو چُورَ،
کهڙو تارَ ڪٽٽي منجهان ٻَهڪي ڦُٽي ٻُورا!
تڙٻي تازو تُور، تہ ڪو نُور نئون مچي!

پيد: راز، ڳجهہ. پنث: طريقا، رستا. ميد ڪرڻ: ميدو آنو ڪرڻ، پينهڻ.
ويگ: مٽي ۾ سور، زهر جو اثر. وِهرا: چيڙاڪ، زهريلا. واهو پيارڻ: تڪليف ڏيڻ، ڏکائڻ (ڪوڙي شيءِ پيارڻ). ماها: قتل، خونريزي. ڌڪ: سٺيءَ جو پاهو، پاڪڙو (تمام سنهڙو سوراخ). تازو تور: نئين تهي.

www.sindhsalamat.com

○

ڏُکن ڏريا ڏِيل ڙي، پيڙُن ڪڙيا پِندَ!
اسين عين عذاب ۾، نيٽين کهڙي تِندَ!
گهاوَ وڃائي گهِندَ، جاڳائن تا جِندُ ڪي.

○

پَون آنڊين وَتَ، نوڪ نہ سُيون ماٺِ جُون!
قولِينِ چا تو ڦَت؟ وِويڪ آهِ وڏيو ميان!

○

نسُيون، ’تيلهيون‘ سانتِ، پَهَر پيڙ جَپي تہ چا!
پينگين ياندڀي ۾ وڏيون لوچُون ياتين يانت،
تَپن، تَڙپن تان تہ، ڪِنجهيو، ڪُوڪاريو وڃهن.

○

وِيلو، وَتَ وَلوتَ، لوءِ لوءِ پَت تي ليٽڙي،
قِيتن ۾ ڦڙڦوت ٿي، ٻَنِن وت پرڙوت،
محلن وڻان موتَ: ”چوڏس ڪيڏو ڇهڇهتو!“

○

وِيلو، پيتَ - وَلهوتَ، ”لُولُو نينگر“ ليٽڙي،
ڏِسيو ڏاهو ڏڏ چئي: ”چريائيءَ جي چوتَ!“
سَرتا، يائر، سوتَ، پينگئي پيڙو ڪير ٿئي؟

○

نِهوڙيو نڙگهٽ، ڪُوڙيون ڪَليُون، ڪاڪڙو،
گَلو آجو ٿئي، ڪريون گجگوڙون گهُوگهَٽ،
تـڙپي تَنت تنت ۾، ڪَهڪايل ڪُوڪَٽ،
ماٺِ مُنجي مَرگهٽ، متان مفت مري وڃون!

---

عين عذاب: خاص عذاب، رکو عذاب. وويڪ: ضمير. ’تيلهيون‘ : (گلوڪوس وغيره جون بوتلون، ڊرپس). مَرگهٽ: موت جو گهاٽ، مساڻ (مقام).

www.sindhsalamat.com

○

گهُنّيا گهِٽ خُناقَ، نِپوتِي سَرِلِي نِڙي،
چوچي چَنِ چڙي اها آنڌاري اوطاقَ،
جاڃ جتي ترياقَ، پهچ جتي پوئواريون!

○

نزلو، ناسُور سُڪ، واسُ، وڪوڙيو چا وٽي؟
لوءِ لوءِ ليس لڳي چڪو، ٺوهئي ٻڌي ٽُڪ،
مُلڪين مَهڪون ٻُڪ، هِيرون ورچينديون وتن.

○

نزلو، ناسُور، بَندُ، بُوءِ سُنگهي چا پُونءِ!
گهچلي واڇَ ڪِنديڙيو گهٽئين، گهاتين گندُ،
لڳي ڳندُ، سڳند، ساڳي ڳالهه سماج ڪي.

○

نزلو، ناسُور بند ٿيون، مَهڪ سنگهي چا ماڳ!
ويڙهي ڪي ويراڳ نہ تہ چَمن سارو چاڳُ.

○

واهُون وهمن روڪيون نہ تہ راهون ڳائن راڳ:
ٻلبل، ناهي ٻاڳ، بدبو، خوشبو ڪوششون!

○

ڪوڙهيو ڪُوڙ چڙي پيو، ٻيَس چيلهہ چُٽا،
ڦڦڙيس ڦٽ ڏڪڻ سان، چُپيا ڪين چُٽا،
ڦيڦي منجهه ڦُٽا، اندر گَندَ وِرُون ڪري.

---

خناق: ڪلي جي بيماري. نپوتي: گهٽي، لپوڙي، مروڙي چپياتي چڏي. ترياق: اڪسير، اوتار.
نزلو: زڪام، اکين ۽ نڪ مان پاڻي اچڻ. گهچلي: گندي، ميري. ڳندُ: بوءِ.
سڳند: خوشبوءِ.

www.sindhsalamat.com

○

ڇَپر ۾ چاليوُن، ڪَجل، ويڄُ ڪُڏو وجهي،
ڏاران هيجَ حبيب جي، اکڙيون اٻاليون،
الا، هي آليون، اُگهي ڪير اُنهي ٻنان!

○

اوندهه ۾ انڌاڻِ، پکڙي ساري ڏيهه ۾،
ٻيڙي ٻوڙي جُوءِ جي، ٻاٻن جي ٻوڙاڻ،
گگدامي گُونگاڻ، رهندو رَنيَ وڌيڪ ڪئي.

○

”اڄ جي اڪ اِتي“، يُومِي، ٻوڙ، ٻلو ڪجي!
سُکي ڪين سُتي تَتي، لُونءَ لُونءَ منجهه لُڇي،
ڪائِي صحت سُتِي؟ ڪوئِي ٻُڙو ٻُوجهه جو؟

○

تَن ۾ تاپولِي، سَرءَ، سِيم سَڙهي چڙي،
سيئي ڏڪڻي، تَپ، تَتَ، ڇَن ڇَن ڇاڇولِي،
ڏرتي ڏانڌولِي، ڏڏَن ڏنبي وَڏا ڏئِي.

○

ٻاهر ٻَٺونت بدن تي، اَندر ٻاهه ٻَنو،
ڪَوڙو ڪَٺُ ڪساب، جو ڪَلِيُن منجهه ڪَنو،
صديون ساهَہ سَنو، هائي هيجُ حبيب ڪو!

---

چاليون (چالي): اکين جي بيماري. ٻاٻن: وڏن (پوتارن).
تاپولي: تپاولي، سرءَ تپ جي هلچل. ٻٺونت: بخار، تپش، هلڪي ڪشش.

www.sindhsalamat.com

○

ٻاهر ٻَـڙهـ ٻَـرنِ، انـدر ڏانـڌَ، اَلاَ!
متان ماٺَ مِهر سان، ٽاندا ڪيئن ٽرن؟
تڏهن ٽَنپ ٽرن، جڏهن هيجُ حبيب تـئي!

○

جهوراٽي جي جهينڻَ، جهوريندي هوري رهي،
ٻرو ٻيڙ ٻين، هلڪي ڪٽس هلي ڪري.

○

ٻاهر ٻَرن ٻڙهـ، ڏِسيو ڏِيل ڏريو وڃي،
هنئين اندر هَڙهـ، انهيءَ ڪان اونها گهٽا.

○

ٻاراڻن جا ٻُڙهـ، جيڏا، منهنجي ’ڇڻِنڊ‘ ۾!
ڇاٽو، ڏاها، ڇڙهـ، ڪڏهن پنبي ’ڪوڙهڻ‘ جي؟

○

متان نمڪ ڇَٽ، هينان ڦقڙَ ڦَٽ،
انهيءَ ڪان نہ اُڦٽ، ماري، مارين ها چڱو!

○

متان ٻَدل ٻَٽَ، هينان ڇُپيل ڇٽ،
ساٿي ماري سَٽ، ڪِڪون ڪوليو ڇو نہ ٿا؟

○

هُڱاءَ – مُنهان هَٽ، ٻاندا ٻَدبوئين ٻريا،
سامهون مُنجهن ڇَٽ، ڇاٽوُ مَنجهہ سُنگهيو ٻچن.

---

ٻڙهہ ٻران: تيز تپ، تپ جا ڪَهڙ. ٽنپ ٽرن: زخم ٻرجن. جهينڻ: جهيٽو، هلڪو تپ، سنهو ٻر نہ چڙو تپ. ٻَٽ: ريشمي پٽيون، ڏيکاءُ. ڇَٽ: ڏپ، گندي بدبو.

www.sindhsalamat.com

○

فِڪرن ڪي ڦُرڙيون، ناسُوري نڪرڻ لڳيون،
گهمنديون گهٽين ۾ وتن اڻ – روڪيون اُرڙيون،
دِيدَ پري دُرڙيون، بيماريون بُڇڙيون ڏِسي.

○

مِڙي مامُوريون، پڪڙيون پائُرَ پَٽ تي،
مِڙئي مجبوريون، اُنيون مُلڪَ مَليرَ تي.

○

بُرجَ، پتيون بوڪرَ، پِنڊي پاپَ پناهَ جا،
ڏڙڪن هانوَ دَرن جا، ڪَنبن ڪُنگرن ڪَرَ،
اُٿن پيا اوٿرَ، ٿنيا، ٿاٺا، ٿَرٿلا.

○

هيڏِي جهڙپَ جهَپيٽَ، هرڪو هانءُ هَڇي پيو،
ڪيڏِي لُڪَ لَپيٽ! ڪيڏِي جَلَ جهڳن ۾!

○

سو تون صحت مَندُ، جي تون پرينءَ پَندَ سين،
سوچي وٺ جو صُحبتي چَون چڱا چندُ،
رَمُ اُهوئي رندُ، جيڪو سَتُ سگهو ڪري.

○

(اُرڙيون: (ارڙي) ماتا جي نموني جهڙي نڳري بيماري. دُرڙيون پرڻ: خوف، نفرت يا بڻي ڪنهن جذبي ڪان جسم جو جهنجهڪڻ، ڇرڪڻ، لرزڻ. مامورِيون: وچڙندڙ ۽ مهلڪ بيماريون. پَند: صلاح، نصيحت.

www.sindhsalamat.com

## وايون

هوئڻ تہ هرهنڌ سُور سڄهن تا–
دردن جا هِت ڏُنَ، الاڙي! دردن جا هت ڏُنَ!

اولهہ، اوڀر باهہ ٻري پَئي،
ڀون ۽ ملي پئي ڀُنَ الاڙي، دردن جا هت ڏُنَ!

ڏُک سُک ۾ ڍِن رين نچائي،
ڏرتي تنهنجي ڏُن، الاڙي، دردن جا هت ڏُنَ!

گونگي ڏرتي، گونگا ڏونگر،
گونگن ۾ ڪي گُن، الاڙي، دردن جا هت ڏُنَ!

اک ۾ آنسُو، تَن تي طعنا،
چڻ تہ چَلهي ۾ چُنَ، الاڙي، دردن جا هت ڏُنَ!

ڀهلائڻ سان يار نہ ڀربا!
ٿُنبيل دل جا تُن، الاڙي، دردن جا هت ڏُنَ!

اُلري رَڄ اتي، اُڄ ڪُوڪي،
سُڄَ نہ سمجهو سُنَ، الاڙي، دردن جا هت ڏُنَ!

مس مس مارا، تنهنجا لاتا،
منهنجي مارُن مُنَ، الاڙي، دردن جا هت ڏُنَ!

جنهن ڏاريو احساس ”بُخاري“،
اُڻ تڻ ماٺِي اُنَ، الاڙي، دردن جا هت ڏُنَ!

●

ڏُنَ: مرڪز. ڍِن رين: ڏينهن رات. ڀُنَ: ڀَڄ. ڀهلائڻ: ڀرمائڻ، وندرائڻ. تُنَ: سوراخ، تنگ.
سُنَ: ماٺ، چپ، بي حس. مُنَ لاهڻ: گهٽتائي ڪرڻ، زور گهٽائڻ، مانُ لاهڻ.

www.sindhsalamat.com

•

جيئڻ ڪارڻ جهَٽَ،
سياڻا مازن سَت، ڏاڏا، ڏِيل ڏَنيينِ لا!

پاپي، پاڳل، چئي ٻَڏن،
ڳيرو تُوڙن ڳت، ڏاڏا، ڏِيل ڏنيينِ لا!

پيارَ پتوڙي پاڻ ڪي،
پِندو، لَٽا – پت، ڏاڏا، ڏِيل ڏَنيينِ لا!

جهُولن ڏِيل جلال ۾،
ڦُولن وانگي ڦَٽ، ڏاڏا، ڏِيل ڏَنيينِ لا!

او، چو، ڪاڇي، ڪڇ ۾!
چو چيءَ، ايڏي ڇَٽ؟ ڏاڏا، ڏِيل ڏنيينِ لا!

هِيءَ جا هِير نئين هلِي،
خوشبو تنهنجي ڪَٽ، ڏاڏا، ڏِيل ڏنيينِ لا!

آزادي، ”استاد“ ها،
پنهنجا آجا پَٽ، ڏاڏا، ڏِيل ڏنيينِ لا!

•

---

لٽا – پٽ: جوش ۾ ڪپڙا پٽڻ يا ڪپڙا ڦاڙڻ. ڇوڇي ڇٽ: بيحڙي بانس، بيڪار بدبو.
ڪٽ: سوڀ. پَٽ: ميدان، ماڳ.

www.sindhsalamat.com

•

هڪڙي گهَر آزار هزارين، ٻئي ۾ عيش اپار،
توريو توراڙو.

ٻُونگا ٻَنءِ تي بار ٻڌيا، يا بنگلا آهن بار،
توريو توراڙو.

ڏاتي ڏِنگر ڏار گذارن، پاپيءَ پهريدار،
توريو توراڙو.

ڏاڙهن ڏادَ ڏهاڙي دَر تي، ٻَونڪن بيت ٻه چار،
توريو توراڙو.

ٻوڙا گهوڙيسوار، الاڙي! گونگا دڳ، دُوارَ،
توريو توراڙو.

بيٺا ڪَن اغيار بَغاغا، اورن يارَ عَيّار،
توريو توراڙو.

آءُ ۽ آهُون آر لڇون پيا، پريَم تڙپيا پار،
توريو توراڙو.

اونداها اوڙاهہ گهٽا، پر، چوراها چمڪار،
توريو توراڙو.

---

دوار: گهر، لنگهہ، در، ديس. بغاغا: بغاوت، دنگا فساد، گوڙ، شور.
عيار: مڪار، دغاباز. مار: نانگ. آر: درياءَ جي اورئين پاسي.

www.sindhsalamat.com

سِيمر نوان سينگار ڪري پَئي، آئينا آثار،
توريو توراڙو؛

ڪالهہ لڪاسين ڏونگر - ڏر ۾، اڄ آڪاسَ پسار،
توريو توراڙو.

آجهاران انڪار "بخاري"، اوراران اقرار،
توريو توراڙو.

●

آثار: نشان، اهڃاڻ. ڏونگر – ڏر: جبل جو غارُ. پسار: سير، گشت.

www.sindhsalamat.com

•

روئڻ ۾ به رهاڻ، او پينر،
بعضي بعضي!

دل ۾ درد ڇپيو ڇو ڇڇڪي؟
اڪٽرين ڏانهن اُماڻ، او پينر،
بعضي بعضي!

جهڙو سانجهيءَ ڏاري صحرا،
اهڙي آءُ اُباڻ، او پينر،
بعضي بعضي!

پورائيءَ ۾ پال ڪتي ڙني!
اوڳي، تيءُ نه اجاڻ، او پينر،
بعضي بعضي!

اڻ ترٽو آواز اتاري،
چيچن ۾ چڪتاڻ، او پينر،
بعضي بعضي!

مرضيءَ جو مختار ”بخاري“،
ڪيندو آهي ڪاڻِ، او پينر،
بعضي بعضي!

•

اُباڻ: اُباڻڪي، اداس، ويڳاڻي. ڪاڻ: غرض، محتاجي.

www.sindhsalamat.com

●

هوڏي ناوَ ڪڇن، وو، هيڏي هانوَ هڇن.
ڪوڙا مينهن وسي پيا، ننگا نينهن نچن، وو ...
جيئن تا چاهه چٽو ڪريون، تيئن تا مَڇ مڇن، وو ...
ڳاڙها ويس، مَتا رَتا، ريتا رَتَ اتن، وو ...
سوريه ماريا گهير تي، ڪانئر ڪيئن بچن، وو ...
ڪٿين ڪيرا ڪنونگهرا، پَٽين خواب گجن، وو ...
گهوريم جانِ تَني اُتان، جن ڪي جَن نه ڪَن، وو ...
او شل، روشن آسرا، چيري ڏُند اچن، وو ...
شايد اپــل، الول جا، پولا هيلهه پچن، وو ...
"استاد" آجي دَور جا، در در ناد وڄن، وو ...

●

---

ناڻ ڪڇن: نالا پڪارجن، نالا لڪجن.     رَتَ: ڳاڙهي، جنگي ڳاڙهي، ٻرڇين لڳل ڳاڙهي.
ڪيرا: (خيره) ساٿا، بي سَتا.     اپــل: نظربندي، تابعداري.     الول: بيماري، چريائي.

www.sindhsalamat.com

●

باھہ وِڃائي، نانگ، ٻَڃائي، ڇير ٻَڌوَ ڇَمڪايان!
ڇا ڇمڪايان؟

ھو ڪجھہ ٻوڙو، مان ڪجھہ گونگو، سپنو پيو سمجھايان.
ڇا سمجھايان؟

ھُن وَٽ ڦُتڪا، مون ھَٽِ، گجرا، ڦَھڪائي، ڦھڪايان!
ڇا ڦھڪايان؟

روڙن رَنگ، ڪلائِين خوشبو، پيلاٽا ٻھڪايان!
ڇا ٻھڪايان؟

ڪَک خزائون، ڪِک ھوائون، موسم ڪِي مھڪايان،
ڇا مھڪايان؟

جنّت جُوءِ، جھنمِ پولا، مُونجھارا مرڪايان،
ڇا مرڪايان؟

گھنگھَر گھيرينو ڇاھہُ "بخاري" آءٌ ڇوان ڇمڪايان!
ڇا ڇمڪايان؟

●

پيلاٽا: گھٽن وٽن، گھٽن پيلن وارا ھنڌ. ڪَک: تمام پوڙھيون، ڪراڙيون، جَنھر جھوَر.
ڪِک: بانساريون، بدبودار. پولا: پَلون، ڀِلطيون، وسوسا وھمر.

www.sindhsalamat.com

# اندر ئي انسان، اندر ئي حيوان

o

آندر ئي انسانُ، اندر ئي حيوانُ،
شيطان ۽ رحمان، ماڻهو پاڻ بڻيو وجي.

o

اندر اوت زهر جي، اندر ئي اوتارُ،
مَدو سوچڻ مارُ، سُوڏو هارُ سُڌارُ جو.

o

طبيعت ئي وِهُه وڏو، طبيعت تَرياقُ،
نفرت مان ناچاق ٿئي، چاهت وچان چاقُ.

o

عيدون اندَر ۾، پلجن، پکڙن، پُورجن،
پنهنجي ئي پَر ۾، ماڻهو ميلو، هيڪلو.

o

جلوا، جوت، جمال، ڏِسيو ڏوسو ڏنيجي،
ايڏا زهر زوال کي، جيڏا ڪِرت ڪمال،
خلق پسيو خوشحال، حاسِد هانءُ جَليو وجي.

o

بي چيني، بيمارَ، چولي، ڄاڄر تي لُڇيا،
هُوڪَ پنهي ۾ هيڪڙي آچارا آزارَ،
آچارَ ۽ ويچارَ، سُرِبُر سِيمَ سَجي ۾.

---

مدو: (منفي) سوچڻ. سُوڏو: (مثبت) سوچڻ. نفرت: (منفي نفرت).
چاهت: (مثبت چاهت). آچارا: وهڪرا، ڪهيرا.

www.sindhsalamat.com

○

بعضي بزدل ڏَپُ، بعضي ڪُونڌُ ڪروڌُ،
لرزي نوڙُ للهنگ تئي، اُلري سُورهيہ سَپُ،
ڪاتِي قلم ڪَپُ، ڪاتِي ڪُندري اڳِنٽي.

○

موسم وَرتو محرقو، وِقلي پيو وايو،
بيهوشي بيجا بڪي اوچن اچلايو،
سِياڻا سعيو! بِگڙي ساک بنائجي!

○

چاهت چِيهاڙي، چاوَت باز تِڙي پوي،
ٽاري هانءُ ڪنورتا، سُندرتا ساڙي،
ڇيهڙ ڇيچاڙي، اوڇو اَنڌُ، بَچون ڪري.

○

ٺَهڪِي 'ٺوڪَ' تِڙي، مجبوريءَ جي 'مُونجهہ' تي،
جيئن جيئن ڪستوري ڪِجي، تيئن تيئن خارَ ڪِڙي،
ٺَهمُر چو نہ تِڙي، ٺَقڪِي، ٺَقُ هٽي ڪڍي.

○

زوري روز رُسين، پنهنجي پَرتي پيار ڪان،
مُنجهي صبح مُسي وڃين، سَهمي سانجهہ سُسين!
ڪوٺيو رنج ڪُسين، ڪوهيو ڪِينءَ جهِڄين، مِيان!

---

ڪروڌ: غصو، ڪاوڙ. محرقو: سخت تپ جو قسم. وايو: واچ، وايومنڊل.
چاوت باز: دغاباز، دشمني پاليندڙ. ڪنورتا: سنگدلي، سخت طبيعت. ڇيهڙ: لچن.
گمڀيرتا، بردباري. اوڇو انڌ: بي ڍنگو، بي واجبي ظلم. ٺقڪي: پيار ۽ دلاسي واري
ٺڪي، پٺي ٺپرڻ يا منهن تي پيار ۽ دلجاء جو هٿ هڻڻ. ڪينءَ: خيريت، صحت.

www.sindhsalamat.com

○

چيري، ڦاڙي چاهه ڪي، چرچا ڪري چاتَ،
ٿاري هينئون ٿاٽُ ڪو، جلائي جذبات،
واهياتن جي واتَ، ڪيئي تير ڪشي هنيان.

○

ڇاتيءَ ڪي ڇاڪاڻ، ڇلين تو ڇڪتاڻ سان،
ڀَهڪين هٿي ڀُوجهه ڪي، ڀُڏتر سندا ڀاڻ،
ميان، مونجهه نه ماڻ، ڏيئي، سنسا سُونجهه ڪي!

○

ڪُڪ هٽي ڪاتي، اُن ڪان اڳ ۾ ڪولِ اڪ!
مان ٽون، ٽون مان، اٽنترا، ڄاڃي وجهه جهاتي!
ڇلينديءَ ڇاتي، پنهنجي، پَنبين، ڇا ڇوان!

○

پيڙين پنهنجو پاڻ، ڇو تو خامَ خيال ۾!
احساسنِ ايذاءِ ڏئي، ڇيڙين تو ڇڪتاڻ!
سرچي سُورنِ ساڻ، ماڻي زوريءَ مامرا.

○

آرزوءِ آزارَ، پو ٻه، صلاحون سانت جون؟
مُرادون مانداڻ ۾، مَن ڪاتان ماتار؟
ڪاتِي منجهه ڪپارَ، سوچون ڪيئن سُڪون ۾!

○

ڪيتر ڇَپ - پڪوڙ؟ ڪيتر پيٽ - وَلهوٽ؟
ڄيپي ڄِپ نه ٽِنپ ٽِئي، ٻِٽ ڪٽي ٻَرڙوٽ،
ٻيلي، ٻاٽنِ اوٽ، لاٿون ڪير لٽي سگهي!

---

چاٽ: چاوت، دشمني. ٿاٽ: دٻدٻو، شان شوڪت. ڀَهڪين: خوش ٿِين.
ڀُڏتر: وسوسا، دل من هٽڻ جي حالت. سُونجهه: تلاش، جستجو، ڳولا. اٽنترا: ڏِنگا، جهيڙاڪ.
پَنبين: ٽينگ ٽپا ڏين، نچين. ڇَپ - پڪوڙ: سُورَ پچائڻ لاءِ صبر ڪرڻ واري حالت.
ڄيپي: شعلو، ڀاهه.

www.sindhsalamat.com

## وايون

اڪرِيـنِ آلـو،
تارُونءَ تالـو،
پريَمر تون پُورالو، چتَرَ چتَرَ!

پيارُ آڳهاڻي پو پَٽَن پارهن، چَوپڙ وارو چالو، چتَرَ چتَرَ!

سِتَ سِتَ سُرَ ۾، پَد پَد گُرَ ۾، بيتُ پلي بيتالو، چتَرَ چتَرَ!

ڳهَنڳهرَ گهيريو گاڻُون گاڻُون، گُونگَن جو گوُشالو، چتَرَ چتَرَ!

گهُور تہ گهوٽيان، ڳاءِ تہ ڳاريان! گُوندر جو گهوٽالو، چتَرَ چتَرَ!

وايُون يا واويلا سمجهو، نغمو هو يا نالو، چتَرَ چتَرَ!

پيار وڏو آزارُ سڏين ٿو، ياڪُر پَل تون پالو، چتَرَ چتَرَ!

دِل پَرپُورُ تہ بَرٽُو ميلو، پورو پيارُ تہ پالهو، چتَرَ چتَرَ!

مَت وارو ”استاد بخاري“ ، محبت جو مَتوالو، چتَرَ چتَرَ!
پِريَمر تون پُورالو، چتَرَ چتَرَ!

●

پورالو: پورن وارو، سودائي، چريو.   پَٽن پارهن (محاورو): سڀ سٽائي، سوڀ.
گاڻون گاڻون: ڳوٺ ڳوٺ.   گوُشالو: ڳاين جو واڙو.   پل جان: پلي (اتر سنڌ).
برٽو ميلو: پريل ميلو.

www.sindhsalamat.com

•

سُونهَن، سِڪڻ جا سُورَ پرين!
سَچُ پَچُ ڏِين سُرورَ پرين!

گُوندرَ سارا غارُ ٿِين جي، گهاگهائِي ڪَنْ گهُورَ پرين!
دِهندا، تَهندا، وِتندا رَهندا، چاهه نه ٿيندا چُورَ پرين!
جَهڙي سوچَ، سچائي اهڙي، بُوٽا تَهڙا بُورَ پرين!
پُورَ اَنڌارا، پُورَ سِتارا، پرهه به پَنهنجا پُورَ پرين!
آءُ سٽاوا واوَ گهُلايُون! ويلَ ڪريون وَهلُورَ پرين!
جهُوپي جهُوپي جَنّت بنجي، هرڪا ناري، حورَ پرين!
مَتِ وارا مُختارَ "بخاري"، ماٺهو ڇو مجبورُ پرين!
سَچُ پَچُ ڏِين سُرورَ پرين!

•

گهاگهائِي: للڪاري، اِڪتي وڏي، خوش ٿي.

www.sindhsalamat.com

# ڏاڍو ٿيو ڏکندو

○

ڏاڍو ٿيو ڏُکندو، جَنِيو جِند جهليو وڃي،
جيسين پندو پيڙ ۾ تيسين پيو جُهکندو،
ڪوجيءَ ڪي ڪُکندو، ايڏو سُور اُڏو تہ چو؟

○

ڏُکندا، ٿيو ڏاڍو، ڪميو ڪِيڻ ڪنيون وڃين!
ويڄَ، بنيو واڍو، آرُ چڏيو، آرو وڃهين!

○

هر صدمو هاٺو، لُوهيو چَين لُٽيو وڃي،
مسئلا ماٺو، اچي اتڪيا پاڻ ۾.

○

’دِل – هڪو‘ ڏاڙيلُ، ڪهڙي وقت بہ ڪڙڪندي،
سارو ستُ ڦُريو وڃي، ڪُونڌن ڪارڻ ويلُ،
حڪيمن ڪان هيل، دل جي ڪانہ دوا ٿي.

○

پيڙون، چڙن پندَ، ريهون، ڪيهون راڄ ۾،
گهٽين ۾ گُڙندا وَتن، گهنگهر ڪنيون گهِندَ،
گهر گهر نشو، نِندَ، وتن ويچ وندون ڪندا.

---

ڪوجي: جاچيندڙ، ڳولا ڪندڙ (ريسرچ ڪندڙ). ڪُکندو: سَجهندو.
ڪيڻَ: خيريت، تندرستي، صحت. آرَ: پيار، محبت. آرو: ڪَرت. هاٺو: ڌاڙيل، لوڙائو.
دِل – دهڪو: دل جي دهڪي جي بيماري.

www.sindhsalamat.com

○

دردَ، هنيون ڏاڙو، صحت، سُکهہ سڙهيو وڃين!
اڄڪلهہ اِن آزار ۾ آڙو ۽ پاڙو،
آهنجن اڪاڙو، اڇي اڏيو اوڏڙو.

○

ڪاٺو يُونءِ پلي، پيئو، ڳاڙهي ڳُڙ جيان!
ڳري پوندو ڳلڦڙا، مُوذي مرض مَلِي،
اڳتي آنت هلي، ڦيڦا، ڦڦڙ ڦاٽندؤ!

○

وچڙندڙ ويڙهي وبا، پاڙن جا پاڙا،
ڏرتيءَ تي ڏاڙا، هر هر درد هٽي هِريا.

○

وَنگيو آجا انگ، موذي مرض مزا ڪرين!
لاڳت لڪ لڳيو وڃي، وجهين وڏا ونگ،
سَگها جَن جا سنگ، پريو ڏنڊ ٻچيو اڇن.

○

تَر سين تي تادي، بيماري ٻُچڙي وڏي،
ٽڙڪي دَڙڪي درد ڪان، هَر نَر هرَ مادي،
ڏڏن خوشي ڏيبَ جي، بَرتر بربادي،
وڪوڙي وادِي ماموري، ماها ڪري.

○

ڪينسر ڪاٽڪُو، جنهن تي ڪڙڪي ڪُوڪريا،
وڙهن ويري، واهرو دَر دَر دُوبَدُو،
آلا، آرزُو! او، تو ڪو تہ علاج ٽئي!

---

مَلي: ڳلي جي بيماريءَ جو قسم. وادي: خلو، ميدان. ماموري: وبائي بيماري، وچڙندڙ بيماري.
ماها: قتل غارت، وڏي مصيبت. ڪينسر (انگريزي): سرطان جي بيماري، ناسُورَ.

www.sindhsalamat.com

○

ڏَهڪو، جت ڏاڪُو، سَهڪو تِت، سُڪون ڇا؟
منهنجي مَنَ جي ماڳ تي، تباهيون تاڪُو،
موڳا نائي موهَه ۾، حڪيم ۽ حاڪُو،
ڪئنچون ۽ چاڪُو، ڪتڻ ڪاڻ ڪتا تيا.

○

ڏاها جڪرا جُوءِ جا، يا لاڪا لوڙائُو؟
پلائي پُون گول جي يا ڪَندن جا ڪائُو؟
مُوسيٰ، مِن، مائُو، يا نيرو، نادر، سامري؟

○

مجون تا دل – ديسَ مان وئي وديسي وائي،
سائِي، اُلي سيم ۾ سَمراجي آئي،
جَر مئي، جَرَ جائي، آسان ساڳيا آگ ۾.

○

ڏَهڪو: دِل جو دهڪو. سَهڪو: سهڪي جي بيماري. لاڪا لوڙائو: لاڪو ڦلائي، جو لوڙون ۾ ڪندو هو. موسيٰ: حضرت موسيٰ. مِن: هوچي مِن. مائو: مائوزي تنگ.
نيرو: روم جو ظالم بادشاهه. نادر: نادر شاهه. سامري: جادوگر.
سائي ۽ اُلي: بيمارين جا نالا.

www.sindhsalamat.com

# وائي

سُورُ ڙهي سُورَا!
سُورُ ڙهي سُورَا!
خيما وينو کوڙهي، سُورُ جايُون پيو تو جوڙهي سُور–
سُورُ ڙهي سُورَا!

چڳ چڳ ڪي چَمڪايان پيو پر رڳ رڳ ڪي تو روڙهي سُور–
سُورُ ڙهي سُورَا!

نَنهن ڪان چوٽيءَ تائين سائين! وينو سَنڌَ وَڪوڙهي سُور–
سُورُ ڙهي سُورَا!

لهر لهر چاچولي حِيلا، سوچون، سعيا ٻوڙهي سُور–
سُورُ ڙهي سُورَا!

آڻيو ڪو اوتارُ "بخاري"، تاڪي تاڪي توڙهي سُور–
سُورُ ڙهي سُورَا!
سُورُ ڙهي سُورَا!

●

اوتارُ: زهر جو توڙ، ترياق.

www.sindhsalamat.com

## ڏوليا ڊاڪٽر

○

ڏوليا ڊاڪٽر، ڳولا ڳوٺ، ڳليون سنڌ،!
ڪلا واريون ڪلنڪون، دارُون ڏرمل ڏَر،
اکيون تنهنجون ايڪسري، آڱريون آڌر،
مَشورا ماهر، ڪاڏا، ڪِريون، قاعدا.

○

ڏاها ڊاڪٽر، هيٺن جا همراهه،
سنگهيو سڃاڻيو سگهين ساوا، سُڃا ساهَه،
آتيتن جي آهه، توکي تڙپايو رکي.

○

ڏاها ڏاڪدار، دردوَندن جا دوسَ!
جَتَن اُتنِ تون ڪرين، بدنَ جي بيمار،
واهر، وَسَ، دَوا، دُعا جانِي جيءَ جيار،
حيلا، هيجَ هزار، صِحت قدرت ڪارِ ۾.

○

ڏوليا ڊاڪٽر، غريبن غمٽارا!
ڏِسيو ڏِيل ڏسيو، سگهين اندر جا آزارَ،
تو وٽ سازِ سين جي، سڪٽا، ساهوڪار،
کهڙو ڪُنبو، ڪُڙم پر بيوس سنپ بيمار،
انساني اطوار، توکي طِبّ ڏني ڇڏيا.

---

ڪلا واريون ڪلنڪون: ڪارائتيون، ڪامياب اسپتالون. ڪلنڪون (انگريزي): اسپتالون.
ايڪسري (انگريزي): جسم جي اندر فوٽوگرافي ڪندڙ مشين. آتيتن: سڃن، ڪنگالن.
دعا: نيڪ خواهش.

www.sindhsalamat.com

○

جُٺو جاچ جَرّاح! پٺي پُوڻ ۽ پِنڊي ۾،
وَڍِڻ، ٽُڪڻ ويچ ڪي موڪل آهه مُباح،
سعيو سَنجهه، صُباح، چيٺي گهاوَ چڱا ڪري.

○

نوان ويدَ نهار، نوان دَرد، دوا!
ڪِٿي واسَ وَسنتي، ڪٿي واءَ وَبا،
حيلا ڪوڙ ڪَبا، پاپي پيڙ پلي ٻه ڇو؟

○

تازا دَوُر طبيبَ، تازي طور دوا ڏي!
موذي مرض سمي ڪي، ٿهري گيس قريب،
اتي هرجَ هزارها، اتي هيڄ حبيب،
تنهنجي ريتِ عجيب، ويرِي، واهي ويدَ تون!

○

هيٺا ڇَڏِ حجابُ، حاذقَ هَڏِ نه الجهي،
ڏُجڻ منجهه نه ڏيج ڪو، سجڻَ سَل عذاب،
جنهن جو ناهه جواب، سو ڪو سوال سُجهي نه تو.

○

هيٺا اورج حالُ، سجڻ سُور نه سانديجي،
هڪڙو پنڊو پاههُ پيو پل پل پورِنِ - پالُ،
هڪڙو ڪيجن ڪوت پيو قربن ڪٺن ڪالُ،
پائرَ ڪريو پالُ، مڙئي مرض مُڃائجن!

---

جرّاح: وڍ ٽڪ ڪندڙ، سرجن. ويد: حڪيم، ڊاڪٽر. منجهه: ڳجهه، راز.
پورن پال: پور پالڻ، سوچون ويچار ڪندڙ. ڪيجن: مزن، خوشين.

www.sindhsalamat.com

○

هيٺا سلج حالُ، حاذقَ رازُ نہ رکجي،
تنهنجو سارو سالُ، هُن جو لمحو هيڪڙو.

○

حڪيمن هنڌ هنڌَ، ڪيئي ڪوڙهہ ڪڪوريا،
چيڻڻ سان چڱا ٿيا گوڏا، ڏوڏا گندَ،
سعيي ڪندي سَنڌ، سُڪا، ساوا ٿي چُڪا.

○

تون جي ترَ طبيبُ، سوچي سَتَ سُتي ڏي!
جاني، جيوتَ، جڳَ جي، زهري زنگُ قريبُ،
هڪڙو 'غورُ' گهٽو غني، هڪڙو غرق غريبُ،
هارج نِرهہ نصيبُ، پيارج آوجُ اُجامرو!

○

جاني، جوت، جمال سان جيوت ناهہ جنجال،
محبت، مَذيون، مالَ، هجن جال هميشه جي!

○

عجيب آهہِ، علاجُ، دُنيا، دردَ غريبَ جو!
آگهو عام اجا گهٽو، سگهو ڪيئن سماجُ؟
راهون رَدُ رواجُ، واهون بند وڙول جون.

○

گهِٽيون، گهاٽَ اگها، چِپَرَ، چَنِ سگها ڪئين؟
ڏورج، ڏيهہَ- ڏگها! سوچج، سيمَ سڃي ڪري.

www.sindhsalamat.com

○

ڏاها، ڏسُ ڏيو ڪو، پنڊيءِ ۾ پيڙون!
چڳُون چيهاڙيون تيون، رڳُون سي رِيڙون،
لوڪو، پڪوڙون، سڪُ سمهون ڪئين؟

○

ڪُرِي ڪينسر، ’سُپر پارو‘ سوچيو!
ڪوڙهيو ڪلر ڏرت کي، سهڪي کي ساگر،
فضا، زهري ڳئس سان وڪوڙي ويتر،
ڊوليا ڊاڪٽر! ڪارون، دارون، ڪوششون!،

○

ويچ وجهون وڙون، ڳوليون سَتَ سگهي کي!
ڳوليون، ڳئسون، ڳنڌڳيون، ڳجڪارون، ڳوڙون،
اڳ نہ سمي، سيم تي اِئين اهڙيون سوڙهون،
لوءِ لوءِ تي لوڙون، ويدو! لوڪو! توڙ ڪو!

○

ڪُرِي ڪينسر: دنيا کي ناسور لڳو.     سپر پاور (انگريزي): تمام وڏيون طاقتون.
توڙ: اوتار، ترياق.

www.sindhsalamat.com

# وايون

دَردَن لاتي دَڙ او، ووڙيو ويدَ، وِچائون!
او ويدَ وچائون، دوستَ دوائون!

چتڙيُون چولا، ليرُون لويون، پَٽ پَٽيهَر پَڙ او،
ووڙيو ويدَ، وچائون!

انسانِي احساسَ ڏڪيندا، انساني اوگهڙَ او،
ووڙيو ويدَ، وچائون!

بَنگِلا هوندا پَڙڳ برابر، پُونگا ڪاتي پَڙ او،
ووڙيو ويدَ، وچائون!

هِي چا ڪيتَ بُڪارا، هِي چا، تاسارا تَڙ تَڙ او؟
ووڙيو ويدَ، وچائون!

ڏاڏائيءَ جا ڏِيل ڏِسو تا: يِنيَ آنڊاري بَڙ او،
ووڙيو ويدَ، وچائون!

ڪاتي ڪُنَ ڪِنارا، ڪاتيِ، اوتارا آوتڙَ او،
ووڙيو ويدَ، وچائون!

چو تا پُونءِ بَدنَ تي باريو، بَمن ساڻ پيڙ او،
ووڙيو ويدَ، وچائون!

هيڏو سُورُ ”بخاريءَ“ اوريو! هي به ته هڪڙي هڙ او.
ووڙيو ويدَ، وچائون!

---

پَڙڳ: مضبوط، هوشيار.

www.sindhsalamat.com

●

ڪنهن ڪنهن ڪاڻ ڪُچان؟
ڪنهن ڪنهن لاءِ لُچان؟
ڏاها، ڏيُ ڏيو، (مَتان) پاڳل تِي نہ پوان،
جُنبَش، جوشُ، جُنون ۾، ڊُنيد ڪان ياڪ ڊُڪانِ؟
روئڻ ريجُ ڪري وجهي، هَٺہ هَٺہ هَڙهہ وَسان!
واڪا واهہ پَٽين مَن! ڪُوڪان ڪِيئن نہ ڪيان!
سهڪي ساهہُ سري ڪري، لاڙين لاءِ لُجهان!
چيخان گورک تي چڙهي: ايشا آمَن، امان!
اوني، آنور وانگيان، ماڻ چو مُفت مَران؟
سانگِي سڪتي سانت ۾، باقي ڪيئن بچان؟
سُرپُر آسَ، نراسَ ۾، اُٺ تُڻ ساڻ سٽان!
”استادَ“ عِشق اُمنگ .سان، چو چا چرڪَ چنان!
ڏاها، ڏيُ ڏيو، متان؟...
پاڳـل تي نہ پـوان!

●

نورک: جبل جي چوٽي، ڪيرٿر (ضلعو دادو)، اونو: نماڻو اونو، اُنور: پروفيسر انور علي.

www.sindhsalamat.com

•

ڏِينهان ڏنيجان،
راتيان رَڏجان، چِينُ، ڪٿان آئيان؟

مُڪڙي ناهيان، ماڪَ رُئِي مان مُرڪايان مَنڙو،
روئـي، روئـيان،
ٿهڪي، ٿهڪان، چِينُ، ڪٿان آئيان؟

مُنهنجو جِيوَنُ جڳ مَڳ جاني چوماسي وانگيان،
بعضي باران،
بعضي طوفان، چِينُ، ڪٿان آئيان؟

نيڻ بہ لاتم، پيچَ بہ پاتم، پيارَ بہ ماڻيم پَر،
تو بن تـڙپان،
تو سان جهُومان، چِينُ، ڪٿان آئيان؟

سوچَ، سِڪَڻُ سيمابُ "بخاري"، سو مان سيمابِي،
هلندي صَدمان،
سُمهندي سَپنان، چِينُ، ڪٿان آئيان؟

•

سيماب: پارو (بي چين).

www.sindhsalamat.com

●

دوستَ مَتيو دَرمانَ، دَمِ دَمِ درد مَٽِن ٿا دؤرو!

مُنهن مُنهن جي مَضمون مٿان هي، آنسُنِ جا عُنوانَ،
دمِ دمِ درد مٽن ٿا دورو!

هِتڙي هيرَ – پَري ڪيئن هلندي، دگ دگ تي دُوفانَ،
دمِ دمِ درد مٽن ٿا دورو!

گهَر گهَر ۾ گهَمسان گهُسِي پيا، دَر دَر تي دَهمانَ،
دمِ دمِ درد مٽن ٿا دورو!

ماڳ مَلاڙن لاءِ اُڪاسِي، تَڪ تَڪ دِيپڪَ تانَ،
دمِ دمِ درد مٽن ٿا دورو!

ڪاهي پيا ڪَلياڻَ مَحل ۾، ڪيڏارا ڪيڪانَ،
دمِ دمِ درد مٽن ٿا دورو!

تو، مُون ڪان پو تُنهنجا، مُنهنجا، او، ناهيون مهمانَ!
دمِ دمِ درد مٽن ٿا دورو!

ڪنڌِ گهَروندا، هٽندا ٻَمَ جي، اُبهَمُ تِي اِنسانَ،
دمِ دمِ درد مٽن ٿا دورو!

آڇي چَڏ "استاد" عوامِي، آنچَرَ اَمَنَ، امانَ.

●

---

آنسو: ڳوڙها. ڪيڏارا ڪيڪان: ڪيڏارن جا گهوڙا. ڪنڌ: براعظم.
گهروندا: مٽيءَ جا گهر، مٽيءَ جا ڍڳ، ناپائدار گهر.

www.sindhsalamat.com

•

سو مون کي سَجنيءَ بنا، چئه ته اڇي ڪيئن چين!

ليليٰ لُونءَ لُونءَ، قيسُ پُڪاري،
مَجنونءَ کي مَجنيءَ بنان، چئه ته اڇي ڪيئن چين!

واهڙُ کهڙو ڪَنڌيءَ ڏاران،
ساهَڙ کي سُهڻيءَ بنان، چئه ته اڇي ڪيئن چين!

مارُل مالُ، مَلير مِرئي هِڪ،
سانگين کي سِنڌڙيءَ بنان، چئه ته اڇي ڪيئن چين!

اوتُون، جوتُن ريءَ اڏوريون،
بادل کي بجليءَ بِنان، چئه ته اڇي ڪيئن چين!

گيتَ سوا "اُستاد" نه سوچيو!
ڪرشن کي بَنسيءَ بنان، چئه ته اڇي ڪيئن چين!

•

قيس: ليليٰ جو عاشق، مجنونءَ جو اصل نالو.

www.sindhsalamat.com

# ٻوها ڊاڪٽر

○

هرجا هيجَ حڪيمَ، هاڻو پڻ هَت هَتَ،
جَر تر، پڌَر پَت، 'دارُون – دارون' هُوڪرا.

○

ڳؤرا روڳي ڳَٿَ، ڳچيءَ ۾ ڳڻ ڳوت ڪي،
اوچي، چوچي ڇَٿَ، سُرها سهجَ ڳهيو وجي.

○

هَت هَت نيمَ حڪيمَ، هاتڪ پڻ هَت هَت،
گهايل ڳولن گهٽگهُرا، گهاتڪ روڪن گهٽَ،
ڪاتي ڦتڪن ڦَت، ڪاتي مَرهمَ قيد ۾.

○

هنڌ هنڌ آڌ حڪيمَ، هنڌ هنڌ وڌ هوڪا،
دوائون دردن وتيون، دلاسا ڏوڪا،
ڇَني ۾ چو ڪا، سگهائِي سِرجي نه ٿي؟

○

هڪڙن وٽ هَت جَسَ، هڪڙن وٽ هَٿ ڪسَ،
پرکڻ تنهنجي پُرجهه ۾، وسهڻ ويسه وسَ،
ڏوري پُورا ڏسَ، پيڙُنِ پاڙَ پٽائبي!

○

هَچين نيم – حڪيم! رَچين نه تو روچ مان؟
پرمائي پوپا ڪرين، پسم دوداُ، پيمُ،
اهڙا دؤر عظيم، ٺئوٽن ۾ تاريو ڇڏين!

---

هاتڪ: حاذق، قابل حڪيم. گهاتڪ: قاتل، جلاد، خونخوار.
هَت جَس: شفا، هت شفا، سَپ. هَت ڪس: قرلت، نڳي.

www.sindhsalamat.com

○

جاچڻ جراحن ڇڏيو، جهُوٽيو وجهن جهاڙَ،
پينڙ نہ پَٽن پاڙ، تاڙنِ مَلم تاچرا.

○

ڊوهاڻ ڊاڪٽر، تنهنجون ٿهر 'ڪِلينڪونِ'!
ڏنئرا ڳوڊن جا ٻَڌين، سوگها منجهہ سنگهر،
شيني سرڪايو ڇڏين، ڪارا ڪاريهر،
"ماڻ ڪريان تہ مُشرڪ ٿيان، ڪيان تہ ڪافر."

○

ڍَؤنگي ڊاڪٽر، ويري تنهنجا وَنگ!
ڦايسائيں ڦندا وجهي، اُڏرندا اڙٻنگ،
انجيڪشن جي آڙ ۾، ڏنيين، مارين ڏنگ،
پيارين زهري زنگ، پيلو پنڊ ڪريو ڇڏين.

○

انڌا عطائي، ڪُوڙا ٽٽوٽا ڪيترا؟
سُرڪا، سِيرُون، مالشون، سيڪا سَنسائي،
ويڄاٽِي وائِي، تون ڇا ڄاڻين ٽوپرا؟

○

ڪُهنا قاصائي، وي تو، سُونهن وڍي ڇڏي!
دقيانوسي ڏوڙ جي، تنهنجي ڇتن ۾ ڇائي،
ڳهِتي ڳهتي ڳهائِي، ڪَپِتي تنهنجي ڪات ڪان.

جهاڙ: ڦيٿو، شوڪارو. تاچرا: اڻاچرا، سطحي علاج.

www.sindhsalamat.com

○

تعدي ياڻ، ٽُڪا، ڏنئرا ڏڏ ڏنيين جي!
هٿ هِڪ تِڪ حاذقا، ٽيٽي مرض ٿُڪا،
ٻُلجي کين ٻُڪا، سُيون، سُرڙيون سوچ ري.

○

اندر چِلر چَٽَ، ٻَهڪن پَٽيون ٻاهران،
جاٽِي واٽِي چَٽَ، ڏاڍا ڏاها ڏيهہ جا.

○

'وَڍِ ڪَٽ ٽِٽيتر' هي جڳت، ويتر ٽئي وَڍ ڪَٽَ،
وَڏن ويڏن، ويل مان، ڦٽن منجهان ڦَٽَ،
پوي پيڙن پَٽَ، سا ڪا دوُر، دوا ڏجي!

○

---

ٽُڪا: ڪن درگاهن تي مريدن جي ڏورن کي ڏنيپ مُهر هڻن، تن کي 'ٽڪا' چئجي.
ٽيٽي: جاچي، چڪاسي. سُرڙيون: ماتا کان جيڪي سيون نڪن طور هڻجن.
ٽِٽيتر (انگريزي): جڳهہ، ڪوٺي، ماڏو.

www.sindhsalamat.com

## وائي

سُورَ سُئا سَهسايان! ڇو سَهسايان؟

تَنگا نِينهن، اُگهاڙا اُلڪا، پَڙويلا پَـهرايان!
ڇو پهرايان؟

وچڙيل، وڪريل چچريل آهيان، ڇنچل دل چورايان!
ڇو چورايان؟

پيارُ ملي دِل پَرچي، پَرچي، پِيڙُن ۾ پرچايان!
ڇو پرچايان؟

آجو هيجُ ”بخاري“ جهُومي، جهوبُن ۾ جهُومايان!
ڇو جهومايان؟

●

* پڙويلا: پردا، اولا. جهُوبن: ڏڪن، زخمن، گهاون.

www.sindhsalamat.com

## ويچ وڏا وهوا

○

ويچَ وَڏا وَهوا! نُسخا تنهنجا نانءَ چڙهيا،
لُونءَ لُونءَ جي لُچَ پُچَ ڪي آچين نَحس نشا،
وَهمن ۾ ويڙهين، ڪَرين لوچيندڙ لاشا،
چو چو ۽ چا چا، ويچارن وسري ويا.

○

ويچ وڏا وهوا، بانوَر تنهنجا بي بها،
ويهينءَ صديءَ تي وجهين پهرينءَ جا پاچا،
جاڻين، بُجهين چا نہ تو: سُرڳ، سڳڻ، سنسا،
بيشڪ تون باشا، داڙو، دعويٰ، دعي مدعي.

○

وهوا ويچ وڏا، ڏَڏَن جا ڏاڏا،
اچي آڏو ٻو آڏيا، ڪيڏا ڏنيپ - آڏا!
جوڏا، جُنگ، جَڏا، هڙئي تنهنجي هوڏ ۾.

○

واچَ، شَعوري وَهڪ، ٻڌڻ لڳو ٻوڳهہ تي،
تاڻي، تاڻي تَهڪ، ڏنا انڌي هوڏ تي.

○

چِسو - هانءُ چليِ، پرمي هر بيمار جو،
بيني خلق ڪلي، ڏِسيو اُلٽي ڏَسَ ڪي.

---

نحس نشا: نياڳا نشا. داڙو: وڪيل (ايڊووڪيٽ). بيجا هوڏ: غير واجبي ۽ اجايو ضد.
پرمي: سنسائي، وهمي.

www.sindhsalamat.com

○

زوري زوراورَ، هوكو ڏئي تہ حڪيم مان،
دوائون دولابُ ڏئي، بَڪرائي باوَنَ،
نہ تہ پيو ننڍاور، گوليون چُوٽ ڏيو چڏي.

○

ڪيو ذهن ذليلُ، اُهو زور زَٽي چڏي،
اَلو، ڏڏُ، عليلُ، اُتي: افلاطون مان.

○

لِكرائي لقمانُ، بَكرائي بقراط كو،
وڪٿائي وهمي وكر، سَنسائِي سامانُ،
دولابي درمانُ، دوا، دردَ ڏيؤ چڏي.

○

واديا، ڏاديا ويجَ، كاڌو تنهنجو كوپَ ڏي!
چوچا، وجهين چيجَ، سَڙهيو سينو سوڻهن جو.

○

حاذق، تنهنجي هُوڪَ، هنڌين ماڳين هيتري!
ڏارين دارُون ڏوڏَ جا، مارين مُڙسَ مَلوڪَ،
ينيون، يينگون يُوڪَ، هڙئي تنهنجي هيج ۾!

○

وڏا ڦنڌَ وَڏن، نَنڍا منجهہ ڦـڏن،
كُتا هوڏَ هَڏَن، بِلا، بُوتَ دكيءَ ۾.

---

زَٽي: زٽ هڻندڙ، وڏو كوڙ. اُتي: چوي. واديا: وڏيندڙ. كوپ: ڦهر، كلور.
چوچا: وچڙندڙ بيماري، كاهل، سست. يوڪ: بيوقوف، پاڳل.

www.sindhsalamat.com

○

هوڏان چَٽ پَڏن، هوڏان ڦَٽَ پَڏن،
ٽٽوٽا چو نہ ٽَڏن، ڦِيٽا، ڦوھہَ ڦلار ۾.

○

ڪُنيس، توڪان ڪيڪڙا، تون ڪيئن تَن طبيبُ؟
مُنيس، هوءِ حبيبُ، هاٿُو جيڪو هانءَ جو!

○

اُتيس ڏُکن ڪان چِٽان، وَنگيس ڏيھہَ - ڏجھن،
گھيريس، گھٽيس، گھوگھيسِ ويتر ئي ويڙن،
"ڪُنيس ڪُويڇن، تَن - طبيب نہ گڏٿا!"

○

لاتا هانوَ لَڏنِ، ڏسي ڏاها ڏنج ۾،
دواخانا ڏور ٿيا، آڏو ڪوڙ آڏنِ،
"ڏئي ڏنبَ ڏڏن، پاٿان ڏيل ڏڪوئيو."

○

ڪيڪڙو: سرطان، سمنڊ جو هڪ ننڍو جانور. هوءِ: هجي، ٻنجي.

www.sindhsalamat.com

## ڏڏن ڏنين وچ ۾

○

اوکا عشقَ علاجَ، اوکيون اکينِ عادتون،
اٿندي ٿي "استاد" کان وسريا رسم، رواج،
حُسن بنان هاجَ، سوچيان، ڪاٻه سُجهي نہ ٿي.

○

اکيُن منجهہ علاجُ، "بخاريءَ" جي بُک جو،
مَنَهن نيڻ مِنا چوان، ڪَجل سمجهان ڪاجُ،
منهنجي سِڪ محتاجُ، جانب تنهنجي جُوهہ جي.

○

بِرهہ ڪري بيمارُ، نہ تو هِنئين هيج ڪي،
عيش پلي "استاد" چئہ، عشق نہ هو آزارُ،
عُمِر پَر اوجارُ، پرين تُنهنجو پيار هو.

○

اهو جيڪو عشق آ، عزيزو، آزارُ!
اهو هو "استاد" جو عُمِر پَر آڌارُ،
جيڪو جِيوَن - يارُ، سو ڪيئن سڏبو اوپرو!

○

اوريان دل جو حالُ، دلبر ويدُ ملي نہ ٿو،
وجهان پنهنجي سمجهہ ۾ پُورَ "بخاري" پالُ،
پَيير ۾ يونچالُ، نَظر ۾ جهِرڻا ڦرن.

پال وجهڻ: پچائڻ (ڪوبہ ميوو پچائڻ لاءِ تجويز سان بند ڪري رکڻ). يونچال: زلزلو.
جهرڻا: آبشار.

www.sindhsalamat.com

○

سَليان سِڪَ حوالُ، حاذقُ هوتُ ملي نہ تو،
الا، شال ڪتي نہ تئي حڪيمن جو ڪالُ!
ڦاتس جو في الحال ڏَڌن، ڏنين وچ ۾.

○

گهُرجن موتئي گُل، پهچن ڪَندا ٻاہرا،
هي سپ هاسيڪار تئي، ويسر، پرم نہ پَلَ،
”بخاريءَ“ جا ٻَلَ، ساڃَن سمجهيون جهُومريون.

○

گهُرِيَم گلدستا، چُهنيم ڪانڊيرا،
آءُ ”بخاري“ اوريان، هُن پاران هيرا،
چيرن تي چيرا، مون کي ڏُک ڏئي چڏيا.

○

مَنگيم مَلم، تو ڪئي ٻَهلي دِل ٻيرا،
چاهيم هانءُ ترِي پرين، جلايئہ جيرا،
ڪيچَ ٿيا ڪيرا، هيجَ ”بخاري“ هَجَ ۾.

○

مون تي ڳايا راڳ، آنجهيءَ مانجهيءَ ماڳ جا،
آزادي – آواز کي دنيا ڏنا داڳ،
”بخاريءَ“ جا ياڳ، جهونجهارا جاڳي پيا.

○

ڏاهن ڏني ڏات، ڏَڏن ڏنا ڏنبَ،
اتي پئي ”استاد“ چئي هيڏان، هوڏان رَنبَ،
مَنهن، تلها، تنبَ، هوڪا ساڳيا حقَ جا.

---

پرم: سنسا، وهم. هيرا: طعنا، تنڪا، ڏڪائيندڙ جملا. ڪيرا: سَن، بي ستا.
ڪيچ: موج، خوشيون، لطف، مزا.

www.sindhsalamat.com

○

ڳولڻ ويچ لڳا، ڳوڙهين، ڳلئين روڳ ڪي،
ڏسي حَقُ - حڪيم ڪي موذي مرض پَڳا،
دَر دَر ناد وڳا، آزادي ”استاد“ ڌِتي.

○

قرب نہ چئہ ڪوجهو، اَڳلو عشق نہ هو، ميان!
سَپ نتيجو نينهن جو حُسن هِتي هو جو،
برهہ ڪنيو بوجو، جهُومِي سُونهَن - سَنوار جو.

○

عشق نہ عيب نہ عارُ، شوق نہ لولو، لنگڙو،
سيني وصفين سوهڻو، سُوڌو، سگهو پيارُ،
سوئي مُور، مدارُ ”بخاريءَ“ جي پُوڻ جو.

○

”بخاري“ بيڪارُ، ڪانهي ڪابہ اُڪير جي،
نظر، جِيپ، جِگر، دل برهہ ري بيمارُ،
ايڏو تم آڌارُ، جيڏو سِڪڻ ساهہ ۾.

○

اُمنگُ ريءَ اُڪندَ، ”بخاري“ بازيون ڪري،
ماندي برهماند ۾ ڪيڏن جئين ڪندَ،
مَندن متان مَند، آءُ وڪوڙيو واٽڙو.

○

آڌو رهبر آرزو، پوريان رهزن پَٽ،
ڏٺئون. موت، حيات ڪي ويني ڪاڌئون وَٽ،
سُرتيا ماري سَٽ، ٻاٽان لاٽ جهٽي ويا.

---

اَڳلو: ڳدلو، ميرو. مُور: مَنڍ، بنياد. مدار: انحصار. ماندي برهماند ۾: سنسار جي پنڌال ۾. ڪائنات جي سائبان ۾. جنهن تي گردش ڪجي. ڪند: براعظم. واٽڙو: حيرت زدو، اچرج ورتو. پَٽ: چڪ، سَٽ. وٽ ڪاڌئن: ڪرڻاڪ بيقراريءَ جو اظهار ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com

# ناهي ڪو ناسور *

○

ناهي ڪو ناسُورَ، اُتڻ ساڻ علاج جي،
دنيا، دردَن مان دَنگي، نڪري پهتي دُور،
يَلو يَلُ پريپورُ، اڳي ڪان اڳرو لڳي.

○

الڀ ناهہ علاجُ، دنيا، تنهنجي .درد جو!
اُتريو ڪاتي اُڀَ تان؟ سِنجريو هِت سماجُ—
ڪنهن کي پينگهو سَهج جو، ڪنهن کي ڏُکندو ٿاج؟
روڳي، رَد رواجُ، تَر ۾ تڳندو ڪيترو؟

○

درد، دوا، دارُون، صدين کان سنسار ۾،
مُڙن مرض نہ تا، مَجن حاذق چو هارُون؟
ڪندِي ڪُوڪارُون، اُسري آئي ارتقا.

○

دنيا. درد نوان مَڙهي، دؤرُ نوان دارون،
ڏکنِ ۾ ڏارُون، وِڃائون وجهنديون هلن.

○

’ايڊزي‘ آزارَ، لُوطي لرزائي ڇڏيا،
پيري فطري پڃڪڙي، اُڇلي ۾ آجهارَ،
ويچارا بيمار، جهوريا پنهنجي ڪارِ کان.

* ناسُور: سرطان، ڪينسر. پينگهو: هندورو.

www.sindhsalamat.com

○

نِپنا روڳ صديون هتي نِرڄا ناسُوري،
مَڙهِي ماٺهن تي وَئِي مُوذي معذوري،
ماڳان مامُوري ڪوري ڪڍبي حاذقو!

○

اڳ ۾ آهه اُپاوَ، اُپڙن درد، دوا ڪجي،
اُتئون ڪان اڳ ۾ اُجهن اوتر، اُلَ، اُلاوَ،
گهنگهر، گهوگها، گهاوَ، پهرين پاڙ پٽي چڱي.

○

قائم ڪج ڪِري، دائم درد تڙين جي!
ويجهو وڃ نه وِهُ ڪي، جنهن ڪان بُت بِري،
هيڪر هيرَ هِري، موتي مُڙندي موت تي.

○

وڍيندڙ جي وَڍَ، جهيري، جوڙي جِيوتون،
ڏسي آس، نراس ۾، ڏاها ڏِيَن ڏڍَ،
ڪارُون، ڊارُون ڪَڍَ، بيماريون پچنديون وچن.

○

ڏِيلن ڏُک نِپوڙيا، پيڙون پيڙن پنڊ،
هينئين پوڙيون هُرڪرون، ڪِيلين واري ڪِنڊ،
ٺُڪي ڪاٽِي تِنڊ، اُگهن اهنجَ – انگور جي.

---

مامُوري: وچڙندڙ، مهلڪ بيماري. بِري: بيزار، پري رهندڙ، آجو. هير: عادت
تِنڊ: آڪڙ، وڏائي.

www.sindhsalamat.com

○

تَپڻ منجهان تاوَ، پِندڻ مان پڌرا ٿيا،
گِيها گهَرا گهاوَ ٿيا، اُلون عامَ اُلاوَ،
يميت پڙڪا ياوَ، ڏاها، ڏسُ ڏڪِي ويا.

○

آيا خاص علاج، ويا سُورَ سماج جا،
دولهہ دؤر نٽئين ڪَيِ، ڏينهن ڏنا ڏاج،
ڪمِي، ڪڙمي، ڪاجَ، جرڪيا جُڳَ جهان جا.

○

سدائين سرطانَ، هوندا هينئن نہ لادوا،
تحقيقي ترياق ڪي ڳوليندا ڳڻوان،
ايندا دردن ڪان اڳي، دردن جا درمان،
آئيندا انسان، هوندا هيج هزارها.

○

پَهتا تَنَ طبيبَ، موذي مرض مُسي ويا،
رهزن رد رقيب ٿيا، سڄڻَ قربَ قريب،
ايجها آؤج عجيب، محبت، مؤجون، مارڪا.

○

---

گيها: هلڪا نشان، داغ، ليڪا.

www.sindhsalamat.com

# وايون

خُوشبُو تُنهنجي لهندِي ڪَلّ! ڪيسيتائين؟

هِيرَ هَجي پئي، بُوءِ پُجي پئي،
جهولن کي ڪا جهَل نہ پَل، ڪيسيتائين؟

”هوڏان باهہ تہ هيڏان پاڻي،“
جيلَ ڪُليل ۾ قيد ڪَنوَل، ڪيسيتائين؟

ڪارا ڪُنگرا، ناسي پَهرا،
ڳرندا تَن ۾ ڳاڙها ڳَل، ڪيسيتائين؟

مُومل سادِي، سُومل شودِي،
سوڍو سوچي تيڏي ٿَل، ڪيسيتائين؟

سونُ تہ چا پَر سيڻ ڪچن پيا،
ڏاتِي ڏِيندا آهڙي ڏَل، ڪيسيتائين؟

سيمَ سموري تلتي، ڪَرڙي،
پُونءِ پَلڙ تي خُونَ خَلل، ڪيسيتائين؟

هاءِ زمانا، تُنهنجي هوندي!
هِيسيل راتيون، ڏِينهن ڏنل، ڪيسيتائين؟

آجا اوڄَ ”بخاري“ اوجهي!
مَهڪيا مارُو، ٻَهڪيا پَل، ڪيسيتائين؟

●

سيمر سموري: دنيا ساري. اُوجهي: اوجهو، اوهيو (اشارو سامهون)

www.sindhsalamat.com

•

ستَجي ستَجي سُورَ، آوارا،
نيٺ تہ سينو ڦاڙي وڃهندا.

ڇولي ڇولي دريا ٻتٻا،
پَليا پلبا پُورَ، پيارا،
رڻ پٽ ريج، لتاڙي وڃهندا.

ٺيڪ تہ ساڳي ٺيڪيداري،
جن جا جهُوپا جهُور، سگهارا،
تازا، رازا تاڙي وڃهندا.

پوڙهيون سوچون پويان پاڇا،
اُيري ننڍڙا نُورَ، نيارا،
سومهڻيءَ ڪي ساڙي وڃهندا.

آريچا، پاريچا پرچي،
ڌرتيءَ جا پرپور، سهارا،
ڌوڌارا ڌونڌاڙي وڃهندا.

ايرادا "استاد" اڳاهان،
مرد اُٿي مشهور، مٺارا،
پنهنجا واعدا پاڙي وڃهندا.

•

آوارا: ڀٽڪيل. آريچا، پاريچا: (درياءَ جي) اورينءَ پرينءَ پر وارا.

www.sindhsalamat.com

●

او اهڙو ويرو! پاڙئون پيڙ پٽي سٽيون!

پيلو پنڊو جُوءِ جو، جلي پيو جيرو!
پاڙئون پيڙ پٽي سٽيون!

خوشيون چو تيون ڪوڪليون؟ ڪيچ بنيو ڪيرو،
پاڙئون پيڙ پٽي سٽيون!

اوڪن آزارن ڪيو، اندر آڪيرو،
پاڙئون پيڙ پٽي سٽيون!

جيون جيءَ گڏيو جتي، ڏنين جو ڏيرو،
پاڙئون پيڙ پٽي سٽيون!

نعرو دور نئون هٽي: درد ڪٽي ديرو،
پاڙئون پيڙ پٽي سٽيون!

اوتارو ”استادَ“ ڪو! ڦڪي ڪو ڦيرو!
پاڙئون پيڙ پٽي سٽيون!

●

---

ويرو: وقت، دَور. ڪيرو: سائو، بي سَتو. ڏيرو: ديرو، آستان. اوتارو: نوڙ، ترياق، علاج.

www.sindhsalamat.com

# آسارو اڪسير

○

آسارو اڪسيرُ هِڪ تِڪ هيج حبيب جو،
"استاد" آءٌ آڏير پر سچڻ ساڻ سڌير،
منهنجو ساهہ، سرير، جانِيءَ جَن جي جند سان.

○

مريض آ مايُوس پر ماهِر نِرَهُہ ناهِہ،
اجا آسَر آهِہ، حيلو هوءَ حبيبَ جي!

○

ڦٽيا انگ چُٽي ڦٽا، ڪَٽيا ڪين ڦُٽا،
ڇانگيا ڏار ڇُٽا، ڳنڍيا ڳات ڪٽي اٽيا.

○

ميان 'سرجن' ماڙا! صحيح سُور سڃاڻجو!
ڇِڳون، چوٽيون چُور ٽيون، رڳون، ٻُوٽيون راڙ،
اڻ هونداڻيءَ جا انسنا، ناڻيَ بنا ناڙ،
جيئڻ جن جوَ جاڙ، تن جي تات تنوار ڪا!

○

سمجهَہ - سگها سَرجن، سِرجن پنهنجي سنڌ ۾!
ڇيتاري ڇينُڻِ اگها، ويچاري ويڄن!
ٽُٽا تِڙڪيا انگڙا، ڳوپ هٽي ڳنڍيجن!
ڏِيانين ڏرجن، نُسخا نئين دور جا.

---

آسارو: آسرو، سهارو، اميد. آڏير: بي صبر، بي سهاري. نِرهُہ: نااميد، مايوس.
سرجن (انگريزي): جراح حڪيم. ناڙ: تباهہ.

www.sindhsalamat.com

○

وِڌو روڳَ وڳوڙُ، وَڏيو وِهُه رڳن ۾،
تڪڙو تَن - طبيب تون، تاڙج تَنهن جو تورُ،
جيتر وڃي جوڙُ، جاني، جيءَ جٿو ٿئي.

○

رڳ تي هٿ رکي، سياڻو سُور سَهي ڪري،
ڇُوڇو ڇَمر ڇُهي گهٽو، چاهت ڪين چکي،
آکي لوچ لکي، ڏسيو، سو ڏاهو ڪٿي؟

○

هو جي تُنهنجا هورَ، پريندي پرکي وٺن،
تڪڻ ساڻ ڪري وجن توانائيءَ تورَ،
ٿهڪن مان توهي سگهن پاتيءَ جيڏا پورَ،
اُنهن سان ڪر اور، سُٺن هُن هِنئين سين.

○

اوٻارو ٿي اورَ، سُٺن سين سُٺڻ ري،
تِڪا نيڻ لکي سگهن جهُولڻ منجهان جهور،
هِنئين ڦٽڪن هورَ، ڪئين سَتجن سانت ۾؟

○

جي تو سليا سُور، سُرتئي تَن - طبيبَ سين،
سُرتئي تَن طبيب جا تون پڻ پُرجهج پُور،
ٻِنهي جي ٻاقورَ، ٻئي ٻيپيري نہ پئي.

---

تورُ: اوتارو، ترياق. جوڙُ: صحت مند، نيڪ. ڇُوڇو: خالي، سبڪو، ٺلهو، سُست.
آکي: نظري، ڏيسي. توهي: ڳولي. پاتيءَ جيڏا پور: اندر جا وڏا خلا.
اوٻارو: اندر جو اوٻارو، ٻڙڪو. ٻاقورَ: راز جي ڳالهہ، ڳجهي ڳالهہ.

www.sindhsalamat.com

○

سَلج سارو سُورُ، سُرتئي تَن- طبيب سين،
تشخيصون تفصيل سين، تدبيرون ڀرپور،
مانديون مالِي حالتُون، مسڪينيون مجبور،
ڏُڪر تيندو ڏُور، سُڪَر ايندو سنڌ ۾.

○

تشخيصون: مرض جون شناختون.

www.sindhsalamat.com

# وايون

دَردَ ڪرين تو دَڙُون دَڙُون! دوست، دلاور دوا، دُعا!
دوا، دعا!

محفل پنهنجي مَچي رَچي!
هرڪو موکي هَڙون، وڙون، دوست، دلاسا دوا، دعا!

سوچُون لوچُون سَچيون پَچيون،
سَنسَن ۾ چو سَڙون سَڙُون! دوست، دلاسا دوا، دعا!

آزارن سان آگها، سَگها،
لوڪو، گڏجي لَڙون لَڙُون! دوست، دلاسا دوا، دعا!

ليلئِ، لِيلا جُدا آدا،
گهَر گهَر پنهنجون گهَڙُون گهَڙون، دوست، دلاسا دوا، دعا!

مُرڪون تُنهنجون مِنيون مِنيون،
ماکي، مصريءَ تَڙون تَڙون، دوست، دلاسا دوا، دعا!

سُونهَن، سچايون، يَلائيُون،
جانِي، جيوَنَ جَڙُون جَڙون! دوست، دلاسا دوا، دعا!

سُونهَن صحيفا لِکو، لِکون!
پيارُ "بخاري" پَڙهون پَڙهون! دوست، دلاسا دوا، دعا!
دوا، دُعا!

●

---

دڙ ڪرڻ: دٻائڻ، تنگ ڪرڻ، تڪليف ڏيڻ. جَڙون: بنيادي ڳالهيون، پيڙهون، پاڙون.

www.sindhsalamat.com

●

دردن جا دهمانَ، جانِي جانانَ، ايندا، ڏيندا دل جو دارون.

اتندا آرئون، ايندا پارئون،
دل وارا درمانَ، جانِي جانانَ، ايندا، ڏيندا دل جو دارون.

شالَ مرادون، شاديون ماڻن،
مانَ مَرن ارمانَ، جانِي جانانَ، ايندا، ڏيندا دل جو دارون.

واچُوڙن جان وِڪري ويندا،
گوندر جا گهمسانَ، جانِي جانانَ، ايندا، ڏيندا دل جو دارون.

دائم قائم دلبر دنيا،
موڙَ مڙئي مهمانَ، جانِي جانانَ، ايندا، ڏيندا دل جو دارون.

دَور ٿي درد ڏِين تا دلبرَ
دَور ڪندا درمانَ، جانِي جانانَ، ايندا، ڏيندا دل جو دارون.

زنده باد "استاد بخاري"،
جوش ئوان جولانَ، جانِي جانانَ، ايندا، ڏيندا دل جو دارون.

●

www.sindhsalamat.com

●

ڪيسءَ خوشاليون ڪوڙَ، ماڻهو، ماڻ مهان تي!
ماڻهو، هاڻ مهان تي!

ڇو هي هورَ شعور ۾؟
ڇو هي ويلَ ڙڪوڙ؟ ماڻهو، هاڻ مهان تي!

پولارن جي پيٽ ۾،
ويڙهين ڪوهَ وڳوڙ؟ ماڻهو، هاڻ مهان تي!

لولي ڪان وڌ گول ڇو؟
ايتم بم جي لوڙ! ماڻهو، هاڻ مهان تي!

سالم سکُه سهيڙجي،
روڳيءَ وجهجي روڙ! ماڻهو، هاڻ مهان تي!

سونهن، سچائي، بهتري،
واسَ، وَرن جي ووڙ، ماڻهو، هاڻ مهان تي!

"استاد" آهي اِڇا اها،
جيئي جاني جوڙَ، ماڻهو ماڻ مهان تي!
ماڻهو، هاڻ مهان تي!

●

ڪيسءَ: خيريت، صحت. سالم سکُه: ڪمائي طاقت.

www.sindhsalamat.com

●

لُونءِ لونءِ لالائِي، مِلندي صِحَت صَحيح سين،
وِجهليا[1] ڪَليُون، ڪاڪڙا، ڪَکَ ڪَڙا ڪائِي،
مِلندِي صِحَتَ صَحيحَ سين.

ڏُبرا ڏيل، ڏَرا اڪيون، سَنڌ وَتا سائِي،
مِلندِي صِحَتَ صَحيحَ سين.

جامِي مَنجهه جَرّاحَ جِي، ڪي جي ڪاسائِي،
مِلندِي صِحَتَ صَحيحَ سين.

آرهائِيءَ مان عاشِقن، سُونجهِي سَرهائِي،
مِلندِي صِحَتَ صَحيحَ سين.

ڪيرُون هِيرَ ڪٽي هلي، وَڻ وَڻ واڌائي،
مِلندِي صِحَتَ صَحيحَ سين.

آزادِي "استاد" ڏِي، آئِي ڪِي آئي،
مِلندِي صِحَتَ صَحيحَ سين.

●

[1] وجهليا: ڳريا، ڪَڙهيا، جليا. سائِي: (ذرقان) جي بيماري. ڪيرون: واڌايون، مبارڪون.

www.sindhsalamat.com

•

دِلداريون، دارُون،
ڍولڻ جون ڍارُون، سرتيون، سُورَ سڙي ويا!

دانهُون دَردوَندا ڪندا، ڪيسين ڪَنَ تارون؟
مُنهنجي مَحبُوبن ڏِنيون، مَرضن کي مارون.
مِلندي مَنٺارن ٿيون، تَپشُون تهبارون.
”دَر دَر دَرد ڏِکارجن،“ لوءِ لوءِ للڪارُون.
ايندي ديدَ، دَوا وِڏيُون، ڏُکندي ۾ ڏارُون.
آديون ڙي ”استاد“ کي، ڏرتيءَ آڏارُون.
سرتيون، سُورَ سڙي ويا!

•

وارون: سهارا، پناهون. تهبارون: چيهون چيهون، پُرزا پرزا.

www.sindhsalamat.com

# ثاني سرجٹهار

○

ثاني سرجٹهارَ، باني سِٹَ سَچارَ جا!
اصل اُپجي عشق ڪان، اُپڙي تو آڌارَ،
سونارا، اوجارَ توڪان ساهَتَ ساهَہ جا!

○

سو مون سرجٹهارَ، پُرجهيو تو ۾ پارکُو،
نوانِ نوعَ نِڪار، ڏيندو آهين ڏاتِ ڪي.

○

مَهڪيا مَهڪائين، ويتر وِترا ويرَ تون!
سَمجهڻ، سَمجهائڻ جو سالڪ تون سائين!
جيئن پو جَرڪائين، شيڪسپيئر، شاهہ تون.

○

”مَتو آهين مَچُ“، نفسُ هو نرواڻُ،
پر توئِي پرماڻُ، مُوڏِي مَچُ ڪري چڏيو.

○

مَحبت، مَحبت سان پلي ماپ مِنا او مَن!
”مَن سي مَن کو توليئي، ڪبهِي نہ هو دومن!“

○

هرهڪ نَظر هَت ۾ پنهنجي ڪَسَوٽِي،
چَمڪي ڪائِي ڪُندَ تي باقي ڪُل ڪَتِي،
گهُمِي تو بہ گهِٽِي، ساهَت جي سنسارَ جي.

○

سَهڪي سَرجٹهارَ، ساگرَ سيرَ اُڪارَ ڪئي،
چاچوليُسِ چا چوليُنِ، مَنديُسِ چا منجهدارَا!
ڪنڊِي تان ڪرتارَ ڏسين ڏاڍيون ڏاهپُون.

ساهَہ: پيرن کان سر تائين سڀ ڪجهہ (ڳهن جو پورو سيٽ).

www.sindhsalamat.com

○

نہ هي ڪپڙي ٿانَ، نہ هي پاپا، پانَ،
ماپيندين ميزانَ، محبت، محنت ڪِيئن تون!

○

ٺَهڪن، ٺَهڪن ٿاڻَ، ٺڙڪن، ٺڙڪن ٿاڻَ،
ميان، ڪهڙي ماڻَ! ماپيندين سڀ محبتون.

○

لفظن سان لهرُون مَئين، قياسَن سان ڪرٽا،
جُملن ۾ جهرٽا، وو هـَي وَٽَ، وَٽُون ڏسو!

○

تورين ٿو تنقيد سان، ٺَڙين جا طوفانَ!
جَن سان شامل شوق جا بي روڪا بارانَ،
ساهـمي، سامانَ آڻيـندين تـون ايترا؟

○

ڇُٽا ڪهڙي ڇوهَہ سان، ڪُتا ڪاٽي ڪانَ؟
ڪهڙي ريت ڪَٽُونِ ڪرين، تن جون نگهبان!

○

مٺن ڪي ماسا ڪَهين، ماسا چوين مَڻُ،
'پسند' 'نظر' چئي وجهين تہ پڻ ڳنڍجي ڳڻ،
باقي هيءَ بَڪَڻ: "مون جو آڪيو آخري!"

○

آندر مَعنيٰ اڪ، ٻاهر صُورت ٻَڪ!
ماڪِي گهٽو ٽي مِني، چاهت چُوسجِ چَڪ،
ماڳهن بنجي مَڪ، قِرندو قُرڙيءَ تـي وتيـنڻ!

---

ٽاڻُ: زمانا. ٿانَ: مڪانَ. باران: مينهن، برساتون.
پسند: (مقصد) پنهنجي پسند. نظر: (مقصد) پنهنجي نظر.

www.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڙِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

**پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ The Reading Generation**

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سپني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها ڳوڙها نيرا، ساوا تونڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ون ون کي مون ياکي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)